# وقت ۽ امتحان

(ناوليٽ)


ليکڪ:

**جي گلينوڊ ڪلارڪ**

ترجمو، ترتيب ۽ اسڪيچ:

**قاضي منظر حيات**



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

2010ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (139)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

## وقت ۽ امتحان

ترجمو ۽ اسڪيچ: قاضي منظر حيات
ڇاپو: 2010ع
تعداد: 1000
قيمت: Rs:50/-

**Catalogue Reference**
Qazi Manzar Hayat
Wakt Aen Imtehan
Children Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-45-1

## Wakt Aen Imtehan

By: Qazi Manzar Hayat
Edition: 2010
Quantity: 1000
Price: 50/-
Composed by: Ahsan Laghari
Title: Tolaram Soothar
Printed by: Pakeeza Printers, Hyderabad.
Published by: Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: sindhila@yahoo.com
Website: www.sindhila.org

هيءَ ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ٻاراڻي ادب جي هلندڙ رٿا هيٺ هن کان اڳ ۾ به اسڪولي ٻارن لاءِ ڪورس جي ڪتابن کانسواءِ واڌو پڙهائي ( Supplimentary Reading) لاءِ ٻيا معلوماتي ۽ دلچسپ ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن ته جيئن ٻارن کي نه صرف پڙهڻ جي عادت پوي، پر سندن ڄاڻ ۾ به واڌارو ٿئي. اهڙن ڪتابن ۾ قاضي منظر حيات جا ترجمو ڪيل سائنسي ايجادن بابت ٽي ڪتاب پڻ شامل آهن. سندس ترجمو ڪيل هي نئون ڪتاب پڻ ان سلسلي جي ڪڙي آهي، پر هن ڪتاب جي خاص خوبي اها آهي ته هن ۾ به قاضي صاحب خوبصورت اسڪيچ ٺاهي، انهيءَ کي ٻارن لاءِ ڪشش وارو بڻايو آهي. هي ڪتاب هڪ تمام وڏي ۽ اهم ايجادون ڪندڙ سائنسدان ٿامس ايڊيسن جي زندگيءَ جي اهم واقعن بابت ناول واري انداز ۾ لکيو ويو آهي، جيڪا ڳالهه هن ڪتاب کي خشڪ بياني تحرير بدران هڪ دلچسپ ڪهاڻيءَ واري تحرير بڻائي ٿي؛ جنهن کي نه صرف ٻار وقت گذاريءَ، تفريح ۽ ڄاڻ خاطر پڙهي ضرور محظوظ ٿيندا، پر وڏن کي پڻ هي ڪتاب ضرور پسند ايندو.

هن ڪتاب ۾ مترجم اصل لکڻيءَ جي روح کي قائم رکندي، تمام سهڻي انداز ۾ سولي ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ لکيو آهي، جنهن سان سندس ان ادبي خوبيءَ جي ثابتي ملي ٿي ته هو ڄاڻي ٿو ته ٻارن جي عمر جي لحاظ کان ٻوليءَ جي ڪهڙي سطح هئڻ گهرجي ۽ ان ۾ ڏنل ڄاڻ کي ڪهڙيءَ ريت ٻارن جي ذهني پهچ مطابق قائم رکجي.

اسان کي اميد آهي ته هيءُ ڪتاب به ٻاراڻي ادب ۾ هڪ اهم اضافو ثابت ٿيندو.

ڊاڪٽر فهميده حسين

# فهرست


- حياتي سپن جي ڪهاڻيءَ جيان — قاضي منظر حيات
- نئون ۽ پُراڻو وطن
- ڪيميائي تجربن جو شوق
- نئين زندگي، نوان تجربا
- ٽيلي گراف آپريٽر
- ڪاميابي
- دنيا لاءِ هڪ نئين روشني
- ايڊيسن ۽ چُرپر ڪندڙ تصويرون
- نوان دوست، نئين مُهمَ
- روشنيءَ جي گولڊن جوبلي

# حياتي سين جي ڪهاڻيءَ جيان

*هڪ هو بادشاهہ بادشاهہ پاڻ الله،پر هو زماني جو بادشاهہ...
*سو ڊينبو،سو ڊينبو واڻڙيءَ ڦِٽو...
*ڪُڪُڙُ پنهنجو يار ڪاڌم...
*ماري ميرِي هِڻِ هِڻِ بَگي. ..

... اهڙيون الائجي ڪيتريون سٽون ذهن جي ورن وڪڙن ۾ دٻيل آهن، هانوَ ۾ هُرن ٿيون يا ايئن ڪٽي چئجي تہ ذهن جي ڪمپيوٽر ۾ اهڙن فولڊرن جيان رهجي ويون آهن، جيڪي ظاهري طرح نظر تہ نٿا اچن، پر اهي موجود ضرور آهن. اهي سٽون، اهي زندگيءَ جا بي فڪرا لمحا يا ننڍپڻ وارو اهو زمانو سچ پچ يادگار آهي، جيڪو سيني جي حياتيءَ ۾ اچي ضرورُ ٿو.

مون کي ياد پون ٿا اُهي ننڍپڻ جا پيارا ڏينهَن. اُهي اونهاري واريون راتيون، جڏهن اجا ٽي . وي، وي . سي . ڊي ۽ ڪمپيوٽرَ گهر - ڀاتي نہ بڻيا هئا، تنهن وقت (74-1973ع) منهنجي منڙي امڙ، دوستن جهڙو ڀاءُ مقصود گل، شڪارپور کان مهمان بڻجي آيل سِڪائتي سؤٽ سعيده قاضي، سمهڻ کان اڳ سمورن ٻارڙن لاءِ ڊرامائي انداز ۾ ڏگهيون ڪهاڻيون ٻڌائيندي اهڙو تہ وڻندڙ تفريحي سامان مهيا ڪري ڇڏيندا هئا، جو اسان حيرت ۽ اتساهہ مان ڪين تڪيندا ۽ چاهہ مان ٻڌندا رهندا هئاسين ۽ ٻڌندي نہ ڍاپندا هئاسين ! اهو وندرائيندڙ سلسلو انتهائي مست ڪندڙ ۽ خوشي ڏيندڙ هو... اهو روز جو معمولُ هوندو هو. اهڙي محفل جي مزي لاءِ سارو ڏينهن انتظار ڪبو هو. انهن آکاڻين ۾ بي انداز مزو هوندو هو، خوفائتا عڪس، محنت سان مقصد ماڻڻ ۽ ماڳ رسڻ جا پُر لطف جملا... رات جو انهن قصن ڪهاڻين سان پٽُ مارائڻ جو اضافي پئڪيج پڻ شامل هوندوهو...

بي فڪرائيءَ وارا اهڙا پَلَ وري بيهر ملڻا ڪونهن ! آڪاڻين واري ان ميڙ ۾ اسان جا ننڍڙا ذهن، هر هر سوال پڇڻ تي مجبور هوندا هئا ته: ” هي هيئن ڇو ٿيو ... هي نه ٿئي ها ته ڇا ٿئي ها؟“ ڪهاڻي ٻڌائيندڙ ڌمڪيءَ واري انداز ۾ چئي ڏيندو هو ته ” چپ ڪري ٻڌو، نه ته ڪهاڻي بند...“ نه ... نه معافي، وري نه ٿيندو... چپ، چپ، ٻڌو ... بس ڪري ٻڌ...!

...وري نه ايندا اهڙا مزيدار موقعا!

وقت جو ڦيٿو ڦرندو رهي ٿو. ڏينهن، مهينا سالن ۾ مَتجيو پون! انهن قصن ۽ آڪاڻين ڪان اڳيرو ٿياسين ته اسڪولي وندر سميت ”گلن جهڙا ٻارڙا سنگت“ جو ماحول مليو. نصابي بيتن سبب شاعراڻي پاسي ڏيان/ ذهن گهلندو رهيو ته سنگت جون گڏجاڻيون، تقريري مقابلا، بحث ـ مباحثا، معلوماتي سوالن جا پروگرام ٻه ملندا رهيا ۽ انهن ۾ شموليت، ڪاميابي يا تحفن ۾ وري ڪهاڻيون اهم حيثيت اختيار ڪري ويون. ”شيطان جي ناني“ ”ڳاڙهو لالٽين“ ”ٽئلسمين يا غازي صلاح الدين“ ... اهڙا ٻيا ڪتابَ ۽ گهر وارو وري اهو ئي علمي، ادبي رنگ، والد محترم قاضي عبدالحيءَ جو انتهائي دوستاڻو ۽ شفيق رشتو، سچ پچ ڪتابن ويجهو وڃڻ يا ڇڪجي وڃڻ جو سبب ٿي پيا. اڇي اهڙو ڪهاڻيءَ جي ڪتابن جو چسڪو ٿيو جو هڪ ساهيءَ ڪنهن ڪتابَ ڪي ختم ڪرڻ معمول بڻجندو رهيو...

اجا اڳيرا ٿياسين ته اهو ئي ادبي، علمي ماحولُ ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو... گهر ۾ هفتيوار ادبي ميڙاڪا، سنڌ جي مشهور شخصيتن جي آمد ۽ انهن سان اٿڻ ويهڻ جو موقعو، بابا ۽ پائرن جو ڀرپور رهنمائي ڪندڙ روّيو، همت افزائي جو سبب بڻجي پيا. اسڪول ۾ ٻه مهربان ۽ محنتي استاد مليا، جن نه رڳو سبق پاڙهيا پر اندر اجارڻ ۽ اڪر سنوارڻ وارا اؤکا ڪم به سر انجام ڏنا. سدائين شروعاتي شاگردن واري قطار ۾ رهيا سين، انهيءَ ۾ پهرين وڏي ۾ وڏي ڪاميابي پنجين درجي جي اسڪالرشپ امتحان ( سال 1976ع)۾ پوري ضلعي ۾ پهريون نمبر آيم ۽ انهيءَ زماني ۾ ساليانو امتحان وٺڻ لاءِ آيل سائين ميمڻ غلام مصطفيٰ ”مشتاق“ ڪي منهنجو ناهيل دَستو ( فيئر وڏو بُڪ) ايترو وڻيو هو، جو چوي پيو ته هي ڇپرائيندس.

ڪهاڻيون ٻُڌندي، ڪهاڻين جا ڪتابَ پڙهندي اجا ذهني ۽ ارتقائي سفر ۾ واڌارو آيو. هاڻي پاءُ مقصود گل نئين ديري شگرمل ۾ نوڪريءَ دوران” نيشل بڪ فائونڊيشن “جا ٻارن لاءِ رنگين تصويرن وارا ڪتابَ، جو پڙهڻ لاءِ آندا، جن ۾ اسڪيچَ ۽ تصويرون ڏسي دل سَٽون ڏيڻ لڳي ته مان به ڪجهه اهڙو ئي ڪم ڪريان. دنيا جي مشهور شخصيتن جا احوالَ، تصوري خاڪن سان هتان هتان پڙهي پنهنجي لفظن ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪندو رهيم.

ڊرائينگ سکڻ جو موقعو بہ گهر جو حصو هو، ويتر جو انگريزي اسڪولَ ۾ ياءُ قاضي اختر حيات ڊرائينگ جو استاد ٿي آيو ۽ سندس نگرانيءَ ۾ اليمينٽري ۽ انٽر ڊرائينگ جا امتحان ڏنم ۽ حد کان وڏيڪ خوشي تڏهن ٿي هئي جڏهن حيدرآباد جي علائقائي خبرن ۾ سال 1977ع ۾ پنهنجو نالو ڊرائنگ جي امتحان ۾ پوري ريجن ۾ پهريون نمبر حاصل ڪرڻ تي ٻُڌو هئم. انهيءَ امتحان ۾ هڪ وڏو واقعو اهو بہ ٿيو هو، جو جاميٽريءَ واري پيپر ۾ ربڙ سان امتحاني ڪاپيءَ تي ليڪ ٿورو گهرائيءَ سان ڏاهيندي ڏسي ياءُ اختر اهڙي تہ چماٽ وهائي ڪڍي هئي جو پوري امتحان حال جا شاگرد وائڙا ٿي ڏسندا رهيا هئا !

... ها اهو بہ جيون جي ڪهاڻيءَ جو حصو آهي...

انهيءَ ڊرائينگ واري شوق ۽ اکرن سبب ڪچا ڦڪا مضمون هلال پاڪستان جي "گلن جهڙا ٻارڙا" صفحي ۽ "جهاتيون" ڪالم لاءِ موڪلڻ لڳس. مرحوم عبدالڪريم سعدي ۽ حسام سومري جي مهربانين ۽ همت افزائين اندر ۾ لکل ليکڪ کي ظاهر ڪري وڌو. "گلن جهڙا ٻارڙا" ۾ اسڪيچَ لکڻين سان ڇاپيا ويا ۽ ڪڏهن ڪڏهن منهنجا لکيل رف اکر بہ جيئن جو تيئن شايع ڪيا ويا. پوءِ تہ هر هفتي ضرور لکڻ ۽ هر هفتي ڇپجڻ جي شروعات ٿي وئي! لاڳيتو "هلال پاڪستان "ڪراچيءَ وارن سان اڻ لکيل عَهدنامي تحت روزانو سلسلو اجا تائين هلندو اچي ! جڏهن تہ ڪجهہ روشن خيالَ دوستَ سچُ برداشت نہ ڪري سگهڻ تي ڪاوڙيا بہ آهن ۽ انهن منهنجا ليکَ، شعر پنهنجين اخبارن/ رسالن ۾ ڇاپڻ بہ بند ڪري ڇڏيا آهن !

عمر جو گهڻو عرصو گذرڻ ۽ ٻن پيارن ٻارڙن جو پيءُ ٿيڻ ڪانپوءِ اها مشق جاري آهي، روز لکڻ جي عادت لازمي حصو بڻجي پئي آهي.ڪمپيوٽر تي آرٽ ورڪ سان ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ ۽ ڇپجڻ لاءِ موڪلڻ ساهَ کڻڻ جيان ضروري ٿي پيو آهي، جڏهن ساهُ بند ٿيندو، تڏهن ئي وڃي هي ڪم بند ٿيندو يا ايئن کڻي چئجي تہ جنهن ڏينهن لکبو، پڙهبو يا ڪمپيوٽر تي ڪم نہ ڪبو، تنهن ڏينهن ئي ساهَ وارو سلسلو بند ٿي ويندو!

هِي ناولٽ مون کي ڏاڍو وڻيو هو، جاکوڙي انسانَ جي ڪٿا من موهي ڇڏيو هو. "وقت ۽ امتحان" محبت ۽ محنت سان ترجمو ٿيل آهي، ڇو جو اها اُن محنتي ۽ محبتي انسان جي ڪهاڻي آهي، جنهن جڳُ روشن ڪيو، جنهن بلب بڻايو. سندس ڪوشش، ڪاوشن ۽ لاڳيتو ڪم ڪندو رهڻ واري ٿڪائيندڙ سفر ۾ ڪاميابين تائين سمورين تڪليفن ۽ طرح طرح جي آزمائشن مان پار اُڪري منزل مقصود ماڻڻ وڏيڪ اتساهيندڙ عمل آهي.

شال اسان جي سنڌ سدوريءَ جا سمورا پيارا ٻارَ هن عظيم سائنسدان جي جيون ڪهاڻيءَ مان سبق پرائي، ان تي عمل ڪري اهڙا تہ روشن جهانَ جوڙين جنهن ۾ ڪا بہ لوڊشئڊنگ نہ هجي، انڌ ـ انياءَ جو انت اچي ۽ اسان جي سنڌو سَرهائي سان جهومندي، گجگوڙن سان سمنڊ سيني ۾ سمائجي وڃي.

هن ڪتاب شائع ڪرڻ تي مان حد ڪان وڌيڪ ٿورا مڃيان ٿو، سنڌي ٻوليءَ اٿارٽيءَ جي سموري باذق عملي جا، جيڪو ادارو ساڄهہ وند، سُڄاڻ مئڊم فهميده حسين ۽ جاکوڙي اديب تاج جويي جي سرواڻيءَ ۾ پنهنجي سونهري دؤر مان گذري رهيو آهي. سهيوڳي ساهتڪار ڊاڪٽر ادل سومري جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن ڪتاب تي رايو لکي موڪليو.

آخر ۾ اهو ئي لکڻو ۽ چوڻو آهي، هن جهان ۾ جيڪو بہ ماڻهو آيو آهي، اُن کي پنهنجو ڪردار پورو ڪري هليو وڃڻو آهي، پر محنت سان سفر سجايو ڪجي ۽ ڪي ڪهاڻيون اهڙيون سچيون پنيان ڇڏي وڃن گهرجن، جن سان جيون سڦل ٿئي !

"حياتي سين جي ڪهاڻيءَ جيان
ختم ٿئي، مگر پاڻ زندهہ رهون !"

حيدر آباد
14ـ اپريل 2010ع
**قاضي منظر حيات**
qazimanzarhayat@yahoo.com
qazimanzarhayat@gmail.com




## منفرد منظر نانءِ

دعا آهي تہ هُو مستقبل ۾ نہ هِن ڪِتابي کهاڻيءَ جيان
مُسلسل محنت سان پاڻ کي **”منفرد“** ثابت ڪري
۽ سچ پچ **” دودو“** بڻجي مٿيءَ جو مانُ مٿاهون ڪري!

**قاضي منظر حيات**

# نئون ۽ پُراڻو وطن

اِها ڊسمبر 1837ع جي ڳالهہ آهي. ڪئناڊا جي ننڍڙي ڳوٺ ويانا ۾ اُن رات ڏهين وڳي ئي خاموشي ۽ اونداهي ڇائنجي وئي هئي. هر شيءِ برفَ جي اَڇي ۽ ٿُلهي چادرَ اوڍي سمهي پئي هئي. هيرن جيان جرڪندڙ تارن هيٺان هڪ ماڻهو اونداهن گهرن جي وچ مان برفَ تي ڳؤرا ڳؤرا قدمَ رکندو هلندو پئي ويو. پڳِ اِسٽريٽ جي ڪُنڊ تي پهچي، هو ٻي گهٽيءَ ۾ مُڙيو. سندس قدمَ تڪڙا ٿي ويا. ڪجهہ گهڙين ۾ هو ڳوٺَ جي واحد مسافر خاني جي ڏاڪڻ چڙهي رهيو هو. اُها هڪ ٻي سُرِي عمارت هئي، جيڪا ڪاٺَ جي بوتي تي تختا لڳائي جوڙي وئي هئي. وراندي ۾ پهچي هُن پنهنجي ٿُلهن جوتن تان برفَ ڇَنڊڻ لاءِ ٻَئِي پيرَ زورَ سان زمين تي هنيا.

پيرن جي آوازَ تي اوچتو دروازو کُليو، روشن دَرَ ۾ هڪ عورتَ بيٺي هئي. انهيءَ عورت چيو: ”سيم! جلدي اندر اَچُ، سيءَ جي ڪري تون ساڻو ٿي ويو هوندين.!“ اندر داخل ٿيندي هُن آخري ڀيرو ڏرتيءَ مٿان زور سان پيرَ ڇَنڊيا ۽ پنهنجي زالَ پُنيان روشن ڪمري ۾ هليو ويو. هُن دروازو بند ڪيو ۽ مٿي تان ٿلهي ٻَج واري ٽوپي لاهي اُڇلي. بلبَ جي روشنيءَ ۾ هُن جا اڇا وارَ چانديءَ جيان چمڪيا پَئي. سيموئل ايڊيسن جونيئر جي عمر تہ فقط 33 سالَ هئي، پر سندس وارَ ايڪويهين جنم ڏينهن کانپوءِ سُتت ئي اڇا ٿي ويا هئا. هُن جو قد ڇهہ فوٽ ٻہ انچ هو ۽ پنهنجي زال سان گڏ بيهندي هڪ مُناري جهڙو لڳندو هو.

مسز ايڊيسن ڳالهايو: ”اڄ باهہ جي ويجهو سَيڪُ وَٺُ، توکي ايتري دير ڪٿِي لڳِي وئي هئي؟“ ڊگهي ۽ ويڪري چاتيءَ واري سيموئل هڪ ڪُرسيءَ تي پاڻ اڇلايو ۽ هن پنهنجا پيرَ باهہ ڏانهن ڊگها ڪيا. اُن ڪانپوءِ هُن چيو: ”ڪلاڪ ڪن اڳ هڪ ماڻهو نياپو ڪٺي آيو هو، ڪيپٽن ميڪنزي چاهي ٿو تہ اسان هُن وٽ هڪدم ٽورنٽو پهچي وڃون. اسان جي رضاڪارن کي اڄ رات تائين ويانا مان ضرور روانو ٿيڻ گهرجي.“

اهو ٻُڌي نينسي ايڊيسن جو مٿيون ساهُ مٿي ۽ هيٺيون هيٺ رهجي ويو. هُن کي سُڌ هئي تہ سندس مڙس ۽ ويانا جا ڪجهہ ٻيا ماڻهو ڪيترن ئي مهينن کان رات جو لِڪي ڇُپي گڏجندا آهن. هُن ڄاتو ٿي تہ هنن آمريڪا مان ڪجهہ جنگي سامان گهرايو آهي. هُن کي اهو بہ پَتو پئجي ويو هو تہ وليم ليان ميڪنزي ۽ ٻين ماڻهن ڪئناڊا جي حڪومت خلاف بغاوت جو منصوبو جوڙيو آهي، جيڪي اِهو چاهن ٿا تہ ملڪ اندر وڏيڪ جمهوري حڪومت قائم ڪئي وڃي.

سندس مُڙس ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي چيو: ”جهنگن مان لڪندي لنگهندي اسان ٻين رضاڪارن کي ساڻ ڪٺنداسين. هڪ ٻن ڏينهن ۾ اسان ٽورنٽو پهچي ويندا سين ۽ ڪيپٽن ميڪنزي جو اشارو ملندي ئي شهر تي قبضو ڪري ليفٽيننٽ گورنر کي قيدي بڻائي ڇڏينداسين، جڏهن هو اسان جي گرفت ۾ اچي ويندو تہ اسان ان کان مطالبو ڪري سگهنداسين تہ ٽيڪس گهٽايا وڃن ۽ برطانوي حاڪم ضمانت ڏين تہ اسان جا سيئي حَقَ محفوظ رهن.“

ڳُٽيءَ ڪري مسز ايڊيسن جي اکين ۾ لڙڪن جا بادلَ پرجي آيا. هِن رَڙِ ڪندي چيو: ”پر حڪومت ڏاڍي طاقتور آهي ۽ ڪيپٽن ميڪنزيءَ جا ماڻهو ڪمزور ۽ تعداد ۾ بہ ٿورا آهن. مان ڊڄان ٿي تہ توکي ڪجهہ ٿي نہ پوي!“

”ڪهڙيون خسيس ڳالهيون ٿي ڪرين؟ ڇا توکي ياد ڪونهي تہ تنهنجي پنهنجي ڏاڏي بہ هڪ نيڪ دل آمريڪيءَ جي حيثيت سان انقلابي فوجَ ۾ پَرتي ٿي انگريزن خلاف انهيءَ وقت تائين جنگ وڙهي هئي، جيستائين آمريڪا پنهنجي قومي آزادي حاصل ڪري نہ ورتي؟ اسان ميڪنزي جا سپاهي بہ ظلم

خلاف اُها پراڻي جنگ وڙهي رهيا آهيون. اسان چاهيون ٿا ته انگريز اُهي سمورا حق اسان کي ڏين، جيڪي اسان کي وارثت ۾ مليا آهن. مون پَڪو پَهُ ڪري ڇڏيو آهي ته انهن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ مان جنگ ۾ ضرور مدد ڪندس.“

پنهنجي اُڻ تُڻ هوندي به نينسي مُرڪڻ تي مجبور ٿي پئي، ”انگريز حڪومت سان جنگ جون ڳالهيون ۽ تنهنجي واتان! ڇا تو وساري ڇڏيو آهي ته ڪيپٽن سيموئل ايڊيسن جو پٽ آهين، جنهن آمريڪي حملو ڪندڙن کان اونٽيريو (Ontario) کي بچائڻ لاءِ سن 1812ع واري جنگ ۾ ڪئناڊا جي رضاڪارن جو هڪ جٿو جوڙيو هو؟“

”نه“ هِن ڦِڪي کِلَ کِلندي چيو: ”مان نه پنهنجيءَ پيءُ کي وساريو ناهي، نه پنهنجي ڏاڏي کي وساري سگهان ٿو، جنهن کي ماڻهو پوڙهي ٿوري جان جي نالي سان سڏيندا آهن ۽ جيڪو آمريڪا جي انقلابي جنگ ۾ شاهه جارج جو طرفدار هو. اونٽيريو (Ontario) جي اڏ وَسندي ڄاڻي ٿي ته هو نيو جرسيءَ ۾ باندي بڻيو، پر جنرل جارج واشنگٽن جي فوجن کان اک بچائي پڄي نڪتو ۽ پوءِ هُن ڪئناڊا ۾ رهندي سياسي پناهَ ورتي. بابي ۽ ڏاڏي ٻنهي کي خبر آهي ته مان ڇا پيو ڪريان. انهن جو چوڻ آهي ته مون کي اهو ڪجهه ڪرڻ گهرجي، جنهن کي مان دُرست سمجهان، شايد هُنن کي نئين راڻي وڪٽوريا ايتري پسند آهي، جيترو هو شاهه جارج کي پسند ڪندا هئا.“

هن هَٿ وڌائي، پنهنجي گهر واريءَ جو هٿ پنهنجي مضبوط چنبي ۾ پيڪوڙي ڇڏيو، ”شايد ڪئناڊا جي مقابلي ۾ مان آمريڪاسان ڪجهه ويجهو آهيان. ڇا به ٿي پوي مان ڪئناڊا ۾ بهتر جمهوري حڪومت قائم ڪرائڻ لاءِ پنهنجي پاران ڪابه ڪَسَرَ نه ڇڏيندس، پوءِ توڙي ان لاءِ مون کي جنگ ڇو نه وڙهڻي پوي. غور سان ٻُڌ مان چاهيان ٿو ته منهنجي وڃڻ کان پوءِ به تون هيءُ مسافرخانو اهڙي طرح ئي هلائيندي رهجانءِ.“ آڳيٺيءَ جي گرم روشنيءَ ۾ سيموئل ايڊيسن ڏاڍيون گنڀير ڳالهيون ڪندو رهيو. پٽ ۾ ٽنگيل گهڙيالَ ٻارهن وڄايا ته هو اُٿي بيٺو.

”هٽ بتي ڪٽي مون سان گڏ اچ مان وليم ۽ ٽينيءَ ڪان موڪلائڻ چاهيان ٿو.“ مسز ايڊيسن گاسليٽي بتي ڪٽي، وَٽِ ڪي پنهنجي هٿ سان بَچائيندي مڙس پنيان ٻارن جي سمهڻ واري ڪمري ۾ وئي. هڪ بستري تي ڇهن سالن جو وليم سپنن ۾ سُتل هو. هو ڪمبل اوڍي ڏاڍي آرام سان ننڊ ڪري رهيو هو. هن جا پُورا ور- وڪڙ وارَ ٻاهر نڪتل هئا. ڊگهي چُست پيءُ جُهڪي ڏاڍي نرميءَ سان ٻارَ جا وارَ چُميا. ٻئي بستري تي پنجن سالن واري ٽيني سُتل هئي. هن جو پيءُ جڏهن هُن مٿان جُهڪيو تہ ٻارڙيءَ پنهنجي مٺي ڪي آهستگيءَ سان لوڏيو، جنهن سبب سندس مُکڙو ظاهر ٿي پيو. سيموئل ايڊيسن ڏاڍي پيار سان هن جي اکين جا سونهري پنبڻ چُميا ۽ هوريان ٻاهر نڪري ويو.

مڙس پنهنجي وَڏي ڪوٽ ۽ ٽُلهي بَچ واري ٽوپي پائڻ ۾ رُڌل رهيو. مسز ايڊيسن پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ وئي ۽ بستري هيٺان رکيل هڪ بندوق کڻي آئي، جيڪا آمريڪا مان ڳُجهي نموني ڪئناڊا گُهرائي وئي هئي. مسافرخاني جي مُکُ دروازي وٽ پهچي مسز ايڊيسن اُها بندوق پنهنجي وَرَ حوالي ڪئي ۽ موڪلائڻ لاءِ ڀُراٽڙي پاتي. جڏهن هو هليو ويو تہ هُن دروازو بند ڪري ڪُلف هڻي ڇڏيو، سيموئل رات جي اونداهيءَ ۾ غائب ٿي ويو. برفباري اُن مهل بہ ٿي رهي هئي.

سيموئل ايڊيسن جي ٽورنٽو پهچڻ جي نوبت ئي نہ آئي، هو رستي ۾ ئي هو تہ ڪيپٽن وليم ميڪنزي پنهنجي ڪجهہ ساٿارين جي مدد سان شهر تي قبضو ڪرڻ ۽ ليفٽيننٽ گورنر کي قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ويڙهہ ۾ حملو ڪندڙن کي شڪست ملي ۽ هو ڀڄڻ تي مجبور ٿي پيا. ان مقابلي ڪانپوءِ جيڪي ماڻهو بچي ويا، سي سيموئل ايڊيسن سان هڪ جهنگ ۾ اچي مليا. ڪجهہ پاڳيلن ٻُڌايو تہ ميڪنزي نياگرا درياهہ جي هڪ ٻيٽ ڏانهن ڀڄي ويو آهي، ڪجهہ ماڻهن جو خيال هو تہ سندن سرواڻُ پنهنجي جان بچائي آمريڪا پهچي ويو آهي، تنهنڪري هاڻي ڪيس ڪو بہ خطرو نہ هو. اِها سيني کي سُڌِ هئي تہ حڪومت ڏاڍي تيزيءَ سان چار سؤ انگريزن جو هڪ باقاعدي فوجي دستو ڀرتي ڪري ورتو

آهي. ڪئناڊا جي سؤ شهرين جي رضاڪار تنظيم قائم ڪئي آهي ۽ ايترن ئي ريڊ انڊين کي اسڪائوٽنگ جي سِکيا ڏني آهي.

ڪرنل ميڪ نيب جي اڳواڻيءَ ۾ اُهي فوجي برينٽفرڊ تائين پهريائين پهچي ويا هئا ۽ ويانا ڏانهن وڌي رهيا هئا.

ايڊيسن جي هارايل ساٿين ڪيس صلاح ڏني ته تڪڙو گهر ڏانهن واپس وڃ ۽ ان وقت تائين لِڪلُ رهه جيستائين تنهنجي ڳولا ڪندڙ مايوس ٿي چُپ ڪري نه ويهن يا اسان پنهنجي جماعت نئين سر ترتيب ڏئي ٽورنٽو تي قبضي ڪرڻ جي هڪ ٻي ڪوشش نه ڪري وٺون. تنهنڪري هو ڏاڍي ڦڙتيءَ سان واپس پنهنجي زال وٽ ويانا جي مسافرخاني ۾ پهچي ويو.

سيم پنهنجي زال نينسيءَ کي چيو: ”منهنجو هِتي رهڻ خطري کان خالي ڪونهي، ڇو ته هِن مسافرخاني جي ضرور تلاشي ورتي ويندي. مان پنهنجي پيءُ وٽ وڃي رهيو آهيان ۽ ان وٽ فارم ۾ لِڪي پوندس. مان پاڻ يا منهنجو ماٽيلو پيءُ توکي خيريت جي خبر ڏيندا رهندا.“

سيم هڪدم ڪيپٽن سيموئل ايڊيسن سينئر جي فارم ڏانهن ڀڳو، جيڪو ويانا جي ڳوٺ کان هڪ ميل پري هو.

ڪرنل ميڪ نيب جي ننڍڙي فوج اڳتي وڌندي ويانا ۾ داخل ٿي وئي ۽ ڪجهه ڪلاڪن اندر ايڊيسن جي مسافرخاني تائين پهچي وئي. فوجين مسافرخاني جي ڪُنڊ ڪڙڇ ڳولي. گول گول اکين وارو وليم ۽ هيسيل ٽيني پنهنجي ماءُ سان چنبڙي اُهو تماشو ڏسندا رهيا. فوجين جي پهچندي ئي هر پاسي افراتفري وڌي وئي هئي ۽ مسافرخاني جو هڪ نوڪر نظرون بچائيندي ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هو ڪيپٽن سيموئل ايڊيسن جي ٻنيءَ پاسي ڊوڙيو ته جيئن نوجوان سيم کي خبردار ڪري ته فوجي تڪڙا اوڏانهن به پهچي ويندا.

سيم سبزين جي گودام ۾ لڪل هو. اها خبر ٻُڌي ٻاهر نڪري آيو. هُن ڪيپٽن ايڊيسن کي چيو: ”هاڻي مون کي جهنگ ۾ لِڪي آمريڪا پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جيتري دير تائين ممڪن ٿي سگهي فوجين کي هتي

روڪي رڪجو تہ جيئن وڌ ۾ وڌ مفاصلو طئي ڪندي سندن پهچ کان پَري نڪري وڃان. سپاهي شايد ڏاڏي جي گهر جي بہ تلاشي وٺن، ان ڪي بہ چئي ڇڏيو تہ کهڙيءَ طرح بہ انهن کي پاڻ وٽ روڪي وقت گذرڻ ڏين، مان ڊڙائٽ پاسي ويندس ۽ جڏهن خط موڪلڻ ۾ ڪو خطرو نہ رهيو تہ پنهنجي چڱيلائيءَ جو احوال ڏيندس.“

ڪوٺ جي ڪيسن ۾ ڪائڻ جي شين جا بنڊل وجهندو هڪ شڪاري رائيفل کڻي نوجوان ايڊيسن ڦڙتيءَ سان جهنگ ۾ گهڙي پيو ۽ ڏکڻ ڏانهن سرحد طرف روانو ٿي ويو. ڪيپٽن ايڊيسن بہ پوڙهي ٿوري جان جي گهرَ ڏانهن ڀڳو تہ جيئن ان کي سيني واقعن جو اطلاع ڏئي سگهي.

ڪيپٽن ايڊيسن جي فارم تي هن جي ماٽيلي ماءُ مسز ايڊيسن سيني نوڪرن کي حڪم ڏنو تہ هو روزانو معمول جيان پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ جُنبي وڃن، جڻ ڪا نئين ڳالهہ ٿي ئي نہ هجي. پوءِ ائين ئي ٿيو. ٿوري دير کان پوءِ مسز ايڊيسن گهوڙن بوٽن ۽ فوجي حڪمن جو آواز ٻڌو. هو ٻاهر ورانڊي ۾ نڪري آئي ۽ ڪرنل ميڪ نيب اڳ۾ بيهي هُن جا سوالَ ٻُڌڻ لڳي.

هن چيو: ”منهنجو مڙس ڪيپٽن ايڊيسن گهر ۾ ڪونهي. هِن مهل رڳو مان، منهنجا ٻارَ ۽ نوڪرَ گهر ۾ آهن. مون کي ڪا خبر ڪانهي تہ سيموئل ايڊيسن جونيئر ڪٿي آهي؟“

ڪرنل چيو: ”مون کي هِن گهَر جِي تلاشِي وٺڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.“

مسز ايڊيسن ڪاوڙ ۾ اندر ويندي ڳالهايو، ”جيڪڏهن منهنجي ڳالهہ تي اعتبار نہ اَٿوَ تہ اچو گهَرَ جي جهڙتِي وٺو.“

ڪنرل ميڪ نيب جنهن جو مُنهن ڪاوڙ مان ڳاڙهو ٿي ويو هو، تلاشي وٺڻ جو حڪمُ ڏنو. فوجين گهَرَ کي گهيري ورتو ۽ تلاشي وٺڻ شروع ڪري ڏني، پر انهن کي جنهن شخص جي ڳولا هئي، تنهن جو ڪو پَتو نہ پيو. گهَرَ کانپوءِ فوجين هر هڪ مرغي خاني، ڪيڙيءَ، گهوڙن جي اصطبل، ايستائين جو

سبزين واري اُن گودام کي بہ خوب جاچيو، جتان ٿوري دير اڳ نوجوان سيم نڪري ڀڄي ويو هو.

گھڻو وقت مَتي، ماري ڪرڻ ڪانپوءِ فوجي رستي تي قطارون ٺاهي وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳا تہ مسز ايڊيسن چورَن جيان گھَرَ مان ٻاهر نڪتي، هوءَ سمجھي وئي تہ فوجين ڪيس ڏسي ورتو آهي، پر هُن اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هوءَ سيني ڪان نظرون بچائيندي وڃي رهي آهي. هوءَ لڪندي ۽ پاڻ بچائيندي اصطبل ڪان مرغي خاني وئي ۽ اُتان اهڙي ئي طرح سبزين واري گودام ۾ هلي وئي، هن اونداهي ۾ غيرآباد عمارت اندر ڪجھہ منٽ گذاريا ۽ پوءِ ٻاهر هلي آئي.فوجي هُن ڏانهن ويندا رهيا. هوءَ اڳتي وڌڻ لڳي، ڪُجھہ قدم هلي پوءِ اوچتو ئي گودام پاسي واپس هلي آئي. هن در بَند ڪيو ۽ ان آڏو آڪڙجي ويهي رهي.

هڪ سپاهيءَ چيو: ”معاف ڪر اي عورت! اسان هِن گودامَ جي تلاشي وٺنداسين.“

”محترم، اوهان هِن جاءِ جي پهريان بہ جھڙتي وٺي چُڪا آهيو!“ مسز ايڊيسن وراڻيو.

”نہ... اسان هِن جي ٻيهر تلاشي وٺنداسين، مهرباني ڪري رستي تان هَٽي وَڃ.“

هُن زور سان رڙ ڪئي: ”مان پري نہ ٿينديس، تون هڪ عورت سان ڏاڍ نٿو ڪري سگھين. ڏسان تہ تون ڪيئن ٿو تلاشي وٺين.“ هوءَ دَرَ تي ڄمي ويهي رهي.

سپاهي پهريائين تہ ڪجھہ گھَٻرايو، پوءِ هُن ڪرنل ميڪ نيب ڏانهن هڪ سپاهي موڪلي مسز ايڊيسن جي اهڙي حرڪت جو اطلاع ڏنو.

ڪرنل هڪدم موقعي تي پهچي ويو ۽ مسز ايڊيسن کي گذارش ڪئي تہ دروازي ڪان پري ٿي وڃي، پر هُن نہ اُتان وک وڌائي، نہ وَري زبان سان ڪجھہ چيو ۽ اُن وقت تائين دَرَ آڏو نہ هَٽي، جيستائين ڪرنل ميڪ نيب ٻن جاڻن

جوانن کي حڪم نہ ڏنو تہ ڪيس زبردستيءَ رستي تان پري ڪَن. هُن نفرت مان پنهنجا چَپَ ڀيڪوڙيا ۽ پري ٿي وئي.

فوجين وري گودامَ جي هڪ هڪ ڪنڊ جاچي، جڏهن اُهي ٻاهر آيا تہ مسز ايڊيسن وڏو ٽهڪُ ڏنو اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ تہ شايد هاڻي بہ هُو انهيءَ جاءِ تائين نہ پهچي سگهيا آهن، جتي سيموئل لڪل هو. فوجين وري سبزيءَ واري گودام جي ڀيهر جهڙتي ورتي. ڪرنل ميڪ نيب کي آخرڪار يقين ٿي ويو تہ مفرور ايڊيسن اُتي لڪل ڪونهي ۽ هو پنهنجي فوجين کي ساڻ وٺي هليو ويو. هاڻي مسز ايڊيسن دل کولي وڏا وڏا ٽَهَڪَ ڏنا. هِن فرار ٿي ويل سيم لاءِ وڌيڪ پندرهن منٽ مُهلت ماڻي هئي.

ايڊيسن جي فارم تان فوجي پوڙهي ٿوري جان جي گهر ويا. هن ستاسي ورهين واري بزرگ بہ ڪنهن نہ ڪنهن ريت فوجين جو ٿورو گهڻو قيمتي وقت وڃايو. آخرڪار ڪرنل ميڪ نيب سمجهي ويو تہ سيم ايڊيسن ويانا مان ڀڄي نڪري ويو آهي، هو پنهنجي ڪنهن مائٽ جي ڀنيءَ ۾ لڪل ڪونهي. پر انهيءَ وَٿُ پَڪڙ ۾ رات ٿي وئي هئي. اهو سوچيندي تہ سيم ضرور سرحد طرف نڪري ويو هوندو، ڪرنل پنهنجي ڳاڙهن هندستاني ريڊ انڊين، اسڪائوٽن کي جهنگُ جاچڻ جو حڪم ڏنو ۽ پنهنجي فوجين کي پاڻ سان گڏ وٺي برف پوش رستي ڏانهن روانو ٿي ويو... انهيءَ شخص جي ڳولا ۾ جيڪو هنن کان گهڻو اڳتي نڪري چڪو هو.



ان ڪان پوءِ سيم ايڊيسن پنهنجا ڏينهن ۽ راتيون جيئن گذاريا، انهن کي هو ڪڏهن بہ وساري نہ سگهيو. ڪيترن ئي سالن ڪان پوءِ هو پنهنجن ٻارڙن کي ٻُڌائيندو هو تہ هن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڪهڙيءَ ريت ڄميل برف ۽ جهنگ ۾ هڪ سئو اسي ميلن جو مفاصلو طئي ڪيو هو ۽ ڪيس ڪوڙ ڏينهن گرم ڪاڌو بہ نصيب نہ ٿيو هو. هو ڏڄندو هو تہ جيڪڏهن هُن باهہ ٻاري تہ ڳاڙهن هندستانين جون عقابي اکيون دونهون ڏسندي ئي ڄاڻي وٺنديون تہ هو هِن وقت ڪٿي آهي.

ڏينهن جي وقت هو ڪجهہ ڪلاڪَ وڻن هيٺان، جن جون ٽاريون ڄميل برف سان ڀرپور هونديون هيون، سمهي وٺندو هو. چو تہ رستي ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ

گهرن ۾ رهڻ وارن تي ڪيس ڪو ڀروسو نہ هو. رات جو ريڇهيون پائيندي، لڪندي ڇُپندي ڏکڻ طرف هلندو هو، صرف ڏکڻ ڏانهن...



لاڳيتو ڪيئي ڏينهن ۽ راتيون هو اهڙي نموني مصيبتون ڀوڳيندي اڳتي وڌندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن هندستاني سندس ويجهو بہ پهتا ٿي ۽ ڪيترا ڀيرا هو انهن جي گهيري هيٺ بہ آيو، پر هن سرحد پارِ ڪري ئي ورتي ۽ زنده سلامت مشيگن پهتو.

ڪجھ مهينن تائين هو ڊٽرائٽ ۾ ترسيو، ڪيس اميد هئي تہ ميڪنزي جا ساٿاري ٻيهر پنهنجي جوڙجڪ ڪري ڪئناڊا جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ

جي هڪ ٻي ڪوشش ڪندا، پر باغين کي ايتري زبردست شڪست ٿي هئي، جو انهن جي ٻيهر تنظيم سازي ممڪن نہ هئي. ايڊيسن انهيءَ بغاوت لاءِ ڪجھہ آمريڪين جي حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان ۾ بہ ناڪام ويو. هو واپس پنهنجي گهر ويانا موٽي بہ نہ پئي سگهيو، ڇو تہ ڪئناڊا جي حڪومت ڪيپٽن ميڪنزيءَ جي سمورن باغي ساٿين کي سياسي ڏوهاريءَ جي حيثيت سان جلاوطن ڪري ٽسمانيا موڪلڻ جو منصوبو جوڙي رهي هئي. حڪومت بغاوت جي سزا ۾ سيم تي بہ تمام گهڻو ڏنڊ وڌو هو، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هنن ويانا ۾ سندس سموري ملڪيت پهريائين ضبط ڪري ڇڏي هئي، ان ڪري وٽس آمريڪا ۾ نئون گهر وَسائڻ کانسواءِ ڪو بہ چارو نہ هو.

موقعو ملندي ئي سَيم ڳُجهي نموني پنهنجن مائٽن کي خط لکي خيريت جو احوال اماڻيو. مشيگن ۾ مختلف هنڌن تي ڪجھہ ڏينهن ترسڻ کان پوءِ رياست اوهايو جي شهر مَيلان پهچي ويو.

(2)

مَيلان هيورون درياءَ جي ڪناري تي هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو، جيڪو ايري ڍنڍ کان فقط ڪجهه ميلن جي مفاصلي تي هو. ڳوٺ ۾ هيورون درياءَ جي انهيءَ حصي تائين هڪ واهُه جُڙيل هو، جنهن ۾ ٻيڙيون هَلنديون هيون. ميلان مان انهيءَ واهه وسيلي ٻيڙين تي ڪٽڪ، ڀاڄيون، عمارتي ڪاٺُ ۽ ٻيون شيون اَيري ڍنڍ جي بندرگاهن تي موڪليون وينديون هيون. سيموئل ايڊيسن ميلان ۾ آرا مشين جو هڪ ڪارخانو قائم ڪري ان ۾ ڪاٺَ جا شهتير ناهڻ شروع ڪيا ۽ انهيءَ ڪاروبار ۾ خوب ترقي ڪئي.

واهَ ويجهوئي هڪ گهٽيءَ ۾ ڳاڙهين سِرن جو هڪ ننڍڙو گهر هو، جنهن جي ڇت ڪانيءَ جي ٽُڪرن جي هئي. اُن اڳيان ڪو به ورانڊو نه هو. زمين تي ڪانيءَ جي مُک دروازي تائين پهچڻ لاءِ ٻَہ ڏاڪڻيون ٺهيل هيون. در جي مٿئين حصي ۾ روشنيءَ لاءِ ٽي شيشا لڳل هئا ۽ انهن جي ٻنهي پاسن کان هڪ هڪ دري بہ هئي، جيڪي ٻنهي پاسن کان جُڙيل ڪمرن کي روشن رکنديون هيون. سڌي لاهين ڇت ۾ ٻاهرئين طرف نڪرندڙ ڪابہ دري نہ هئي، پر ڊگهن ٿُلهن شهتيرن جي هيٺان سمهڻ لاءِ بہ ڪمرا هئا، جن ۾ روشنيءَ لاءِ ڇت کي ٽڪنڊن ڇيڙن وٽ بہ ننڍڙيون دريون لڳل هيون. گهَرَ جي بنياد هيٺان تَہ خاني ۾ هڪ ننڍڙو بورچي خانو ۽ هڪ ڪاڏي ڪائڻ جو ڪمرو هو. سيموئل ايڊيسن اهو گهر پنهنجي رهڻ لاءِ خريد ڪري ورتو.

ميلان ۾ ساموندي جهاز جو هڪ ڪپتان الوابريڊلي بہ رهندو هو، جنهن جي عمر پنجويهہ سال هئي. هن جو جهاز ايري ڍنڍ کان اندر ٻاهر ايندو رهندو هو،

پهريائين ڪئناڊا جي بندرگاهن تي ۽ پوءِ آمريڪي بندرگاهن تي. سيموئل ايڊيسن انهيءَ نوجوان ڪپتان سان سنگت رکي. محبتي بريڊلي ايڊيسن جا نياپا سندس گهر واريءَ ۽ ٻارن کي ڪئناڊا ۾ پهچائيندو هو، ۽ اتان سندس لاءِ جوابَ آڻيندو هو، هن نينسي ايڊيسن کي اهو به ٻُڌايو تہ سندس مڙس ڪيس ميلان گهرائڻ لاءِ کهڙا بندوبست ڪيا آهن.

سنہ 1839ع ۾ بسنت رُت جي آخر ۾ نينسي پنهنجن ٻن ٻارَن سميت ميلان پهچي وئي ۽ ڳاڙهين سِرن واري انهيءَ گهر ۾ رهڻ لڳي، جتي سَيم ايڊيسن هنن لاءِ سموريون تياريون پهريائين ڪري ڇڏيون هيون.

ايڊيسن ۽ ان جي زال ٻارن کي آمريڪا ۾ هڪ نئون ديس ملي ويو هو.

(3)

فيبروري سنہ 1847ع جو هڪ ٿڌو ڏينهن هو، سَيم ايڊيسن پنهنجي گهر جي اوطاق ۾ لوهي آڳيٺيءَ ۾ ٻرندڙ ڪوئلن آڏو چهل قدمي ڪري رهيو هو. هو دريءَ ويجهو ويو ۽ نديءَ طرف نهارڻ لڳو. جنهن درياءَ ۾ هر وقت ٻيڙيون هلنديون رهنديون هيون. ان تي بہ برف جو ٿُلهو ۽ لسو تَهُہ ڄميل هو ۽ هر پاسي خاموشي ڇانيل هئي، ٻيڙين کي ڪناري تي بيهارڻ لاءِ پاٽيءَ واري رستي تي بہ برف ڄمي وئي هئي. اوچتو ڪمري جو دروازو کُليو. پيرَ ڳڙڪو ٻُڌي سَيم ايڊيسن پوئتي مُڙي ڏسڻ لڳو. هڪ ڊاڪٽر مرڪندو اندر آيو.

”مبارڪ هجيوَ سائين! اوهان هڪ پياري پٽڪڙي پُٽڙي جا پيءُ بڻجي ويا آهيو.“

”مهرباني ڊاڪٽر صاحبَ! نئين ديس ۾ اسان جو هي پهريون ٻارُ آهي، مان وجي ڪيس ڏسڻ چاهيان ٿو.“

ڊاڪٽر ڪافي پي گهٽيءَ ۾ هليو ويو، جنهن جي پاسن کان کُهرا ۽ ڪنڊن وارن پنن جا ٻي رونق وڻ لڳل هئا. سَيم، پنهنجي زال جي ڪمري ۾ داخل ٿيو، جيڪو گهَرَ جي پهرين ماڙ تي هو. سندس گهر واري ڪيس ڏسي مرڪڻ لڳي ۽ ڏاڍي جهيڻائيءَ مان ڳالهايائين:

”اچ، اچي پنهنجو پٽڙو ڏس!“

اِهو چئي هُن ڪمبل جو هڪ پاسو مٿي ڪنيو. ٻارڙي جو پٽڪڙو ڳاڙهيسُرو مُڪڙو نظر اچڻ لڳو.

”هِن جي نَڪَ مان ئي معلوم ٿئي ٿو تہ هي ايڊيسن جي خاندانَ جو ٻارُ آهي.“ سَيم چيو.

”ها...“ هِن جي زالَ اِنهيءَ ڳالهہ سان سهمت ٿيندي، وراڻيو ”سندس نيرين پورين اکين مان بہ اِهوئي ظاهر ٿئي ٿو، پر هِن جا وارَ مون وانگر پورا ناهن... هن جو نالو ڇا رکون؟“

”هِن لاءِ ٻن نالن جي ضرورت پوندي، هڪ تون سوچي وٺ ۽ ٻيو مان.“

نينسي ايڊيسن هڪ لمحي لاءِ سوچڻ کانپوءِ ڳالهايو: ”ڪيپٽن الوا بريڊلي اسان جو سڀ کان سٺو دوست آهي. جڏهن اسان ٻئي هڪٻئي کان گهڻو پري هُئاسين تہ هُو ئي اسان جا خط آڻيندو ۽ کڻي ويندو هو ۽ ان جي جهاز ۾ ٻارن کي ساڻ ڪري مان هِتي آئي هئس. مان پنهنجي ننڍڙي جو نانءُ ڪيپٽن بريڊليءَ جي نالي پويان الوا رکنديس.“

”اِهو ٻُڌي هو ڏاڍو خوش ٿيندو.“ سَيم چيو: ”هن جو ٻيو نالو ٿامس وڌيڪ بهتر ٿيندو. منهنجي خاندان ۾ جان ۽ سيموئل ايترا تہ گهڻا ٿي ويا آهن، جو انهن نالن مان دل ڀرجي وئي آهي.“

”الوا ٿامس ايڊيسن“ نينسي هوريان پورو نالو اُچاريو. ”پر سيم! انهيءَ نالي جا ابتدائي اکر اَي- ٽي- اِي (A.T.E) بڻبا. اکرن جو اهڙو ميل مون کي سهڻو نٿو لڳي. اِهو نانءُ نيڪ ڪونهي...“

سَيم ٺهڪ ڏنو...”چڱو هيئن ڪر، انهن جي ترتيب مٽائي ڇڏ. اسان هِن جو نالو ٿامس اَلوا ايڊيسن رکنداسين.“

ٻارڙي جي ماءُ چيو: ”ها... اِهو نالو وڌيڪ سُٺو آهي. اسان هن کي ”الوا“ ڪري سڏينداسين. خانداني انجيل کڻي اچ ۽ ان ۾ ٻارَ جو نانءُ ۽ ڄمَ جي تاريخ لکي ڇڏ.“

سَيم اوطاق مان انجيلُ کڻي آيو: جنهن جي آخر ۾ سادا صفحا ڪيي هُن هڪ سفيد صفحي تي ڇٽي نموني لکيو ”ٿامس الوا ايڊيسن، ڄمَ: 11 فيبروري 1847ع.“

نئون چاول الوا جنهن کي پيار مان سيني ’اَل‘ ڪوٺڻ شروع ڪري ڇڏيو هو، سو تيزيءَ سان عمر جون منزلون طئي ڪرڻ لڳو. ننڍپڻ کان ئي هُن ۾ ڳوڙ ۽ سوچ- وِيچار جو مادو موجود هو. جيئن ئي گهمڻ ڦرڻ جهڙو ٿيو ته هن پنهنجي آسپاس جي دنيا جو جائزو وٺڻ شروع ڪري ڇڏيو. جڏهن هو لفظ ملائي جملو جوڙڻ لڳو ته سندس ڳالهه جو هر ٻيو جملو ’ڇو‘ يا ’ڇا لاءِ‘ سان شروع ٿيندو هو.

اَل جي وڏي ڀيڻ اِنهيءَ وقت تائين جوانيءَ جي ڏينهَن تي وڃي رسي هئي ۽ سندس گهڻو وقت پنهنجي دوست سان گذرندو هو، جنهنڪري هوءَ پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ لاءِ وڌيڪ وقت ڪَڍي نه پئي سگهي. مسز ايڊيسن جو سڄو وقت گهر جي ڪَمَ ڪارين ۾ گذري ويندو هو. خوشقسمتيءَ سان ميلان ۾ نينسي ايڊيسن جي هڪ تيرهن سالن واري ڀاڻيجي به رهندي هئي ۽ ان جو نالو به پنهنجي ماسيءَ جي نالي تي نينسي ئي رکيو ويو هو. ان مٿان ئي پنهنجي ماسات ال جي سارَ سنڀال جو گهڻو بَارُ پئجي ويو. هن کي اَل جي ڪڏهن نه ختم ٿيندڙ سوالن جا جوابَ ڏيڻا پوندا هئا. هن ئي هڪ ڀيري ڪائنس اڌ- مُئا چوزا بچائي ورتا هئا، جن جا ڪيترائي پَرَ هِن فقط اِهو معلوم ڪرڻ لاءِ پَٽي ڇڏيا هئا ته اُهي ڪهڙي طرح پنهنجي جاءِ تي لڳل آهن. هِن ئي هڪ ڀيري ڪجهه سَاٽيون بَدڪون اَل جي ڀاڪر مان ڇڏايون هيون، جيڪي هُن سندن جهلِي لڳل پيرن کي غورَ سان ڏسڻ لاءِ پَڪڙيون هيون.

سنه 1850ع ۾ جڏهن اَل جي عمر ٽئن سالن جي ويجهو پهتي، ته ٽي بند گاڏيون ميلان آيون ۽ ايڊيسن جي گهر ويجهو هڪ ميدان ۾ اچي بيٺيون. انهن ۾ ڪجهه ماڻهن جي هڪ ٽولِي سونَ جي ڳولا ۾ ڪيليفورنيا وڃي رهي هئي. اَل اڃان ته ايترو ننڍڙو هو، جو ڪيس سونَ جي ڳولا ۾ ويندڙ اُنهن ماڻهن جي اهميت جو ڪو اندازو نه هو. پر هُن اُنهن مسافرن جي وڏين وڏين سفيد رنگ جي گاڏين ۾ حد کان وڌيڪ دلچسپي ڏيکاري هئي. اُن سان گڏوگڏ هُنن جي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه وقت اَل ’راڪي جبل‘ ’سائُهن‘ ’اِنڊين‘ ’اولهه جو سفر‘ ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي نوان لفظ ٻُڌا، جن ۾ هُن کي هڪ عجيب جادوئي اثر محسوس ٿيو.

اَل اَهڙن نون لفظن بابت پنهنجي پيءُ کان سوالن جي پَرمار لائي ڏني. سَيم ايڊيسن سوچيو تہ پنهنجي ننڍڙي پُٽڙي کي خانداني تاريخ جي ڪُجهہ واقعن ٻُڌائڻ جو هيءُ سڀ کان سُٺو موقعو آهي. هُن اچرج ۾ پيل ٻارَ کي ٻُڌايو تہ هُن جو پيءُ- ڏاڏو ڪهڙي طرح سنہ 1730ع ۾ هالينڊ کان آمريڪا آيا هئا ۽ سندن خاندان جو پهريون ماڻهو نيو جرسيءَ ۾ اورينج جبل جي ڪُڪ ۾ پيسڪ درياءَ جي ڪناري آباد ٿيو هو. اَل کي دريائن بابت گهڻي ڄاڻ هئي، ڇو جو هيورون درياءُ سندس گهَرَ پُٺيان وهندو هو.

”بابا! جبل ڇا کي چوندا آهن؟“ هُن سوالُ ڪيو.

اهو ٻُڌائڻ کان پوءِ تہ جبل ڇا ٿيندو آهي، سيم هن کي آمريڪا جي انقلابي جنگ جو احوال بہ ٻُڌايو. جنهن ۾ اَل جو پَڙ ڏاڏو جان ايڊيسن انگلستان جي شاهہ جارج ٽئين جو وفادار هو ۽ جنهن کي سزا ڏيڻ لاءِ جارج واشنگٽن جي آمريڪي سپاهين هُن کي نيوجرسي ۾ قيد ڪري ڇڏيو هو. ٻارَ سندس ڳالهہ اَڌ ۾ ڪٽيندي چيو تہ: ”بادشاهہ ڪنهن کي چوندا آهن ۽ جيلُ ڪهڙي شيءِ آهي؟“

سَيم انهيءَ سوال جو جوابُ سمجهائڻ کانپوءِ ڳالهايو: ”تنهنجو پَڙ ڏاڏو جهونو ٽوري جان جي نالي سان مشهور هو. هُو ڪجهہ سالن تائين نواسڪوٽيا ۾ رهيو، آخرڪار ڪئناڊا جي حڪومت هُن کي اونٽيريو ۾ ڇهہ سئو ايڪڙ زمين ڏئي ڇڏي. جيڪا انهيءَ شهر کان هڪ هزارُ ميل پَري هئي، جتي هو رهندا هئا. تنهنجي ڏاڏي پنهنجو سمورو سامان ڏاند گاڏين ۾ سَٽيو ۽ ٻارَ ٻَچا وٺي اولهہ اولهہ طرف روانو ٿي ويو. اهي ڏاند گاڏيون اهڙيون هيون، جهڙيون بند گاڏيون سڙڪ جي هُن پاسي بيٺل آهن.“

سَيم ايڊيسن ڏاند گاڏين تي اولهہ طرف سفر جون حالتون بيان ڪيون ۽ ٻُڌايو تہ ڪئناڊا (ڳاڙهن) ۾ هندستانين جي مقابلي لاءِ ڪهڙي طرح جانِ جوکي ۾ وجهڻي پوندي هئي ۽ جهوني ٽوري جان هڪ سنسان جُوءِ ۾ وچي ڪهڙي طرح پنهنجو گهرُ جوڙيو هو. هُن کي ڪئناڊا ۾ جهنگُ صاف ڪندي ۽ اڻ سونهائيندڙ

حالتن جو مقابلو ڪندي ڪهڙي طرح هڪ نئين زندگيءَ جي ابتدا ڪرڻي پئي هئي، جهڙي طرح اوهايو ۾ آمريڪا وارن ڪئي هئي.

”بابا! اوهان ڪڏهن هندستانين سان وڙهيا بہ آهيو؟“ ٻارَ سوالُ پڇيو.

سيم ايڊيسن ورندي ڏني: ”ڪڏهن انهن سان مقابلي جي نوبت نہ آئي، پر هڪ ڀيري تقريباً بہ سئو ميلن تائين هو مون ڪي ڳوليندا ۽ منهنجو پيڇو ڪندا رهيا هُئا.“

”چڱو...! چڱو...! اَل حيرت مان رڙ ڪري چيو: ”مون ڪي اُن زماني جون ڳالهيون ٻُڌايو، جڏهن هندستاني اوهان جي ڪَڍَ لڳا هئا.“

پيءُ ٻارَ کي ٻُڌايو تہ هُن ڪهڙي طرح 1837ع ۾ ڪيپٽن ميڪنزي جي مشهور بغاوت ۾ حصو ورتو هو ۽ هندستانين کان پنهنجي جندُ ڪيئن بچائي هئي.

”اِهو ئي سبب آهي پُٽ! تہ اسان هاڻي اوهايو ۾ رهندا آهيون. تنهنجو پڙ ڏاڏو اجا بہ ڪئناڊا ۾ ئي آهي. ڪڏهن موقعو مليو تہ توکي ان سان ملائڻ وٺي هلندس.“

هڪ اهڙي شخص سان ملاقات جو ٻُڌي، جنهن هڪ هزارِ ميلن تائين ڏاند گاڏيءَ جو سفر ڪيو هو، اَل ايترو تہ خوش ٿيو، جو اُن ڏينهن هو خوشيءَ وچان مقرر وقت تي سُمهڻ لاءِ هليو ويو.

هڪ ننڍڙي ٻارَ لاءِ ميلان جي زندگيءَ ۾ دلچسپي ۽ اُتساهَ لاءِ گهڻو ڪجهہ موجود هو. خچر پاڻيءَ ۾ ڇَپ ڇَپ ڪندي ٻيڙين کي آهستي آهستي ڪناري سان لڳائيندا هئا. مُهاڻا پنهنجيون سَنهڙيون ۽ ڊگهيون ٻيڙيون هوا آڏار چڙهي ڏيڻ ڪانپوءِ ڏاڍو خوش ٿي ڳائيندا هئا. اَل انهن جا گيت ياد ڪري ڇڏيا هئا. آري مشين جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ مزدور بہ ڪَم ختم ڪري پراڻين ڏنن ۾ لوڪ- گيت ڳائيندا هئا. اَل پنهنجي يادگيري ۾ سڀ ڌُنون سانڍي ڇڏيون هيون ۽ انهن ئي هِن ۾ هميشہ لاءِ مستيءَ وارن ٻولن ۽ روح کي راحت بخشيندڙ ڌُنن جو ذوق پيدا ڪيو هو.

اَل جي فرمائش تي هُن جو پيءُ هڪ هَڙَ ۾ چوڏهن خراب چورسا تختا ۽ ڪاٺَ جا ٽُڪرا پنهنجي آرا شين تان گهر کڻي ايندو هو، جن مان اَل رستا، پُليون، بيڙيون ۽ گهَرَ ٺاهڻ واري راند ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ رُڌل رهندو هو.

شام وقت هو پنهنجي گهَرَ جي دَروازي تي بيهي ڪارخاني تان پيءُ جي ورڻ جو انتظار ڪندو رهندو هو. اُن سان ال کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي ۽ هو سَيم کان هَر هر پُڇندو هو: ”اسان پڻ ڏاڏي سان مِلڻ ڪڏهن هلنداسين؟“

(4)

آخرڪار 1852ع ۾ جڏهن اَل پنجن سالن جو ٿيو تہ سَيم ايديسن پنهنجو واعدو پورو ڪيو. سموري سامان سميت ماءُ، پيءُ، وليم، ٽيني ۽ اَل هيورون درياءَ ۽ ايري ڍنڍ جو سير سفر ڪيو پوءِ اُهي ڪيپٽن الوا بريڊليءَ جي هڪ سامونڊي جهاز تي سوار ٿيا. نيڪ دِل ڪيپٽن پنهنجي ننڍڙي ناليءَ يائيءَ ڪي جهازَ جو هڪ وڏو ڦيٿو پڪڙي اُن کي ڪئناڊا جي ڪناري ڏانهن هلائڻ جي موڪل ڏئي ڇڏي. ڪئناڊا پهچڻ کان پوءِ اُهي برول بندرگاهہ تي جهاز مان لهي هڪ گاڏيءَ رستي ويانا روانا ٿي ويا.

ڪئناڊا ۾ ننڍڙو اَل پنهنجي ڏاڏي ڪيپٽن سيموئل ايڊيسن سينئر سان مليو ۽ پوءِ هُو سيني ڀاتين سان گڏجي ويانا مان ڳوٺ ويو ۽ پنهنجي پَڙ ڏاڏي وٽ پهتو، جهوني ٿوري جان جي عمر ان وقت سؤ سالن کان بہ وڌي وئي هئي. هُن پنهنجي پَڙ پوٽي کي پنهنجي هَنج ۾ کنيو ۽ سندس مُکڙو ڏاڍي غور سان ڏٺو.

هِن پَڪَ خاطر مَٿو لوڏيندي چيو، ”هي ڇوڪرو واقعي اِي- ڊيسن خاندان جو ئي آهي.“ بزرگ جان ناليءَ جا پهريان بَہ اکر گهڻو ڇِڪي اُچاريا.

اِهو ٻُڌي اَل جا ڪَنَ اُڀا ٿيا ”اوهان منهنجو نالو اهڙي طرح ڪيئن ٿا اُچاريو، جو اُهو ٻُڌي کِلَ اچي وئي؟“ هِن سوالُ ڪيو.

”اسان تہ پنهنجا نالا اهڙي طرح وٺندا آيا آهيون.“ ڪُراڙي جواب ڏنو.

چوڪرو عجيب ٻُڌتر ۾ ويڙهجي ويو ۽ سندس نرڙ تي گهُنجَ پئجي ويا. هُن شوخيءَ مان چيو: ”مان الوا... اِي ... ڊيسن نہ پر الوا ايڊيسن آهيان.“ اِهو ٻُڌي سيئي کِلڻ لڳا.

”پٽ مون ڏانهن اچ“ هِن جي پيءُ چيو ۽ کيس ڪَڇَ ۾ ويهاري سَمجهائڻ لڳو ”هاليند ۾ اسان کي اِي... ڊيسن... ئي سڏيندا آهن. ڪئناڊا اچڻ کانپوءِ تنهنجي ڏاڏي ۽ پَڙَ ڏاڏي پُراڻو اُچار ڇڏيو ڪونهي، پر اسان ۽ تون آمريڪي آهيون. اسان آمريڪي اندازَ موجب پنهنجو پاڻ کي ايڊيسن چوڻ سکيا آهيون.“

اَل پنهنجو ڪنڌ زور سان ڌُوڻيندي چيو ”مان تہ آمريڪي آهيان، پنهنجو پاڻ کي ٿامس الوا ايڊيسن ئي چوندس.“

پيءُ ساڻس سَهمت ٿيندي چيو ”ها پُٽ... اسان آمريڪي آهيون، پر اسان کي اڳئين وقت جي پيءُ ۽ ڏاڏي تي بہ فخر آهي.“

سَيم پنهنجي ڏاڏي سان ڳالهائيندي چيو ”ڏاڏا سائين! چا مان اَل کي اُهي سيئي خانداني اَنوکيون پراڻيون شيون ڏيکاري سگهان ٿو، جيڪي هاليند مان آيون هيون؟“

”مان اهي سموريون شيون کيس پاڻ ڏيکاريندس.“ جهوني ڏاڏي وراڻيو. هو ڪرسيءَ تان اُٿي کڙو ٿيو ۽ اَل جو هَٿ پڪڙي کيس گهَرُ گهمائڻ لڳو. اَل هاليند جي بٺيل تماڪ ڇڪڻ واري چُروٽ (پائيپ) کي ڏاڍو پسند ڪيو، جيڪو اچي مِٽيءَ مان جُڙيل هو. هِن جي پَڙ ڏاڏي کيس چاش رکڻ لاءِ هڪ دِلو بہ ڏيکاريو، جنهن کي هڪ سئو پنجويهہ سال اڳ سندن وڏڙن هاليند مان آندو هو. اَل جي تفريح ۽ پيٽ پوڄا لاءِ سندس پَڙ ڏاڏي کيس چيو تہ اهو مانيءَ جي وڏي ٽُڪر مٿان اِنهيءَ دِلي مان چاش لاهي وني. چاش لڳل مَکئي جي ماني چٻاڙيندي اَل گهَرَ جي مٿئين ماڙ ڏانهن ويو، جنهن جي ڇت تختن جي ٺهيل هئي. مٿئين ڪمري ۾ هِن پراڻي پيتي ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون بہ ڏٺيون، جيڪي سندس وڏن هاليند مان آنديون هيون.

اَل تي ڪئناڊا جي سفَر ڏاڍو ڳُوڙهو اثر ڇڏيو. هو پنهنجي ڏاڏي ۽ پَڙ ڏاڏي سان جيتوڻيڪ نندپڻ ۾ مليو هو، پر انهن کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهيو. اُنهن جيان ئي ٿامس الوا ايڊيسن بہ ڊگهي ڄمَار ماڻي.

(5)

ميلان واپس وري اَلوا جو لوچي لهڻ وارو شوق سندس قد کان بہ وڌيڪ تيزيءَ سان وَڌڻ لڳو. هِن جا وڏا سندس سوالن جي جوابَ ۾ جيڪي ڳالهيون سمجهائيندا هئا، سي سدائين قبول نہ ڪندو هو. گهڻي ياڳي هو انهن سوالن جا جوابَ پاڻ ڳولي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ انهن جا ثبوت بہ پيش ڪرڻ ضروري سمجهندو هو. هڪ ڏينهن هُن ننڍڙا نرم پشم جهڙا ڪيترائي چوزا ڏٺا. اوچتو سندس ذهن ۾ سوالُ اڀريو تہ هي ننڍڙا ننڍڙا چوزا ڪٿان ٿا اچن؟ سندس سارَ سنڀال رکندڙ صابرين طبيعت واري نين هِن کي ٻُڌايو تہ ڪُڪڙيون آنا لاهينديون آهن، پوءِ انهن مٿان ايستائين ويهي آرو ڪنديون آهن، جيستائين سفيد خولَ مان چوزا ٻاهر نڪري اچن.

ڪجهہ ويرم بعد اَل هر ماڻهوءَ کان اک بچائي مرغي خاني ڏانهن هليو ويو. هن آنا ميڙي گڏ ڪرڻ شروع ڪيا، ايترا جو سندس ٽوپلي ۽ کيسن ۾ ڪا ڪُندَ خالي نہ رهِي، پوءِ هو پيرن پَٻَ تي ڪيڙين ڏانهن هليو ويو. جتي اَل تازي گاهہ ۽ خوشبودار ٽارين مان هڪ آکيرو اَڏيو. آنا ڏاڍي سهڻي سنَاءَ سان گولائيءَ ۾ ٺاهي رکيا ۽ ڏاڍي آرام سان انهن مٿان ويهي رهيو. هن پنهنجي اکين سان ڏِسي اِهو معلوم ڪرڻ پئي چاهيو تہ چوزا آنن مان ٺي ڦُٽِي نڪرندا آهن يا نہ!

هڪ ڪلاڪ گذرڻ کان پوءِ نين کي احساس ٿيو تہ اَل گم آهي. هوءَ کيس ڳوليندي ۽ سڏيندي ٿڪجي پئي. هُن گهَرَ جي ڪا بہ ڪُندَ نہ ڇڏي، آخر هوءَ ٻنين ۾ پهتي ۽ ڏٺائين تہ اَل گاهہ تي چپ چاپ نموني سان ويٺو آهي.

”مان توکي ايتري دير کان سڏيان پئي، تو سَڏُ چو نہ پئي وراڻيو؟“ هن پڇيو: ”هتي وينو ڇا پيو ڪرين؟“

اَل وڏي فخر سان اعلان ڪندي چيو تہ: ”مان آنن مان چوزا پيو ڦوڙيان.“

نين واتان هلڪي رڙ نڪتي: ”ماڻهو آنا ڦوڙيندا ناهن! تو هرويرو پنهنجي ڪپڙن جو ڪارو مُنهن ڪري ڇڏيو آهي.“ نين چڙندي چيو.

هُن اَل جو هٿ پڪڙي کيس مٿيَ چڪي ورتو. گاهہ جي نهيل آکيري ۾ پَڳِلَ آنا ريڳاڙا ڪري وَهي رهيا هئا. اَل روئڻ لڳو.

”مان توکي تنهنجيءَ ماءُ وٽ وٺي هلنديس.“ نين کيس چڙٻيندي چيو.

اَل اِنکري نہ رُنو هو تہ سندس سوٽُ خراب ٿي ويو هو، پر روئڻ جو سبب اِهو هئس تہ هُن جي تجربي جو نتيجو سنو نہ نڪتو هو. جڏهن سندس ماءُ کي خبر پئي تہ اَل آنن تي چو وينو هو تہ هُن کيس سمجهائيندي ٻڌايو تہ ”آنن مان چوزا نڪرڻ لاءِ ٽن هفتن جو وقت درڪار آهي ۽ انهن نازڪ آنن تي رڳو ڪڪڙ ئي اهڙي طرح ويهي سگهي ٿي تہ جيئن اُهي پَچِي پُرِي نہ پَون.“ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ اَل کي ماءُ انهيءَ مُرغي خاني ۾ وٺي وئي، هِن ڪڪڙ اُٿاري کيس ڏيکاريو تہ آنا ڪهڙي طرح ڦُٽڻ واري عمل مان گذري رهيا آهن. اَل پنهنجي اکين سان هڪ پيلي نرم نازڪ ڪڙي چوزي کي آنو پَچي ٻاهر نڪرندي بہ ڏٺو. هاڻي کيس يقين ٿي ويو تہ چوزا آنن مان ئي نڪرندا آهن. هُن اِهو بہ سمجهي ڇڏيو تہ تجربن سان ڳالهين جو جواب ضرور ملي سگهي ٿو، پر شرط اِهو آهي تہ تجربو چڱي نموني ڪيو وڃي.

هڪ پاسي ننڍڙو اَل پنهنجي تجربن ۾ رُڌل رهيو، ڏينهون ڏينهن وڌندو ۽ وڏيڪ طاقتور ٿيندو پئي ويو تہ ٻئي پاسي ميلان جو ننڍڙو شهر وڏيڪ ننڍڙو ۽ سوڙهو ٿيندو پئي ويو ۽ اُن جي خوشحالي ختم ٿيندي پئي وئي. اَل جي ڄمڻ کان سُتت پوءِ اوهايو جي اُترئين ڪنڌ مان هڪ ريلوي لائين ڪڍي وئي هئي، پر اُها ميلان جي اندران ڪانہ گذرندي هئي. جنهن جو نتيجو اِهو نِڪتو تہ جيڪا ڪٽڪ، عمارتي ڪاٺ ۽ ٻيو سامان ميلان رستي ايري ڍنڍ ۽ ان جي بندرگاهن

ڏانهن موڪليو ويندو هو، سو ميلان اچڻ بند ٿي ويو. اهي شيون هاڻي پاڻيءَ بدران ريلَ رستي وجڻ لڳيون هيون. انهيءَ ڪري شهر جون رونقون ۽ سڪارُ ختم ٿيڻ شروع ٿيو.

مسٽر ايڊيسن جي ڪارخاني ۾ جُڙندڙ ڪاٺ جي تختن جو انگُ گهَٽجندو پئي ويو. ان لاءِ هُن ڪنهن اهڙي هنڌ لَڏڻ جو فيصلو ڪيو، جتي ريلوي پَٽڙي سندس بهتر روزگار جو سبب بڻجي سگهي.

سنه 1854ع ۾ اَل ستن سالن جو هو ته ايڊيسن جو خاندان (ميلان) اوهايو مان پورٽ هيورون (مشگين) ڏانهن لڏي پَلاڻي ويو.

# ڪيميائي تجربن جو شوق

(1)

پورٽ هيورون، مشيگن رياست جو هڪ ننڍڙو شهر هو، جيڪو ڊٽرائٽ ڪان لڳ ڀڳ پنجاهه ميل اُتر اولهه ۾ هو. سنه 1854ع ۾ به اُتي صاف سُترا ۽ سِڌا رستا هئا. انهن جي ٻنهي پاسن ڪان وَڻ هئا. شهر ڪان هڪ ميل اُتر طرف هيورون ڍنڍ جو نيرو پاڻي پري پري تائين پکڙيل هو. هيورون بندرگاهه جي اولهه ۾ سينٽ ڪلير درياهه وهندو هو، جنهن جي هڪڙي پاسي مشيگن جا جهنگل هئا ۽ ٻئي پاسي ڪئناڊا جون ٻَنيون هيون.

پورٽ هيورون سان گڏ ئي گريٽيوٽ جي پراڻي فوجي قلعي ۽ ڇانوڻيءَ جي ڪنڌ تي هڪ سفيد ڪاٺيءَ جي ٺهيل ٻه ماڙ جاءِ هئي، جنهن جي پهرين ماڙ تي مُک دروازي ڪان عمارت جي آخري حصي تائين هڪ وڏو هالُ ۽ ٻي ماڙ تي ڇهه ڪمرا هئا. مسٽر ايڊيسن اهو گهر پنهنجي رهڻ لاءِ خريد ڪري ورتو. هُن هيورون جي بندرگاهه تي اناج ۽ گاهَ جو ڪاروبار شروع ڪيو. قِلعي جي سامهون نئين جاءِ ۾ رهڻ ڪانپوءِ جڏهن هُن کي ڪجهه آٿت اطمينان ٿيو ته مسز ايڊيسن فيصلو ڪيو ته هاڻي اَل کي لکڻ پڙهڻ ۾ رُجهائڻ جو وقت اچي ويو آهي.

هڪ ڏينهن مسٽر ايڊيسن ٽانگي ۾ ويهي ستن سالن جي اَل کي ويجهي اسڪول ۾ وٺي ويو، جنهن جو رڳو هڪڙو ڪمرو هو. اُن ۾ ستن ڪان ويهن سالن جا ڇوڪرا پڙهندا هئا. انهيءَ هڪ ئي ڪمري ۾ اٺن جدا ڪلاسن جي ٻارن

کي پڙهايو ويندو هو. استادُ فقط هڪڙو ئي هو، اِنڪري هو تمام گهڻو مصروف رهندو هو. ڪَم جي گهڻائيءَ ڪيس چيڙاڪ بڻائي ڇڏيو هو. جَڏا ڇوڪرا هميشه اڳئين قطار ۾ ويهندا هئا ته جيئن انهن تي هر وقت استادَ جي نظر هجي. وڏي عمر وارا ڇوڪرا ۽ لکڻ پڙهڻ ۾ هوشيار شاگرد بلڪل آخر ۾ ويهندا هئا. هڪ ڪلاسَ وارا وڏي آواز سان پنهنجو سبق پڙهندا هئا ۽ ٻين ڪلاسن جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پنهنجا پنهنجا ڪتابَ پڙهڻ يا سوال جواب لکڻ ۾ پورا هوندا هئا.

اَل کي اسڪول ۾ ڪو خاص مزو نه آيو، هُن وٽ رڳو پهريون قاعدو ۽ هِجي سکڻ جو ڪتاب هو، جن مان هو هِجي سکندو ۽ سبق ونندو هو. هو سُتت ئي انهن لفظن مان بيزار ٿي ويو، جن جي هِجي کيس ياد ڪرڻي پوندي هئي. هُن ڏاڍو جلدي اُهي سيئي ننڍڙيون ننڍڙيون ڪهاڻيون بر زبان ياد ڪري ورتيون، جيڪي کيس پڙهڻيون پونديون هيون يا جن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ياد ڪرڻي هوندي هئس. هُن کي پنهنجي ڪتابن مان اُنهن خاص سوالن جو ڪو به جواب نه ملندو هو، جيڪي سندس سدائين سوچيندڙ ذهن ۾ اُڀرندا رهندا هئا. سندس پهرئين جي ڪتابَ ۾ صرف ايترو لکيل هو ته ’اَي‘ سان ايپل (صوف) ٿئي ٿو. اِهو ته اَل ڏاڍو جلدي ياد ڪري ورتو، پر ڪو صوف ڳاڙهو ڇو ٿيندو آهي ۽ ڪو ٻيو سائو ڇو؟ اُن جا ٻجَ ننڍين ننڍين ٿيلهن جي اندر ٻج- داڻيءَ ۾ ڇو بند هوندا آهن؟ سندس ڪتاب ۾ انهن اهم سوالن مان ڪنهن به هڪ جو جواب ڪو نه هو. هُن جي عادت هئي ته هو پنهنجو وقت گهر کان ٻاهر گذاريندو هو، پر اسڪول ۾ کيس لاڳيتو ڪيترائي ڪلاڪ ڪلاس ۾ ويهڻو پوندو هو. اِهو هِن کي بلڪل به پسند نه هو. هي ننڍڙو ڇوڪرو شروع کان ئي لڳاتار ۽ ڪيترا سوالَ پُڇڻ جو عادي هو، هُن کي اهو ڄاڻڻ جو به شوق هو ته پاڻي ٽڪريءَ تان هيٺ ڇو وَهندو آهي؟ برفَ رڳو سياري ۾ ڇو پوندي آهي؟ اندلٺ ۾ ايترا سُهڻا رنگ ڪٿان پيدا ٿين ٿا؟ هر وقت ۽ هر ماڻهوءَ سان سوالَ ڪرڻ ڪري گهَر ۾ اَل جو نالو ئي ’ڇو‘ پئجي ويو هو، سندس گهر وارا هِن جا سوالَ ٻُڌي مرڪندا ته ضرور هئا، پر جواب ڏيڻ جي به ڪوشش ڪندا هئا. ڪڏهن هو مجي به وٺندا هئا ته ڪين انهيءَ سوال

جي جوَاب جي خبر ڪانهي يا ڪڏهن هو ڪيس چوندا هئا ته ان وقت تائين اِنتظار ڪر، جيستائين پاڻ پڙهي پنهنجي سوالَ جو جواب پاڻ ئي معلوم ڪرڻ جي قابل نہ ٿي وڃين.

اِسڪول ۾ اَل جو استاد ڪڏهن بہ سندس سوالَ جو جوابُ نہ ڏيندو هو. هو ڏاڍو بَخيل هوندو هو ۽ هُن کي ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ڪاوڙ ايندي هئي. اَل ڪائنس جڏهن بہ ڪو سوالُ پُڇندو هو تہ هُو ڪيس چِڙبيندي پنهنجو ڪتاب پڙهڻ جو حڪم ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو اَل کي دڙڪا ڏئي چوندو هو:

”چورا! گستاخُ چو ٿو ٿئين؟ جيڪڏهن تون سَمجهين ٿو تہ مون کان وڌيڪ ڄاڻ رکين ٿو تہ اڙي، عقلمندَ! منهنجي ڪرسيءَ تي اچي ويهُہ ۽ ڪلاس کي پڙهائڻ شروع ڪر...“ اِهي ڳالهيون ٻُڌي سيئي ڇوڪرا کِلڻ لڳندا هئا ۽ اَل غمگين ٿِي پوندو هو.

سنہ 1855ع ۾ هڪ ڏينهن اَل اسڪول کان پنهنجي گهر ڏانهن واپس وريو، جتي کيس داخل ٿئي اڃا ٽي مهينا مس گذريا هئا. سندس نرڙ تي گهُنج پيل هئا، ڄڻ هو ڪو گنڀير معاملو سُلجهائڻ چاهيندو هجي، پنهنجا ڪتابَ ۽ سليٽ ڪاڏي واري ميز تي رکي سڌو رڌڻي ڏانهن هليو ويو، جتي سندس ماءُ ڪاڌو پچائڻ شروع ئي مس ڪيو هو.

”اَمان، چڙوچڙ دماغ ڇا کي چوندا آهن؟“ اَل سوال ڪيو.

مسز ايڊيسن چُلهي تان نظرون هَٽائيندي چيو ”ڪنهن ماڻهوءَ جو دماغ سالم سوچيندڙ نہ هجي ۽ اجايون ڳالهيون ڪري تہ ان لاءِ اهڙو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي.“

اَل پنهنجي گهنجريل پَورن وارن واري ڇَڳَ جيڪا سدائين سندس نرڙ تي لهرائيندي رهندي هئي، سا ناهيندي ڪاوڙ واري انداز مان پُڇيو ”مان تہ اجايون ڳالهيون نٿو ڪريان امڙ؟“

هُن جي ماءُ چيو: ”نہ پُٽ... هرگز نہ، آخر اهو سڀ ڪجهہ پڇڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟“

”استاد سائين سدائين اهو ئي چوندو آهي تہ تنهنجو دماغ چڙوچڙ آهي. اڄ وڏوصاحب (سپرنٽينڊنٽ صاحب) اسڪول جي معائني لاءِ آيو هو، ماستر صاحب ان کي بہ اهو ئي چيو تہ ڇوڪرو منتشر ذهن وارو آهي.“ وڏو صاحب کِلي چوڻ لڳو ”شايد سندس کوپڙي خالي آهي.“

”امڙ! کوپڙي ڇا کي چوندا آهن؟“

مسز ايڊيسن ڪرسيءَ تي ويهي رهي ۽ ٻار کي پنهنجي پَر ۾ بيهاريائين ۽ ڪجهہ مناسب سوالن ڪانپوءِ کيس پڪ ٿي وئي تہ ٻارُ اسڪول مان خوش ڪونهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ناشتي وقت مسز ايڊيسن اَل کي چيو ”پٽ! تو لاءِ مون تنهنجي پيءُ سان رات گهڻي دير تائين ڳالهايو هو. شاديءَ کان اڳ ۾ مان بہ ويانا جي هڪ اِسڪول ۾ پڙهائيندي هئس، جيڪڏهن مان وري اهو ڪم شروع ڪريان ۽ توکي پڙهايان تہ مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي. ڀلا جيڪڏهن تون گهر ۾ پڙهين ۽ مان تنهنجي استاد بڻجي پوان تہ ڪيئن رهندو؟“

اَل جون اکيون خوشيءَ مان چمڪڻ لڳيون ”تہ ڇا مان جيڪو چاهيندس، سو اوهان کان پُڇي سگهندس؟“

ماءُ کِلڻ لڳي ”هر سٺو استاد سدائين اِهو چاهيندو آهي تہ سندس شاگردَ هُن کان سوالَ پڇن. اسان جيڪي ڪجهہ ڄاڻڻ گهرون ٿا، سو واري واري سان هڪ ٻئي کان پُڇي سگهون ٿا.“

”پوءِ تہ مان اوهان وٽ ضرور پڙهندس.“ اهو چئي اَل پنهنجو مٿو ايڏو زور سان ڦيرايو، جو هن جي پورن وارن واري ڇڳَ سدائين جيان سندس نرڙ تي اچي ڪِري.

انهيءَ ڪانپوءِ الوا ايڊيسن ڪنهن بہ سرڪاري اسڪول ۾ تعليم حاصل نہ ڪئي، لڳ ڀڳ ڇهن مهينن تائين سندس ماءُ کيس گهر ۾ پڙهائيندي رهي. ڪڏهن ڪڏهن ال راند روند ۾ رُڌل رهندو هو تہ مسز ايڊيسن دَرَ تي بيهي پنهنجي منٺڙي ۽ صاف آواز ۾ کيس سڏيندي هئي ”اَل... اڙي اَل...!! پٽ پڙهڻ جو

وقت تي ويو آهي.“ اهو ٻڌندي ئي اَل راند اڌ ۾ ڇڏي ماءُ وٽ پڙهڻ پهچي ويندو هو.

پنهنجي ماءُ جي شاگرديءَ ۾ رهندي اَل ٽُرت ئي تيزيءَ سان پڙهڻ سِکي ورتو. ان کانسواءِ سندس پيءُ به هِن جِي تعليم ۾ هٿ ونڊائڻ شروع ڪري ڏنو. هُن اَل سان واعدو ڪيو ته جيڪڏهن هو ڪو سنو ڪتاب پڙهندو ۽ ان جو تَتُ زباني بيان ڪري ٻڌائيندو ته کيس هر ڪتاب لاءِ پنجويهه سينٽ انعام ملندو. اَل ڏاڍو جلدي ڪتاب جو صحيح ۽ صاف تَتُ ٻڌائڻ سِکي ورتو. ان سان گڏوگڏ کيس ضرورت لاءِ کيسي خرچي به ملندي رهندي هئي. اَل جيتوڻيڪ اسڪول ۾ باقاعدي رڳو ٽي مهينا پڙهيو هو، پر پنهنجي پيءُ ماءُ جي گڏيل ڪوشش سان هن تمام عمدي تعليم حاصل ڪري ورتي.

اَل جو وڏو ڀاءُ وليم پٽ ايڊيسن جوان ٿي چڪو هو ۽ سندس عَمر پنجويهه سالن جي ويجهو پهتي هئي. هُن پورٽ هيورون ۾ ڀاڙي جي گهوڙن لاءِ هڪ تنبيلو کوليو هو ۽ پاڻ ئي اهو هلائيندو هو. هو سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر رهندو هو. اَل جي ڀيڻ ٽينيءَ جي شادي ڪجهه سال اڳ سيموئل بيلي سان ٿي وئي هئي ۽ هوءَ پنهنجي مڙس سان گڏ رهندي هئي.

گهَر ۾ اَل جيترو ڪو به ٻيو ٻارُ نه هو ۽ نه وري کيس اهڙا دوست هئا، جيئن اسڪول ۾ پڙهڻ سبب عام طور ٻارن کي ملي پوندا آهن. پر اَل ڪڏهن به اڪيلائي محسوس نه ڪئي. گريٽيو قلعي ۾ فوجي رهندا هئا، اونداهين راتين ۾ هي شرارتي ڇوڪرو پنهنجي وات سان عجيب غريب آواز ڪيندو هو، جنهنڪري سپاهي خطري وارو توتارو وڄائي ڇڏيندو هو، سپاهيءَ جي گوڙ تي چوڪيدارُ ۽ ان جا ساٿاري رات جي اوندهه ۾ ڀَڄڻ شروع ڪندا هئا. مسز ايڊيسن کي جڏهن به اهڙين حرڪتن جي خبر پوندي هئي ته هوءَ وڏي گهڙيال پنيان رکيل لڪڻ ڪڍي پنهنجي حرڪتي پُٽ جي ٿورڙي مرمت ڪري ڇڏيندي هئي.

ڪانيون آٽڻ، پاٽي پَرڻ، پيغام پهچائڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪمن لاءِ مسز ايڊيسن وٽ هڪ پندرهن سالن جي عمر جو ڇوڪرو مائيڪل اوٽس نوڪر رکيل

هو. جيتوڻيڪ هو اَل کان ڇهه سَتَ سالَ وڏو هو، پر سندس دِلي دوست ٿي پيو. اَل ۽ مائڪ جهنگ ۾ هر ڏينهن هڪ پيرو ضرور ويندا هئا، جتي جهرڪين جا آنا ڳوليندا هئا. هيورون ڍنڍَ ۾ ٽَرندا ۽ ان جي ڪناري سپيون ۽ ڪوڏ گڏ ڪندا هئا.

اَل پنهنجي ماءُ کي روزانو سبق ٻُڌائيندو هو ۽ هفتي ۾ ٽي پيرا نون ڪتابن جا بر زبان ٿَت بيان ڪري پنجويهه سينٽ في ڪتاب انعام حاصل ڪري وٺندو هو.

(2)

پوءِ سنہ 1857ع ۾ اَل ڏهن سالن جو ٿي ويو، اُهو سال ڪيس سدائين ياد رهندو هو، ڇو تہ پنهنجي ڏهين سالگره کان جلدي پوءِ هن کي رچرڊ گرين پارڪر جو ڪتاب 'اسِڪولي ٻارن لاءِ عِلمي ۽ عَملي تجربَن جو تَتُ' تحفي ۾ مليو. انهيءَ ڪتابَ اَل کي پهريون ڀيرو سائنس، خاص طور ڪيميائي علم جي ڄاڻ ڏني. پارڪر جي ڪتابَ ۾ لکيل هو تہ ٻاڦ وارن جهازن ۽ ريل گاڏين جون انجڻيون ڪهڙيءَ ريت ڪم ڪَن ٿيون. ان ۾ نقشن ۽ خاڪن وسيلي چقمق واري تار گهر جي ڳُجهن رَازن جو بہ خلاصو ڏنل هو ۽ اِهو بہ ٻُڌايو ويو هو تہ ڪنوڻ جَهٽيندڙ اوزار ڪهڙيءَ طرح ڪم ڪري ٿو. ان ۾ اهڙن تجربن جا تصويري خاڪا بہ ڏِنا ويا هئا، جيڪي ڏِسي شاگرد پاڻ سولائيءَ سان ٻيهر تجربا ڪري سگهندا هئا. انهيءَ ۾ اِهو بہ ڏسيل هو تہ گندرف جي تيزابَ ۾ ڌاتوءَ جون سيخون وجهي ڪهڙي طرح بجليءَ واري بيٽري ٺاهي سگهجي ٿي ۽ ڪنهن گلاسَ کي اونڌو ڪري پاڻيءَ جي ڀَريل ٿانءَ ۾ رکيو وجي تہ هوا جي دابَ ڪري ڪيئن اُن اندر پاڻي وجي نٿو سگهي. "اِهو ڇو ٿو ٿئي؟" ۽ "هيئن ٿئي تہ ڇا ٿيندو؟" انهيءَ دلچسپ ڪتابَ ۾ انهن سڀني سوالن جا حيرت جوڳا جوابَ موجود هئا، جيڪي اَل سدائين مائڪ اوٽس يا اهڙن ماڻهن کان پڇندو رهندو هو، جيڪي سندس ڳالهہ ٻُڌڻ لاءِ تيار هوندا هئا.

جناب پارڪر جو ڪتاب پَڙهي، اَل فيصلو ڪيو تہ ڪيميائي تجربن لاءِ هو پنهنجي تجربيگاهہ قائم ڪندو. انهيءَ ڪتابَ ۾ جيڪي نوان تجربا بيان ڪيا ويا

هئا، انهن مان هڪ هڪ ڪري هن پاڻ آزمائڻ تي گهريا. مسز ايڊيسن ان وعدي تي پنهنجي پُٽ کي گهَرَ جي تهه خاني ۾ تجربيگاهه جوڙڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ته هو احتياط سان ڪم ڪري ته جيئن ڪو نقصان نه ٿئي.

اَل اِها خوشخبري تڪڙ ۾ پنهنجي دوست مائڪ کي ٻُڌائي ۽ چيو ته "مان پنهنجو هڪ تجربيگاهه جوڙي رهيو آهيان، جنهن ۾ پارڪر جي ڪتاب جا تجربا پاڻ ڪري آزمائيندس. انهيءَ ڪم ۾ ڏاڍو مزو ايندو ۽ توکي به هٿ ونڊائڻو پوندو."

مائڪ جي مدد سان اَل گهَرَ جي مٿين ماڙ تي ڪاٺ جي هڪ ميز ڳولي ۽ ان تي سمورا تجربا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هٿوڙي، ڪوڪا ۽ ڪاٺ جا تختا ڪٺي ٻنهي ٻارن ڪيترائي ڪَٻَٽ ناهيا، جيڪي تَهہَ خاني ۾ ترتيب سان رکيائون.

اَل چيو "ڪيميائي شيون رکڻ لاءِ مون کي شيشيون به گهُرجن. هاڻي اسان کي انهن جي ڳولا ۾ نڪرڻ کپي."

مائڪ وراڻيو: "سٺي ڳالهه آهي، ٿِي سگهي ٿو ته شيشيون اسان کي قلعي مان ئي ملي وڃن."

"بلڪل ٺيڪ" اَل سندس راءِ سان سهمت ٿيندي جواب ڏنو "پر مان چاهيان ٿو ته سيئي شيشيون هڪجيتريون ۽ هڪ ئي صورت جون هجن. قلعي ڪانپوءِ اسان پورٽ هيورون جي پوري شهر جون گهٽيون، پيٽيون به ڳوليندا سين. شيشين سميت پنهنجي ڪَمَ جون ٻيون به ڪيتريون ئي شيون ڪٺيون ڪنداسين."

اَل ۽ مائڪ ڪيترن ڏينهن تائين گهٽين- گهرين اٿلائيندا رهيا ۽ دڪانن تي هَرَ هَرَ وجي خالي شيشيون هَٿ ڪيائون. اِن ڪم ۾ کين ڏاڍو مزو آيو، ڇو ته هُو ٻئي هڪٻئي کان وڌيڪ خالي شيشين ميڙڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هُنن ٽامي ۽ جست جا ٽُڪرا، ننڍڙيون ننڍڙيون تارون، شيهي جا ڳنڍا ۽ بيشمار ڪمائتيون شيون گڏ ڪري ورتيون. تار گهر وارن جي خوشامد سبب انهن ڪجهه بيڪار پليٽون ۽ هڪ رد ٿيل بيٽريءَ جو ڪولو به حاصل ڪري ورتو.

ڪيترن هفتن جي ڏُڪ، ڏُوڙ ڪانپوءِ ٻنهي جاڪوڙي ڇوڪرن ٻن سون جي ويجهو هڪجهڙيون شيشيون گڏ ڪري ورتيون، جيڪي انهن کي پنهنجي تجربيگاهه لاءِ گهُربل هيون. ٻنهي انهن شيشين کي ڌوئي، سُڪائي ته خاني اندر جوڙيل تجربيگاهه ۾ ترتيب سان سجائي رکيو. هاڻي سوال اهو پيدا ٿيو ته اِنهن خالي شيشين کي ڀريو ڪيئن وڃي!

اَل هر نئين ڪتابَ جو تَتُ ٻڌائي پنهنجي پيءُ کان پنجويهه سينٽ گڏ ڪرڻ وارو سلسلو جاري رکيو هو. هاڻي هو سائنسي ڪتابَ تڙتڪڙ ۾ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ انعامَ واري سموري رقم ڪيميائي شين جي خريداريءَ تي کپائيندو هو. هُن جيڪي شيشيون ڪَٺيون ڪيون هيون، انهن مان ڪيتريون ئي هِن لاءِ بيڪار هيون. اَل اُهي شهر جي ڪٻاڙيءَ واري وٽ وڪڻي تجربيگاهه لاءِ سامان ڳنهڻ لاءِ ڪجهه وڌيڪ ڏوڪڙ حاصل ڪري ورتا. سُتت ئي سندس شيشيون لوڻ، گندرف جي تيزاب، سوڊيم، پوٽيشيم ۽ سِلور نائيٽريٽ سان ڀَرجي ويون.

”ڪو ماڻهو هتي اچي تنهنجي شيشين سان حرڪت ڪري ۽ سامان خراب ڪري ته تون ڇا ڪندين؟“ مائڪ سوال ڪيو.

اَل سوچڻ ڪانپوءِ ورندي ڏني ”ٻڌايانءِ مان ڇا ڪندس، مان هر شيشيءَ مٿان ”زهر“ لفظ جي پَرچي لِکي هڻي ڇڏيندس، جنهنڪري ڪو به اِنهن شيشين جي ويجهو اچڻ جي به همت نه ڪندو.“

مائڪ ۽ اَل ڪاغذ جون ڪيتريون ئي پَرچيون ناهي، انهن تي ڳاڙهن ٿلهن اکرن ۾ زهر لفظ لِکي هر شيشيءَ مٿان چنبڙائي ڇڏيو.

اَل، پارڪر جي ڪتاب جا سمورا تجربا وري وري ڪيا. هُن بهتر نموني ڄاڻي ورتو ته چقمق ۽ چقمقي طاقت ڇاڪي چوندا آهن. هن برقي بيٽريون ۽ سائنسي ڪيڏوڻا به تيار ڪيا. اجا به گهڻيون ئي نيون ڳالهيون سوچي ڪجهه انوکا تجربا به ڪيا، ذاتي تجربن جي مدد سان هِن ڪيميائي علم ۾ سُني ڄاڻ حاصل ڪري ورتي. هِن پوريءَ ريت پروڙيءَ ورتو ته تجربن جي ڪيتري اهميت آهي ۽ انهيءَ عِلم ئي ڪيس جڳ مشهور ڪيو.

اُن سنہ 1857ع تائين علم ڪيميا جو مطالعو ڪندو رهيو. ٻن سالن جي وِٿيءَ ۾ هِن ٻيون ٻہ گهٽيون ئي ڳالهيون سکي ورتيون. انهن ئي ڏينهن ۾ شڪاگو ڊٽرائٽ ۽ ڪئناڊا گرانڊ ٽرنڪ ريلوي وارن پورٽ هيورون ۾ پنهنجو هڪ گودامُ ۽ شَنٽنگ يارڊ (رَيلَن جي صفائي جو ڊِڪو) جوڙيو هو، اهو گودام ۽ يارڊ ايڊيسن جي گهر جي سامهون هو، ال جي اکين آڏو عمارتون اڏجي ويون ۽ پَٽڙيون وڇايون ويون. مشينون لڳائڻ جو ڪم هِن لاءِ چڱو خاصو رؤنشو بڻجي پيو. اَل اُنهن عجيب غريب انجڻن جو بہ ويجهڙائيءَ سان مشاهدو ماڻيو، جن ۾ ڪانيون ٻاريون ويندِيون هيون. انهن جا ٻئي پاسا ڇهنبدار هوندا هئا ۽ سامهون ڳئون ڍڳا هڪلڻ لاءِ ڊگها سَنها تيانگَ لڳل هوندا هئا، جن جي شڪل پڪين جي ڇهنبن جهڙي هوندي هئي.

ريلوي يارڊ ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيندو هو، انهيءَ ۾ اَل هرويرو بہ حصو وٺندو هو. هو سُئچن، پٽڙين، انجڻين ۽ انهن جو رخ مٽائيندڙ گول چڪري واري پليٽ فارم بابت بہ ڪيترائي سوالَ پُڇندو رهندو هو. هِن چوڪري جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو بيحد شوق ڪم ڪندڙن لاءِ خوشيءَ جو سبب بڻبو هو ۽ هو وقت ڪڏهن ڪيس تفصيلي معلومات ڏيندا هئا. انجڻ ڊرائيور بہ اَل سان دوستن جهڙو سلوڪُ ڪندا هئا. ريلن جي ڦير گهير وقت هو ڪيس انجڻ ۾ ويهڻ جي دعوت ڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڊرائيور هِن مٿان خاص مهربان ٿيندي پنهنجي جاءِ تي ويهاري ڪنٽرول بيرم هٿ ۾ ڏئي ڪيس چوندا هئا تہ ”اهو پَڪڙي زور سان ڇِڪ،“ جنهن جي ڇڪڻ سان ئي ٻاڦ نڪرڻ شروع ڪندي هئي ۽ پِسٽن (Piston) اندر ٻاهر حرڪت ڪرڻ شروع ڪندو هو. پسٽن جي چُرپر سان انجڻ جا وڏا وڏا ڦيٿا بہ ڦِرڻ لڳندا هئا ۽ اَل انجڻ هلائڻ لڳندو هو. جڏهن هو انجڻ تان لهندو هو تہ پُرزن بابت بہ تمام گهڻا سوالَ ڪندو هو تہ اهي ڪهڙي طرح هلن ٿا ۽ سدائين ساڳئي نموني ڪم ڇو ٿا ڪن.

اَل ٻن سالن کان وڌيڪ وقت تائين ڪيميائي عِلمن جو مطالعو ۽ پنهنجي گهر جي تہ خاني ۾ سوين تجربا ڪندو رهيو. ڪيمياگريءَ جي هِن شوقين جڏهن

وڏيڪ مهارت حاصل ڪري ورتي تہ هن محسوس ڪيو وڏيڪ تجربن لاءِ قيمتي ڪيميائي شيون ۽ ڳُتيل مهانگا اوزار گهربل آهن. ضرورت جون بيون سيئي شيون خريد ڪرڻ لاءِ پنهنجي خرچي پوري نہ سمجهي، جيڪا هو ڪتابن جو مرڪزي موادُ ياد ٻُڌائي حاصل ڪندو هو. فيبروري 1859ع ۾ اَل جي عمر ٻارهن سال ٿي وئي ۽ هِن نوڪريءَ جي ڳولا شروع ڪري ڏني تہ جيئن ڪيس باقاعدي آمدني ٿي سگهي.

# نئين زندگي، نوان تجربا

(1)

سنه 1859ع ۾ اَل جي دوستن، جيڪي ريلوي ملازم هئا، کيس صلاح ڏني ته هُو ’شڪاگو ڊيٽرائٽ اينڊ ڪئناڊا گرانڊ ٽرنڪ ريلوي‘ جي انهيءَ ريلَ ۾ اخبارون ۽ ميوا وڪڻي، جيڪا هر روز صبح جو ستين لڳي پورٽ هيورون کان ڊيٽرائٽ ڏانهن وڃي ٿي ۽ رات جو ساڍي نوين وڳي واپس اچي ٿي. انهن ڏينهن ۾ ريلن اندر ماني کائڻ واري گاڏي (ڊائننگ ڪار) جو رواج نه هوندو هو ۽ هڪڙو ئي ڇوڪرو پورٽ هيورون کان ڊيٽرائٽ وچ ۾ ٽيهٺ ميلن جي مسافريءَ ۾ مٺائي، مڪئيءَ جا سنگَ، ميوا ۽ سموسا وڪڻي سُٺا پئسا ڪمائيندو هو.

اَل کي پئسن جي ڏاڍي ضرورت هئي، جيڪڏهن هِن وٽ ڏوڪڙ گَنا ٿي وڃن ته هو ڊيٽرائٽ جي ڪاريگرن کان اهڙا اوزارَ ۽ ضروري سامان تيار ڪرائي سگهي ها، جيڪي کيس سوچيل سائنسي ڪمن لاءِ کپندا هئا. هن کي سدائين جاري رهندڙ تجربن لاءِ نت نيون مهانگين ڪيميائي شيون به خريد ڪرڻيون هيون.

گرانڊ ٽرنڪ ريلوي ۾ اخبارن ۽ کاڌي پيتي وارين شيون وڪڻڻ لاءِ اَل پنهنجي پيءُ ماءُ سان صلاح ڪئي، سندس والدين اعتراض ڪيو. انهن جو خيال هو ته اهڙي ڪم لاءِ اَل جي عمر اجا گهڻي ننڍي آهي جيڪڏهن هو صبح جو ستين وڳي کان رات جو ساڍي نائين وڳي تائين گهر کان گُم رهندو ته سندس

پڙهائيءَ ۾ رنڊڪ پوندي، ان سواءِ نئين ڪاروبار ڪري تحقيقي ڪم ۾ متاثر ٿيندو ۽ هو تجربيگاهه طرف ٻه ڪو ڌيان ڏئي نه سگهندو.

اَل وٽ پنهنجي ماءُ پيءُ جي هر مخالفت جو مناسب جواب هو. هُن چيو ته: ”مان هاڻي گهڻو وڏو ٿي ويو آهيان. منهنجو وزن وڏي نوي پائونڊ جي ويجهو پهتو آهي. انهيءَ ڪم ۾ وڏيڪ محنت ۽ پَٽ ڪوهه جي به ضرورت ڪانهي. ريل تي وڃڻ ۽ واپس ورڻ جي وچ واري وقت وِٿيءَ ۾ مان پڙهي ۽ آرام ڪري سگهان ٿو. ٻارهن سالن جو ڇوڪرو ان لائق هوندو آهي، جو ڪاڏي پيتي جون شيون، رِسالا ۽ ڪتابَ وڪڻڻ جهڙو سولو ۽ سنئون سِڌو ڪم ڪري سگهي. منهنجي پڙهائيءَ جو به ڪو نقصان نه ٿيندو. پورٽ هيورون ۾ جيترا ڪتابَ مِلي سگهيا پئي، مون اهي سيئي پڙهي پورا ڪيا آهن. مون ڪي ڊٽرائٽ ۾ روزانو گهٽ ۾ گهٽ ڇهَ ڪلاڪ واندا ملندا. مان اُتي پبلڪ لائبرريءَ ۾ وڃي اُهي ڪتابَ به پڙهي سگهان ٿو، جيڪي هِن شهر ۾ موجود ناهن. مان رات جو هڪ ٻهَ ڪلاڪَ پنهنجي تجربيگاهه ۾ ڪم ڪري سگهان ٿو. سمهندس ۽ رهندس ته گهَرَ ۾ ئي...“ اَل اِهي جوابَ اهڙي ته اعتمادَ ۽ بُردباريءَ سان ڏنا، جو سندس پيءُ ماءُ پنهنجا اعتراض واپس ورتا.

پنهنجو نئون ڪم شروع ڪرڻ لاءِ اَل هڪ ڏينهن صبح جو سوير پورٽ هيورون جي اِسٽيشن تي پهتو. هِن وٽ سموسا، مِٺائيون، ميوا ۽ مڪئيءَ جا سنگَ هڪ وڏي ٿيلهي ۾ رکيل هئا. ان سان گڏ ’يوٿس ڪمپينِيَن‘، ’هارپرز منٿلي مئگزين‘ ۽ ٻين رسالن جو هڪ وڏو ٿيلهو به هو. ستن وڄڻ ڪان ٿورو اڳ گاڏي پليٽ فارم تي آئي. لوهه جي انجڻ ۽ ڳاڙهي رنگَ جا وڏا وڏا ڦيٿا ۽ ڪيئي والَ ڊگهيون پِتل جون پَٽيون لڳل هيون. وِٽندڙ انجڻ پويان تيز پِيلي رنگ جا مسافرن لاءِ گاڏا هئا. هر دٻي ۾ ٻاهرئين پاسي درين جي قطارَ هينان ڳاڙهي، سائي ۽ نيري رنگ ۾ نياگرا آبشار، گريٽ ڍنڍ ۽ ٻين موهيندڙ نظارن جون تصويرون نهيل هيون.

ريل بيٺي تہ ان مان هڪ گارڊ لٿو. اَل ڪيس فخر مان چيو: ”مان اخبارون ۽ کاڌي پيتي جون شيون وڪڻندو آهيان. پنهنجو سامان ڪٿي رکان؟“

گارڊ جواب ڏنو: ”اخبارون وڪڻندڙ ٻارَ! عام طور تي اِهي شيون انهيءَ ئي دٻي ۾ رکيون وينديون آهن، جتي مسافرن جو سامان رکجي ٿو.“



اَل پنهنجا ميوا، ڪاڏي پيتي جون شيون ۽ رسالا سامان واري دَٻي ڏانهن ڪڻي ويو، تن ڏينهن ۾ سامان واري دٻي جا ٽي حصا هوندا هئا. هڪ ۾ مسافرن جون پَيتيون وغيره رکيون وينديون هيون، ٻئي حصي ۾ آمريڪي حڪومت جي ٽپالَ ۽ ٽيون سگريٽ ڇڪڻ لاءِ خاص طور جوڙيل هوندو هو. انهيءَ حصي ۾ هوا ۽ روشنيءَ جي گذر جو بهتر بندوبست ڪونہ هو، انڪري مسافر اهو تمام گهٽ استعمال ڪندا هئا. اَل ڪاڏي پيتي جون شيون ۽ رسالا اُن حصي ۾ رکي ڇڏيا.



اَل پنهنجو سامان وڪڻڻ لاءِ هڪ خاص تختي جو ٿالهه جوڙايو هو، جنهن ۾ چمڙي جا پَٽا لڳل هئا، جيڪي هو پنهنجي ڪنڌ ۾ وجهي ڇڏيندو هو. اُن ۾

سموسا، مِٺائي ۽ ميوا صاف سُٿرا چونڊي اَل ٿاهي سنواري رکيا ۽ ريل جيئن ئي پنهنجي ٽيهن ميلن جي سفر تي ڊٽرائٽ طرف رواني ٿي ته هڪ هڪ ڊٻي ۾ وڃي پنهنجو سامان وڪڻڻ شروع ڪري ڇڏيو، ٻُڪايل مسافرن سندس شيون هٿو هٿ خريد ڪيون.

اَل پهرئين ئي ڏينهن اندازو لڳائي ورتو ته ريلَ ۾ سودو سامان وڪڻڻ لاءِ اڌ ڪلاڪ جي وٿيءَ سان چڪر لڳائڻ گهُرجي. اِن جو مطلب اِهو هو ته هڪ دفعي ڦيريءَ تي نڪرڻ کانپوءِ ڪيس پوري اڌ ڪلاڪَ جي واندڪائي ملي پوندي. اهو وقت هو لکڻ پڙهڻ يا پنهنجي مرضيءَ موجب ڪنهن ٻئي ڪم ڪار ۾ گذاري سگهي ٿو. اَل اِهو به ڏسي ڇڏيو ته سفر ڪندي ڪوبہ مسافر سگريٽ ڇڪڻ واري گاڏي ۾ نٿو اچي، انڪري هو جيئن چاهي اهو ڪتب آڻي سگهي ٿو. هُن پهرئين ڏينهن جي منافعي مان اندازو لڳائي ورتو ته هو هر ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ پنجَ ڊالر ڪمائي سگهي ٿو. هڪ ٻارهن سالن جي ٻارَ لاءِ ايڏي آمدني تمام گهڻي هئي!

رات جو گهر اَچي اَل پنهنجا سيئي تجربا ماءُ پيءُ کي ٻُڌايا، سمورو حال احوالُ پورو ڪرڻ کانپوءِ هن پنهنجي ماءُ سان ڳالهائيندي چيو: ”اَمان! هي وَٺ هڪُ ڊالرُ، گهَرَ جي خرچ ۾ منهنجو حصو. مان هر رات مسافريءَ تان موٽڻ کانپوءِ پنهنجي ڪمائيءَ مان هڪ ڊالرُ اوهان کي ڏيندو رهندس.“ هِن انهيءَ واعدي کي ڏاڍي پائبنديءَ سان نڀايو ۽ جيستائين هو ريل ۾ سودو وڪڻندو رهيو، سدائين واپس وَري پنهنجي ماءُ جي هٿ تريءَ تي هڪ ڊالر رکندو هو.

ننڍي عمر ۾ ئي اَل کي شيون وڪڻڻ ۽ پئسا ڪمائڻ وارو هي ڪم ڏاڍو وڻيو. ڊٽرائٽ پهچڻ کانپوءِ واپس ورڻ تائين هِن وٽ تمام گهڻو وقت هوندو هو ۽ هو گهڻو ڪري اتان جي پبلڪ لائبرريءَ ۾ ڪتابَ پڙهڻ ويندو هو. ڳاڙهين سِرن سان جُڙيل انهيءَ عمارت ۾ اندر داخل ٿيڻ کانپوءِ هُن پڪو پَهُه ڪيو ته پهريائين انهن سيني ليکڪن جا ڪتابَ پڙهندو، جن جا نالا اَي (A) سان شروع ٿيندا. ان کانپوءِ هو هڪ هڪ ڪري صورتخطيءَ جي حرفن واري سٽاءَ سان سيئي ڪتابَ پڙهي وٺندو، پر هُن ترت ئي محسوس ڪيو ته اهڙيءَ ريت سندس مطالعو ڪڏهن

به مڪمل ٿي نه سگهندو. تنهنڪري هن موضوعن جي مناسبت سان ڪتابَ چوندڻ شروع ڪيا. جنهن ڏينهن اَل لائبرري نه ويندو هو ته ڊاٽرائٽ ۾ انجڻين جي ڪارخاني، فئڪٽرين ۽ مشينن جي دڪانن ۾ وقت گذاريندو هو ۽ سستين هوٽلن تي ماني کائيندو هو.

اهڙن سيني ڪَمن ڪري اَل سدائين ڏاڍو رُڌل رهندو هو. گهر واپس موٽي هو رات جو دير تائين پنهنجي تجربيگاهه ۾ ڪم ڪندو رهندو هو. سندس والدين اِن ڳالهه تي به اعتراض ڪيو. هنن مٿس زور رکيو ته هو ڪجهه وڌيڪ آرام ڪري. اَل محسوس ڪندو هو ته هُن کي پنهنجا ڪيميائي تجربا هر قيمت تي جاري رکڻ گهرجن. اوچتو ڪيس خيال آيو ته سامان جي دَٻي ۾ سگريٽ ڇڪڻ وارو حصو سدائين خالي رهندو آهي، ڇو نه اُن ۾ هڪ تجربيگاهُ قائم ڪري ونجي؟ جڏهن ڪيميائي شيون ۽ سائنسي اوزار گاڏي ۾ موجود هوندا ته هو سفر ۽ ڊٽرائٽ ۾ ڪجهه ڪلاڪن جي وقفي ۾ به پنهنجا تجربا جاري رکي سگهندو. هِن پنهنجو اِهو خيالُ ريلَ جي بابوءَ سان بيان ڪيو.

بابوءَ (گارڊ) وراڻيو: ”مون کي ته ڪوئي اعتراض ڪونهي، پر شرط اِهو آهي ته دَٻي جي صفائي ۽ سارَ سنڀالَ تون پاڻ ئي سٺي نموني ڪرين ۽ اُتي اِهو به خيالُ رکندين ته گاڏي ۾ ڪا باهه وغيره نه ڀڙڪي ۽ ڪنهن به قسم جو ڪو نقصان نه ٿئي.“

اَل سگريٽ ڇڪڻ واري حصي ۾ وڃي، اُن جي ويڪر کي جاچيو. هڪ پاسي پٽ جي سهاري ڪاٺ جا ڪَٻَٽَ رکي سگهجن ٿا. ان ۾ خراب پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ ننڍي نادي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ فرش ۾ هڪ سوراخ ڪري سگهجي ٿو، هُن پينسل سان هڪ خاڪو تيار ڪيو ته پٽ ۾ ڪهڙي جاءِ تي تختا لڳائڻ جي ضرورت آهي ۽ ڪِٿي ڪَٻَٽَ رکيا ويندا. اِهي جوڙائڻ لاءِ هُو هڪ ڊڪڻ جي ڳولا ۾ نڪتو، سندس سنگتين جيڪي ريلوي ملازم هئا، ڪيس ٻڌايو ته جارج مارٽيمر پُل مين نه رڳو هڪ سٺو ڪاريگر آهي، پر هُن ڪيترين ئي چيزون ايجاد به

ڪيون آهن جهڙوڪ: هُن ريلَ جي پراڻن دٻن ۾ ڦيرڦار ڪري انهن کي اِن لائق بڻايو آهي تہ ڊگهو سفر بہ مسافرَ آرامَ سان ڪري سگهن.

اَل مسترپُل مين سان سندس دڪان تي مِلڻ ويو. 28 سالن جي عمر واري هِن ڪاريگرَ ڪٻٽن ناهڻ لاءِ هائوڪار ڪئي. اَل مسٽر پل مين وٽ ويهي سندس ڪم ڏسندو هو. چوڪري جڏهن هِن کي ٻُڌايو تہ هو ريلوي ملازم آهي تہ مسٽر پُل مين ريلن بابت ڳالهيون شروع ڪري ڇڏيون ۽ ٻُڌايو تہ هُن ريل لاءِ نوان ۽ بهتر دٻا کهڙيءَ طرح جوڙيا هئا.

پُل مين چيو: ”ريل جي سفر کي اجا وڌيڪ آرام جوڳو بڻائڻ جي ضرورت آهي، مسافرن کي ريل ۾ سڄي رات ويهڻ تي ڇو مجبور ڪيو وڃي ٿو. هڪ نہ هڪ ڏينهن ڪونہ ڪو ماڻهو اهڙا دٻا بڻائڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿي ويندو، جنهن ۾ مسافر رات جي سفر ۾ سمهي بہ سگهندا. ضرورت رڳو هڪ خاص قسم جي سيٽ جي آهي، جيڪا ڏينهن جو هٽائي وڃي ۽ رات جو استعمال لاءِ ٻيهر لڳائي سگهجي.“

اَل پڇيو تہ: ”اها خاص سِيٽ اوهان ئي ڇو نٿا ايجاد ڪري وٺو؟“

”ٿي سگهي ٿو تہ مان پاڻ اهڙي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي پوان.“ پُل مين اَل جي تجربن واري ڪٻٽ ۾ آخري ڪوڪو هڻندي چيو.

پنجن سالن ڪانپوءِ جارج مارٽيمر پل مين هاڻوڪي دؤر جو پهريون ”پايونيئر (Pioneer) دٻو تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، اُن ۾ رات جو مسافر آرام سان سُمهي سگهندا هئا ۽ اهوئي دٻو اڄڪلهہ پُل مين جي دٻن جو سونهون ثابت ٿيو. پنجن سالن جي انهيءَ عرصي ۾ اَل ايڊيسن تار گهر جو آپريٽر بہ بڻجي ويو هو ۽ پوري آمريڪا گهمي پنهنجي اهڙي مشهوريءَ جو بنيادُ رکي رهيو هو، جيڪا ڪيس مستقبل ۾ ملڻي هئي، پر ان وقت سنہ 1859ع ۾ هو صرف هڪ ٻارُ هو.

مسٽر پُل مين کان ڪاٺَ جون سموريون شيون وٺڻ ڪانپوءِ اَل انهن کي سامان رکڻ لاءِ دٻي ۾ لڳائي ڇڏيو. هاڻي هو پورٽ هيورون ۽ ڊٽرائٽ جي وچ ۾

سفر يا ڊترائٽ ۾ واپس وَرڻ تائين ريلَ جي بيهڻ واري وِٿيءَ ۾ ڪيميائي ۽ برقي تجربا ڪري سگهندو هو.

الَ آهستي آهستي پنهنجي واپاري سرگرمين کي بہ وڌائڻ شروع ڪيو هو پنهنجي پيءُ جي ٻنيءَ تان تازن ميون ۽ ڀاڄين جا ٽوڪرا سامان جي دٻي ۾ ڊترائٽ کڻي ويندو هو. اهي شيون اُتي ڏاڍي سولائيءَ سان وڪامي وينديون هيون.

(2)

نوجوان ايڊيسن جنهن گاڏيءَ ۾ شيون وڪڻندو هو، ان ۾ مسافرن کانسواءِ مال گاڏا به لڳندا هئا. ڊٽرائٽ ۽ پورٽ هيورون جي وچ ۾ گاڏي نه رڳو مسافرن کي چاڙهڻ لاهڻ لاءِ بيهندي هئي، پر مال به چاڙهيو ۽ لاٿو ويندو هو. هتي دٻا به ڏار ڪيا ويندا هئا ۽ انجڻ ۾ تيل پاڻي به پريو ويندو هو. انهن سڀني ڪمن ۾ ٿوري گهڻي دير لڳندي هئي. اَل فيصلو ڪيو ته ريل کان سواءِ رستي ۾ سڀني اسٽيشنن تي هوُ اخبارون وڪڻندو. ڊٽرائٽ ۾ اَل شام جو اخبارون خريد ڪري وٺندو هو. جلدي جلدي هُو شهه- سُرخين تي هڪ نظر وجهي وٺندو هو ۽ ان ڏينهن جي خاص خبرن جو هڪ ٽڪڙو تَتُ تيار ڪري تارَ وسيلي رستي وارين سمورين ريلوي اسٽيشنن تي اُماڻي ڇڏيندو هو، جيئن ته سڀني تار گهرن جا آپريٽر هِن مٿان مهربانُ هئا، اِنڪري هو خبرن جو تَتُ هڪ ڪاغذ تي لکي اسٽيشن ٻاهران ٽائيم ٽيبل واري ڪاٺَ جي بورڊ تي چنبڙائي ڇڏيندا هئا. شهر جا ماڻهو اُهي خاص خاص خبرون پڙهي وٺندا هئا، جنهن ڪري ڪا دلچسپي هوندي هئي، اسٽيشن اچي ڊٽرائٽ جي اخبارَ اَل کان خريد ڪندا هئا. اسٽيشن ماسٽرن ۽ هِن اخبار فروش وچ ۾ هڪٻئي جي مدد واري هِن سهڪار سبب اخبارن جي وڪري ۾ واڌارو ٿيو ۽ ال جي آمدنيءَ ۾ سنو اضافو ٿيڻ لڳو.

سنه 1861ع ۾ آمريڪي رياست ۾ جنگ لڳي، ڊٽرائٽ کان پورٽ هيورون ٽائين جيڪي به ماڻهو رهندا هئا، انهن سڀني جا دوست يا مِٽ مائٽَ وفاقي فوجَ ۾ ڀرتي ٿي جنگ ۾ حصو وٺي رهيا هئا. ان لاءِ فطري طور هو جنگ جي هر محاذ جي تازن واقعن جي خبرچار رکڻ چاهيندا هئا. تنهنڪري اَل جي خبرن جا تَتَ

ڏينهون ڏينهن مقبول ٿيندا ويا ۽ انهيءَ رفتارَ سان آمدني بہ وڌندي رهي. 6 اپريل 1862ع تي جڏهن الَ شيلوا جي زبردست جنگ جو احوالُ ٻُڌو تہ هُن ڊٽرائٽ جون هڪ هزار اخبارون خريد ڪيون ۽ پنهنجي لائين جي هر اسٽيشن تي ان جو هڪ ڊرامائي ٽَڪُ روانو ڪيو. ريل گاڏي بہ پهتي، اَل ڪي اخبار خريد ڪرڻ وارن جو هڪ وڏو ميڙ نظر آيو. شروع ۾ تہ هُن هڪ اخبار پنج سينٽ تي وڪرو ڪئي، گاڏي جيئن جيئن اڳتي وڌندي وئي، اخبار وٺندڙن جي اَنگ ۾ بہ اضافو ٿيندو ويو. اِنڪري اَل اخبار جي قيمت ڏهہ سينٽ ڪري ڇڏي ۽ آخري اسٽيشن تي هڪ هڪ اخبار پنجويهہ پنجويهہ سينٽ تي وڪامي. اُن ڏينهن اَل وٽ هڪ هزار مان هڪ بہ اخبارَ نہ بچي ۽ رڳو هڪ ڏينهن ۾ سؤ ڊالرن ڪان بہ وڌيڪ ڪمايو. گرانڊ ٽرنڪ ريلوي تي اخبارون وڪڻندي هڪ ڏينهن ۾ ڪيس ايڏو منافعو ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو.

اخباري ڪاروبار ۾ ڳيرو ايڊيسن ڪي ايتري تہ ڪاميابي ٿي، جو هُن پاڻ هڪ هفتيوار اخبار ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو. ڊٽرائٽ ۾ هُن هڪ پُراڻي پريس جو ڏَسُ پَتو هٿ ڪيو، جيڪا هوٽلن ۾ کاڌن جي لِسٽ ڇاپڻ لاءِ استعمال ٿيندي هئي. هُن اها پريس خريد ڪئي. ان سان گڏوگڏ ٽائيپ، مَسُ، پنو ۽ پريس جون ٻيون ضروري شيون بہ ڳنهي ورتيون. اِها پريس بہ هُن سامان رکڻ واري انهيءَ دٻي ۾ لڳائي، جتي سندس تجربيگاهہ ۽ اخبارون وڪڻڻ جو دُڪان هو. هو هفتي ۾ هڪ دفعو پنهنجي اخبار 'ويڪلي هيرالڊ' ڇاپيندو هو. ان جي قيمت ٽي سينٽ في پرچو ۽ اَٺَ سينٽ ماهوار هئي. 'ويڪلي هيرالڊ' ۾ ايڊيٽر، رپورٽر، ڪمپازيٽر، پرنٽر ۽ مئنيجر سڀ ڪم اڪيلي سِر انجام ڏيندو هو.

هڪ دفعي هُن ڪان هڪ انگريز مسافر بہ 'ويڪلي هيرالڊ' جي ڪاپي خريد ڪئي. هُو اِها ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ هُن اخبار، اَل ۽ سندس حالتن جو احوال لنڊن لکي موڪليو 'لنڊن ٽائمز' اهڙي رپورٽ شايع ڪئي، جنهن ۾ نوجوان الوا ايڊيسن کي هڪ اڪيلي اخبار جو مالڪُ ۽ پبلشر قرار ڏنو ويو، جيڪا هلندڙ ريل ۾ لکي ۽ ڇاپي وئي ٿي. ان ۾ اَل جي ڏاڍي تعريف ڪئي وئي. انگلستان

جي ان وڏي اخبارَ ۾ ايڊيسن جي نانءَ ڇپجڻ جو پهريون موقعو هو، پر ڪنهن کي اِها خبر هئي تہ هڪ وقت اهڙو بہ ايندو جڏهن ’لنڊن ٽائمز‘ ۾ سندس نالو هر هر شايع ٿيندو.

(3)

آگسٽ 1882ع ۾ هڪ ڏينهن گرانڊ ٽرنڪ ريلوي مائونٽ ڪليمنس جي اسٽيشن تي بيٺي. ان مان مال وارا ڊبا ڪٽيا پئي ويا ۽ انجڻ انهن کي پَر وارين پَٽڙين تي ڪٽي پئي وئي. اَل پنهنجي ڊَبي مان لٿو. اسٽيشن واري تار گهر جي آپريٽر جو پنجن سالن جو ننڍڙو پٽ جمي ميڪنزي اُن عمارت ويجهو کيڏي رهيو هو، جتي سندس پيءُ ڪم ڪندو هو. هو پَٽرين ۽ وڏن پٿرن مان ننڍڙو گهَرُ جوڙي رهيو هو.

”جِمي... هيڏانهن ته ڏِسُ!“ اَل ڪيس سڏيو، پر ٻارُ هُن ڏانهن غُور نه ڪيو ۽ هُو سندس پيءُ ڏانهن هَليو ويو. مسٽر ميڪنزيءَ سان حال احوال ڪرڻ بعد اَل اسٽيشن کان ٻاهر آيو. پَٽڙيءَ تي هڪ مال، گاڏي اچي رهي هئي. پتڪڙو جمي پنهنجو گهرُ ڇڏي، ان لاءِ ڪجهه ٻيا پَٿرَ ميڙيندي ٻن پٽڙين جي وچ ۾ هليو ويو. هُو انهيءَ ڪم ۾ ايترو ته مَحو ٿي ويو، جو کيس خبر ئي نه پئي ته مال گاڏيءَ جا ڊبا سندس ويجهو اچي پهتا آهن.

اَل کيس خبردار ڪرڻ لاءِ زور سان رڙيون ڪيون. ايتري ۾ ڊَبي اندر ويٺل ماڻهوءَ جي نظر به ٻارَ مٿان پئجي وئي، اهو ڏسي سندس خون ئي خشڪ ٿي ويو. هُن گاڏيءَ جي مٿان ورو ڦيٿو پَڪڙي، سموري سَگهَه سان گهُمائڻ شروع ڪيو. اهڙي ريت هُن پُراڻي نموني واري بريڪ لڳائي انجڻ روڪڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي. اَل اهو ڏسندي هڪڙو پَلُ به وڃائڻ سواءِ پٽڙين پاسي ڊوڪيندي بدحواس ٻارَ کي ڪنيي ڪٽي ورتو ۽ پٽڙيءَ جي ٻي پر ٽپو ڏنو. سندس پيرُ پَٽڙي

جي چوڌاري ڦهليل پَٿرن ۾ ٿابڙيو ۽ ٿِڙڪندي ڪناري طرف هڪ ڪَڏي ۾ وڃي ڪِريو. ايتري ۾ مالَ جا دٻا گڙ گڙ ڪندا پٽڙيءَ تان گُذري ويا.

نوڪدار پٿرن سان رَهڙجي جميءَ جي گوڏن وٽان نازڪ چمڙي هنڌان هنڌان ڇِلجي وئي ۽ مٽي تي هڪ هنڌ ڳوڙهو ٿي پيو هو. اَل ڦڙتيءَ سان اُٿيو ۽ هُن روئيندڙ ٻارڙي کي بہ ياڪر ۾ پَري اُٿاري ٻيهاريو. پٿرن تي رڳڙجڻ ڪري ايڊيسن جي نونڻ وٽان ڪوٽَ جون چٽيون اُڏامي ويون. بريڪ هٽندڙ همراهہَ جو گوڙ ٻُڌي ميڪنزي بہ ٻاهر ڊسڻ لڳو. هن پنهنجي ڪمري جي ننڍڙي دَريءَ مان ڏٺو تہ اَل ٻارڙي کي ڇڪي ڪٽي ريلوي لائين جي ٻئي پاسي ٽپو ڏنو هو. هو ڊوڙندو هنن وٽ آيو. هن پنهنجي پياري پُٽڙي کي سيني لڳايو ۽ وڏي پاٻوهہَ مان اَل سان هٿ مِلايو. خوشيءَ مان سندس اکين ۾ ڳوڙها ڀَرجي آيا.

”خدا جو شڪر آهي تہ اوهان منهنجي ٻارَ جي جان بَچائي“ هِن چيو: ”مان ڏاڍو غريب ماڻهو آهيان ۽ ان احسانَ جو اوهان کي ڪو مالي معاوضو تہَ ڏئي نٿو سگهان، پر جيئن تہ مان سنو ٽيلي گرافر آهيان، اوهان چاهيو تہ مان اوهان کي ان ڪم ۾ ايترو تہ پڙُ ڪري سگهان ٿو، جو تارَ موڪلڻ ۽ حاصل ڪرڻ ۾ اوهان جو ڪو ٻيو مَٽُ نہ هوندو.“ مسٽر ميڪنزيءَ ڏاڍي خلوص سان ڳالهايو.

اَل سندس مَٽين پيشڪش قبول ڪئي. هن جِمي جي جان بچائڻ واري ٿوري جي موٽَ ۾ سندس پيءُ کان ٽيلي گرافيءَ جو ڪم سکڻ لاءِ پنهنجي معمولَ واري سٽاءَ ۾ معمولي ڦير گهير ڪئي. هو پورٽ هيورون کان مائونٽ ڪليمنس تائين ريلَ ۾ اڳ جيان سودو سامان وڪڻندو رهندو هو، پر اُتي پهچي هو گاڏيءَ مان لهي پوندو هو ۽ پنهنجي ماهر استاد کان ڏينهن جا باقي پَهَرَ تار گهر جو علم پِرائيندو هو. منجهند جو ريلَ جڏهن مائونٽ ڪليمنس واپس ورندي هئي تہ هو وري ان ۾ سوار ٿي پنهنجو اصلي ڪم ڪار ڪندو پورٽ هيورون هليو ويندو هو. مائونٽ ڪليمنس ۽ ڊٽرائٽ وچ ۾ اخبارون ۽ سودو سامان وڪڻڻ لاءِ هُن پنهنجو هڪ دوست نوڪر ڪري رکيو.

مسٽر ميڪنزيءَ جي استاديءَ ۾ اَل ڏاڍو تيزيءَ سان ۽ ڪنهن غلطيءَ کان سواءِ تارَ اُماڻڻ ۽ وصول ڪرڻ جو ڪم سنت ئي سِکي ورتو. مائونٽ ڪليمنس جو ٽيلي گرافرُ ڪيس جيڪي ڪجهه سيکاري سگهيو پئي، سو حاصل ڪرڻ بعد هن وَري گراند ٽرنڪ ريلوي جي سامان رکڻ واري دٻي ۾ پنهنجو ڦيرو شروع ڪيو. هاڻي هو اخبارون ۽ کاڌ خوراڪ واري وکر وڪڻڻ سان گڏ اخبار جو پبلشر، ڪيميادان ۽ تار گهر جو آپريٽر به بڻجي ويو. انڪري اڳي کان به وڌيڪ مصروف رهڻ لڳو. دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن به ريل هلندي سامان رکڻ واري دٻي ۾ هڪ ئي وقت ايڏا گهڻا ڪَمَ ڪڏهن به نه ڪيا هوندا.

پورٽ هيورون ۽ ڊٽرائٽ وچ ۾ پنهنجي سفر سبب اَل ڪيترين ئي نيون ڳالهيون سِکي ورتيون هيون. سندس ڪم ۽ مطالعي ۾ 'ڇو' ۽ 'ڇا لاءِ' جا سوالَ سدائين ذهن ۾ اُڀرندا رهندا هئا ۽ انهن جا جواب حاصل ڪرڻ لاءِ هو هر وقت ڪوشش ۾ رُڌل رهندو هو. ڪابہ ڳالهه جيڪا ڪتاب ۾ پڙهي ڇو نه لکيل هجي، ايستائين قبول نه ڪندو هو، جيستائين پاڻ ان جو تجربو ڪري صحيح ثبوت حاصل ڪري نه وٺي. ڪو به تجربو جيڪڏهن پهرين ڪوشش سان ڪامياب نہ ٿيندو هو تہ نوجوان ايڊيسن اُن وقت تائين ساڳيو عَمَلُ ورجائيندو رهندو هو، جيسين اُن ۾ يا تہ ڪامياب بڻجي پوي يا ڪيس پوري پَڪَ نہ ٿئي تہ ڪو هِي تجربو ڪڏهن به سوپ نہ ماڻيندو.

هڪ ڏينهن فريزر اسٽيشن تي لَهي هو پليٽ فارم تي اخبارون وڪڻڻ لڳو. ڪيس خبر ئي نہ پئي تہ ريل ڇُٽِي وئي. اَلُ انهيءَ پويان ڊوڙيو، هو سامان جو ڪوڪو ڪٽي گاڏيءَ ۾ لڙڪڻ جيترو تہ ڪامياب ٿي ويو، پر گهڻو ڀَڄَڻَ سبب هو ساڻو ٿي پيو هو ۽ سندس هڪ هَٿَ ۾ اخبارن جو بنڊل بہ هو. گهڻي ڪوشش ڪرڻ ڪانپوءِ بہ هُو دَٻي ۾ داخل ٿي نہ سَگهيو. ڪيس خوف پئي ٿيو، پر انهيءَ ريت ئي لَڙڪندو رهيو. هر پَل ڪيس اهو ڊپ ٿي رهيو هو تہ ڪٿي سندس پيرُ ريل جي ڦيٿن ۾ نہ ڦاسي پوي يا هلندڙ ريل مان هيٺ ڪِري نہ پوي.

دبي ۾ ويٺل هڪ بريڪ مئن بي وس ۽ لاچار لڙڪندڙ ڇوڪري کي ڏسي ورتو. هُن گاڏي مان جهُڪي کيس ڪَنَنِ کان پڪڙي مٿي ڪنيو. هو جڏهن هن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ اَل پنهنجي مٿي ۾ ڪا شيءِ ڀڄڻ جو ٺڙڪاٽ ٻُڌو. اوچتو جسماني زور پوڻ سبب سندس ڪنن جي نازڪ پَردن کي ڏاڍو نقصان رسيو. اُهو سورُ هو ساري عمر ڀوڳيندو رهيو. ان واقعي ڪانپوءِ نوجوان ايڊيسن جي ٻُڌڻ جي سَگهَہ ڪمزور ٿي پئي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ هو ٻهريائين ڏاڍيان ٻُڌڻ لڳو ۽ آخرڪار بلڪل ٻوڙو ٿي پيو.

سنہ 1859ع ۽ 1862ع تائين اَل ايڊيسن گرانڊ ٽرنڪ ريلوي تي اخبارون وَڪڻندڙ، ڪيميائي تجربا ڪندڙ، اخبارون ڇاپيندڙ، تارَ ۽ برقي سائنس ۾ عملي تجرباتي ڪم ڪندڙ رهيو. هِن جيون جون پندرهن بهارون ماڻيون. قسمت آزمائڻ جا نِت نوان موقعا سندس انتظار ڪري رهيا هئا، جيڪي کيس اٽڪاٽائيءَ ۾ ئي حاصل ٿي ويا هئا.

# ٽيلي گراف آپريٽر

(1)

ال ريل جي سامان رکڻ واري دٻي ۾ پنهنجي تجربيگاهه واري ميز وٽ بيٺو هو. هِن جي پر واري پٽ ۾ هڪ تختو لڳل هو، جنهن تي شيشين ۾ پائوڊر، پاٽياٺ ۽ ڳنڍين جي صورت ۾ رنگارنگي ڪيميائي شيون رکيل هيون. ڪاٺ جي ميز تي هڪ ڪتابُ کُليل رکيو هو، هي نوجوان ڪيميادان تجربن ۾ رُڌل هو. آخرڪار هُن شيشي جي نلي مٿي ڪنئي ۽ ڪيس اِهو ڏسي ڏاڍو اطمينان ٿيو تہ ڳاڙهي پاٽياٺِ مان ٻڙٻڙ ڪري گئس جا بوڙيا نڪري رهيا هئا.

انجڻ سيٽي هنئي ۽ گاڏي موڙ سبب تيزيءَ سان ڦرڻ لڳي. سامان رکڻ وارو دٻو اڻ سڌي پٽڙيءَ تي جهٽڪي سان اوچتو لڏي هِڪ پاسي جُهڪي ويو. اِن اوچتي جَهٽڪي جي ڪري اَل پنهنجو توازن قائم رکي نہ سگهيو. هِن ڪرڻ کان بَچڻ خاطر سهاري لاءِ پنهنجو هٿ وڌايو، اتفاق سان سندس هٿ اُن تختي تي وڃي پيو، جنهن تي ڪيميائي شين واريون شيشيون رکيل هيون. اوچتو زور پوڻ سبب هڪ شيشي فرش تي ٽيڙَ ڪائي اچي ڪِري. نازڪ شيشِي ڪرڻ سان ئي پَچي پئي ۽ مٿان فاسفورس جي هڪ بتي بہ فرش تي رڙهندي آئي. هَوا تي فاسفورس کي باهہ لڳي، اُن مان هڪ اُلو پَڙڪو ڪائي اُٿيو ۽ چوڌاري پکڙيل ردي ڪاغذن کي وڪوڙي ويو.

باهِ هڪ ڪاغذ مان ٻئي تائين ڦهلجندي وئي، ۽ ننڍڙو تجربيگاهه دونهين ۾ ويڙهجي ويو. هڪ چٽِنگ اخبارن جي ڍير تي وجي پئي ۽ ان مان ٻه هڪدم شعلا نڪرڻ لڳا. اَل پنهنجو ڪوٽ لاهي لڳاتار زور سان شعلن تي هڻڻ لڳو، پر ڪوٽ جي هَر هَر لوڏائڻ تي باهه اجا وڌيڪ زورُ ونڻ لڳي.

”مدد! مدد! باهِ! باهه“ نوجوان ڪيمياگر انتهائي ڊپ ۽ پريشانيءَ مان رڙيون ڪرڻ لڳو. گوڙ ٻُڌي پَر واري ڊَٻي جو دَرُ ڪولي ڪنڊ ڪٽر گارڊ دونهين سان ڀَريل تجربيگاهه ۾ هليو آيو. ڪيپٽن اليگزانڊر استفنسن ٻه پنهنجو ڪوٽ لاهي باهه تي هڻڻ شروع ڪيو. ڪجهه گهڙين جي سخت ڪوشش ڪانپوءِ ڪنڊڪٽر ۽ اَل باهه وسائڻ ۾ ڪامياب ٿيا، پر دونهين ۽ ڪيميائي جُزن وري ٻاڦ سبب سندن ساهُ منجهڻ لڳو. ڪيپٽن اليگزاندر تجربيگاهه جي دَري ڪولي ڇڏي ۽ ٿورڙي ئي دير ۾ هوا صاف ٿي وئي.

گارڊَ ڪاوڙ مان رڙ ڪري نوجوان ڪيميادان کي چيو ”ڏِس ته تَو هِي ڇا ڪيو آهي. باهه سان ڊبي جي فرش ۾ وڏا وڏا سوراخ ٿي پيا آهن. هاڻي مان توکي پوري ريل ساڙڻ جي موڪل ته هرگز نٿو ڏئي سگهان. توکي هي ڪِن ڪچرو ايندڙ اسٽيشن تي ئي صاف ڪَرڻو پوندو.“

اَل ڪيس سمجهائڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي ته اِهو حادثو گاڏي جي هڪ پاسي جهُڪڻ ڪري پيش آيو هو، پر هُن اَل جي هڪ ڳالهه به نه ٻُڌي. نوجوان ڪيميادان ڪيس ڏاڍا ايلاز ڪيا ته هاڻي هو لوهه جي هڪ سيخ، شيشن آڏو هٽائي ڇڏيندو ته جيئن اڳتي اُنهن جي ڪِرڻ ۽ ڪنهن ٻئي حادثي ٿيڻ جو ڪو خطرو نه رهي، پر هُن جا ايلاز ۽ آزيون اَجايا ويا.

”مان ڪوبه دليل ٻُڌڻ لاءِ تيار ناهيان.“ ڪيپٽن استيفنسن سختيءَ سان جواب ڏنو. ”ايندڙ اسٽيشن تي هِي سمورو گندُ ڪِچرو منهنجي ريل مان ضرور ڪڍڻ گهرجي.“ هُن وڌيڪ چيو.

اِنجڻ بہ ڊگهيون بہَ نديون سيٽيون وڄايون. ڪنڊڪٽر پنهنجي مُنڊي دَري مان ٻاهر ڪڍي چيو: ”سمٽس ڪريڪ جي اسٽيشن اچي وئي آهي. گاڏي هِتي پندرهن منٽ بيهندي آهي. پنهنجو سامان اِتي ئي لاهڻ لاءِ تيار ٿيءُ.“

گاڏي جيئن ئي بيٺي، اَل ڪاٺ جي پليٽ فارم تي ٽپو ڏنو. ڪنڊڪٽر گارڊ جي مدد سان هِن ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ پنهنجي پريس ۽ اخبارن جا بَنڊل لاهي ورتا ۽ انهن کي ڳاڙهين سِرن سان ٺهيل اسٽيشن سامهون پليٽ فارم تي سٽاءَ سان ٺاهي رکيو. پرسان ئي هِن شيشين جو ڪٻٽ، ڪتابَ، ٽيلي گرافيءَ جا اوزار ۽ بيٽريءَ جا مَرتبان بہ گڏ ڪري رکيا.

ريل گاڏي پندرهن منٽن ڪانپوءِ هلي وئي ۽ هي ساٿو، ٽڪل ۽ همت هاريل نوجوان سمٽس ڪريڪ اسٽيشن تي ئي وينل رهجي ويو. جڏهن ريل اکين کان اوجهل ٿي وئي تہ هِن پنهنجا ميرا هَٿَ ۽ ٻانهون ڏوتيون. ڪوٽ کي جاچڻ لڳو، جيڪو هنڌان هنڌان سڙيل هو ۽ ڪارنهن جي داغن سان ڀرپور هو. رحمدل اسٽيشن ماسٽر ڪيس سڙيل هٿن جي زخمن تي مَلمَ هڻڻ لاءِ ڏنو.

رات جو گهر پهچي اَل سيئي ڳالهيون پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ سان ڪيون. حادثي جو سربستو احوال ٻُڌڻ ڪانپوءِ مسٽر ۽ مسز ايڊيسن گڏجي اِها راءِ ڏني تہ هِن کي باهہ کان بچاءَ لاءِ اڳواٽ ئي بندوبست ڪرڻ گهرجي ها. اَل ڪجهہ ڏينهَن ۾ آهستي آهستي ڪري پنهنجون سڀ ڪيميائي شيون، پريس ۽ ڪتابَ گهَرَ جي تجربيگاهہ ۾ آڻي رکيا.

سامان جي دٻي ۾ باهہ لڳڻ ڪانپوءِ اَل ايڊيسن ’هفتيوار هيرالڊ‘ جي اشاعت بہ بند ڪري ڇڏي، ٽيلي گرافيءَ جي مشق جاري رکڻ لاءِ هن گهَر کان پنهنجي هڪ دوست جي گهر تائين تارَ جون لائينيون هنيون. ٻنهي ڇوڪرَن مِلي وڪوڙيل تارون شيخن وارن ٿنين ۽ وڻن ۾ ٻَڌي ٽيلي گراف لائين ٺاهي ورتي. اِنسوليٽر (Insulator) لاءِ هنن شيشي جون خالي بوتلون ڪتب آنديون. اهڙي اَڻنگي ۽ بدشڪل لائين تي ٻئي ڇوڪرا روزانو ڪيئي ڀيرا هڪٻئي ڏانهن پيغام موڪليندا هئا.

بدقسمتيءَ سان اَل پنهنجي پرائيويٽ ٽيلي گراف لائين رڳو رات جو ئي ريل- سفر تان موٽڻ بعد استعمال ڪندو هو. پنهنجي پُٽ جي صحت، سنڀال سبب مسٽر ايڊيسن مٿس زور ڀريندو هو ته هو رات جو ڏهين وڳي ضرور سمهي رهي. رات جي مانيءَ ڏهين وڳي جي وچ وارن ڪجهه ڪلاڪن ۾ اَل اُهي سڀ ڪم نه پئي ڪري سگهيو، جيڪي هُن ڪرڻ ٿي چاهيا. انڪري روزانو رات جو ڏهين لڳي ڪانپوءِ جاڳڻ لاءِ موڪل وٺڻي پوندي هئي.

وعدي موجب اَل روزانو شام جو گهر پهچي پنهنجي ماءُ کي هڪ ڊالر ڏئي ڇڏيندو هو، پيءُ لاءِ هو ڊٽرائٽ، شڪاگو ۽ ٻين وڏن شهرن جون اخبارون آڻيندو هو، جيڪي وڪري بعد بچي پونديون هيون.

هڪ رات اَل گهر پهتو ته هُن وٽ ڪابه بَچيل اخبارَ نه هئي. سندس والد حيرت مان پڇيو ته ”اڙي! منهنجون اخبارون ڪٿي آهن؟“

اَل معصوميت مان وراڻيو: ”مان اڄ جون سڀ بچيل اخبارون پنهنجي دوست کي ڏئي آيو آهيان.“

”مون اڄ جا واقعا معلوم ڪرڻ ٿي چاهيا.“

مسٽر ايڊيسن شڪايتي انداز ۾ چيو: ”اڄ موسم به ايڏي خراب آهي، جو وقت گذاري لاءِ اسان رات جو ڪيڏانهن وڃي به نٿا سگهون.“

”منهنجو دوست تار جي ذاتي لائين تي سڀ خاص خبرون مون کي موڪلي سگهي ٿو.“ اَل صلاح ڏني ”مان اوهان لاءِ خاص خبرون لِکي وٺندس پوءِ اوهان انهن کي پڙهي سگهو ٿا.“

”چڱو، جيترو جلد ٿي سگهي تارَ جي لائين کي شروع ڪر.“ مسٽر ايڊيسن چيو.

رات جي مانيءَ کانپوءِ ايڊيسن پنهنجي دوست کي لائين تي گهرايو. خانا خانا لائين تي هوريان هوريان ۽ هڪ هڪ لفظ ٿي خبرون اچڻ لڳيون. ڪيترين خبرن سان مسٽر ايڊيسن کي دلچسپي هئي ۽ هُن پنهنجي پٽ کي وڌيڪ تفصيل گهرائڻ لاءِ چيو. آخري خبر ملڻ ۽ پڙهڻ تائين رات جو هِڪ ٿي ويو.

ان ڪاپوءِ وقت بوقت اَل پنهنجي پيءُ کي اچي چوندو هو تہ اڄ اخبارون ڪونہ بَچيون آهن، انڪري مجبور ٿي خبرون تارَ تي گھُرائيٽيون پونديون. ائين ئي هن کي ٽيلي گرافيءَ جي مشق ۽ ڪيميائي تجربن لاءِ وڏيڪ وقت مليو ۽ مسٽر ايڊيسن معمول موجب پنهنجي اخبار بينيءَ جو شوق پورو ڪندو رهيو.

آمريڪي رياستن جي جنگ وقت لڪين ٽيلي گراف آپريٽرن پنهنجيون نوڪريون ڇڏي اُتر يا ڏکڻ جي رياستن جي فوجي سنگل ڪور ۾ وڃي نوڪري ڪئي، نتيجو اِهو نڪتو جو ريلوي ۽ ٻين ڪاروباري ڪمپنين کي پنهنجين لائينن لاءِ گھٽي تعداد ۾ آپريٽر حاصل ڪرڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿي. اهڙا ماڻهو جن کي تار گھر جو ڪم پورو نٿي آيو، انهن کي بہ آسانيءَ سان نوڪري ملي پئي وئي ۽ باقي ٿورڙو ڪم سکڻ ڪانپوءِ انهن جي اجرت ۾ بهتري ۽ واڌارو ايندو هو. ان ڪانسواءِ ٽيلي گراف آپريٽرن کي ڪم جي وچ ۾ سير سفر جو بہ موقعو ملندو هو. هو ملڪ جي هڪ ڪُنڊ کان ٻي ڪُنڊ تائين سيئي شهر گھمي ڦِري سگھندا هئا ۽ ڪين خرچ بہ ملندو رهندو هو.



سنہ 1863ع ۾ اَل جڏهن سترهن سالن جي عمر کي رَسيو، هاڻ سندس خيالُ هو تہ هُو ايترو ماهر ٿي ويو آهي، جو مستقل طور تي ٽيلي گراف آپريٽر جو ڪم ڪري سگهي ٿو. هِن گرانڊ ٽرنڪ ريلوي تي اخبارون ۽ سودو سامان وڪڻڻ وارو ڪم ڇڏي، مئي 1864ع ۾ اسٽريٽفرڊ جنڪشن (ڪئناڊا) ۾ نوڪري ڪئي. اُتي هو اسٽيشن تي تارَ بابو بڻجي پيو. ڪيس ستين وڳي رات کان ستين وڳي صبح

تائين ڪم ڪرڻو پوندو هو. نوجوان آپريٽر ترت ئي تار گهر ۾ هڪ تجربيگاهه جوڙي پنهنجا تجربا ڪرڻ شروع ڪيا.

رات جو ٻن گاڏين جي اچڻ جي وچ واري ڊگهي وقفي ۽ آپريٽر ڪي اوزار جي پَر ۾ ويهي هنگامي پيغام ٻُڌڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ ڪم نہ هوندو هو. ڊويزنل سپرنٽنڊنٽ سيني آپريٽرن جي سجاڳ هئڻ جو يقين ڪرڻ لاءِ هڪ انوکو طريقو اهو ڳوليو تہ ريلوي لائين جي هر آپريٽر کي پابند بڻايو ويو تہ گهڙتالُ جيئن ئي ڪلاڪَ جو گهنڊ وڄائي تہ هو مرڪزي آفيس ۾ تار وسيلي "6" جي نشاني اماڻين. پنهنجي پڙهائي يا تجربو ڇڏي، هر ڪلاڪَ ڪانپوءِ اَل کي مرڪزي آفيس سِگنل موڪلڻ سنو نہ لڳو. هِن سوچيو تہ ڇا اهڙي ڪا مشين نٿي ٺاهي سگهجي، جيڪا هر ڪلاڪ ڪانپوءِ گهربل نُقطو يا ضروري لڪيرَ پنهنجو پاڻ موڪليندي رهي؟ اِن سوالَ جو نتيجو اَل جي پهرين ايجاد جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو.

هِن هڪ ننڍڙو گهڙيالُ ميز تي رکي ڇڏيو، پوءِ هڪ ڦيٿو ڪٽي ان جي گولائيءَ تي ڪيترائي ڏندا ٺاهيا. اِن ڦيٿي کي هِن گهڙيال ۾ اهڙي اَٽڪل سان لڳايو جو هڪ ڪلاڪَ پوري ٿيڻ سان ئي اهو آهستي آهستي هلڻ تي لڳو، هن ان ڦيٿي کي وري ٽيلي گراف مشين جي پيغام پهچائڻ واري اوزار سان ڳنڍيي ڇڏيو. ڦيٿي جڏهن هڪ ڦيرو پورو ٿي ڪيو تہ ان جي ڏندَن سان پيغام پهچائڻ وارو اوزار مٿي ٿي هيٺ ٿي پيو ۽ سگنل جا گهرُبل نقطا ۽ لڪيرون پاڻ- هُرتو مرڪزي آفيس پهچي پئي ويا.

اِنهيءَ غيرآباد اسٽيشن تي اَل ايڊيسن ڊگهي عرصي تائين راتين جون راتيون مطالعي ۽ تجربن ۾ مصروف رهيو ۽ هن جو نئون اوزار پابنديءَ سان گهربل سگنل موڪليندو رهيو. ڊويزنل سپرنٽنڊنٽ کي هڪ عجيب حقيقت جو احساس ٿيو تہ اَل جا سگنل هڪ ڪلاڪ پوري ٿيڻ سان ئي ملي ٿي ويا. جڏهن تہ رات جو دير سان اسٽرٽيفرڊ جنڪشن ڏانهن ڪوبہ پيغام موڪليو وڃي ٿو تہ ان جو جواب هڪدم نٿو ملي، سپرنٽنڊنٽ ان ڳالهہ جي جاچ ڪئي تہ ڪيس سُڌ پئي نوجوان ٽيلي گرافر پاڻ تجربن يا مطالعي ۾ رُڌل رهندو آهي ۽ سندس ٺاهيل

مشين باقاعدگيءَ سان سگنل موڪليندي رهي ٿي. هُن اَل جي انوکي ڪم جي ساراهَ تہ گهڻي ڪئي، پر اَل کي اِها مشين هٽائي سڄي رات ميز تي ويهڻ لاءِ مجبور ڪيو.

ڪجهہ مهينن ڪانپوءِ اَل اُها نوڪري ڇڏي ڏني. ٿورو عرصو پورٽ هيورون ۾ پنهنجي پيءُ ماءُ سان رهڻ ڪانپوءِ هو ٻين شهرن جي تار گهرن ۾ نوڪريءَ جي ڳولا ۾ نڪري پيو. پنجن سالن تائين اَل ايڊيسن مختلف شهرن ۾ آپريٽر جو ڪم ڪندو رهيو. سنہ 1864ع کان سنہ 1868ع تائين هو نيو آءِ لينز، انڊيانا پولس، لوئي ويل، ممفس ۽ سن سناٽي ۾ نوڪري ڪندو رهيو. ان زماني ۾ ٽيلي گراف آپريٽر کي 'لائٽننگ سگنلر' سڏيو ويندو هو.

اَل ايڊيسن ملڪ جي هڪ شهر کان ٻئي شهر ويندو رهيو ۽ ڪنهن ريلوي ڪمپنيءَ يا ويسٽرن يونين ٽيلي گراف ڪمپنيءَ ۾ آپريٽر جو ڪم ڪندو رهيو. ڪنهن شهر ۾ سندس رهڻ ڪيترو بہ مختصر ڇو نہ هجي، هو وسيع مطالعي، بجلي يا علم ڪِيميا جي تجربن جو سلسلو ڪڏهن بہ ختم نہ ڪندو هو. سفري آپريٽر جي زندگي گذارڻ دوران ئي هو جوان ٿي چڪو ۽ سندس قد پنج فٽ ساڍا نَوَ انچ ٿي ويو. ڀورن وارن جي ڇڳ سدائين هن جي هڪ اک وٽ لهرائيندي رهندي هئي. سندس چهري تي ڏکهو نڪ نمايان هو.

اَل بند ڪمري ۾ رات جو دير تائين ڪم ڪندو رهندو هو، انڪري سندس منهن پيلو ۽ بيمارن جهڙو لڳندو هو، ڄڻ هِن ۾ خون ئي نہ هجي. هو گهٽ خرچ وارن مسافرخانن ۾ رهندو هو، جن کي هُو 'سَنهي ٽيڻ جا مرڪز' سَڏيندو هو. انهن ڏينهن ۾ هو ڪجهہ اهڙين عادتن جي وَر چڙهي ويو، جن کي سنو چئي نٿو سگهجي، پنهنجي لباس جي ڪا پرواهَ نہ ڪندو هو. عام طور تي گهٽو سَستو ۽ سُفيد ڪاغذ جو ڪالر استعمال ڪندو هيو ۽ ٽاءِ بہ نہ لڳائيندو هو. ڪپڙن جا نهيل مهانگا ڪالر خريد ڪري ڌوئارڻ جو خرچ برداشت ڪرڻ بدران سستا ڪالر وٺي ميرا ٿيڻ تي اڇلائي ڇڏڻ ۾ ڪيس وڌيڪ بچت لڳندي هئي. هو بدشڪل، هڪ ڪُندَ تان مُڙي ويل، پراڻي ڦاٽل ۽ مَروڙيل ٽوپي پائڻ پسند ڪندو هو. هو ان کان

وڏيڪ ٻي ڪا شيءِ مٿي تي پائڻ لاءِ مناسب نہ سمجھندو هو. سندس بوٽ ڏسڻ سان هرڪو اِهو اندازو لڳائي ٿي سگھيو تہ اهو ڪيتري عرصي کان پاتل آهي، جيڪو نہ تہ ڪڏهن صاف ڪيو ويو آهي ۽ نہ وري پالش ٿيو آهي. هن ڪي هر وقت جسم تي اڳيان هڪ ڊگھو ڪپڙو ٻَڌل هوندو هو، جنهن تي مَسُ جا داغ ۽ ڪيميائي شين جا نشانَ لڳل هوندا هئا.

ان زماني ۾ اَل ۾ ڪي چڱيون عادتون بہ پيون. تن ڏينهن ۾ تارون هٿ سان لکيون وينديون هيون، ڇو تہ اجا ٽائيپ رائيٽر ايجاد نہ ٿيو هو. ڏکڻ ۽ وچ اولهہ جي رياستن ۾ دربدريءَ دوران هن سفري آپريٽر طور صاف ۽ سڌن اکرن لکڻ جي مشق بہ ڪئي هئي، جن ڪي ڇَپيل لکٽيءَ وانگر پڙهڻ سولو هو.

1884ع- 1868ع جي وچ ڌاري هن پنهنجو پاڻ کي اَل بدران ٿامس سَڏائڻ شروع ڪيو، پنهنجي نالي جي ياد ملهائيندي هن پنهنجي پراڻي صحي بہ تبديل ڪري ڇڏي.

سَن سناٽيءَ ۾ هو نوڪريءَ سبب گھٽو وقت رهيو، اُتي هن جي ملاقات هڪ ٻئي نوجوان آپريٽر ملٽن. ايف. ايڊمس سان ٿي ۽ ٻئي گھاٽا دوست ٿي ويا. ٻئي ملي ٻين آپريٽرن سان يوڳَ چرچا ڪندا هئا. هو گڏجي مسافرخانن جون تڪليفون سَهندا هئا، گڏ ڪتاب پڙهندا ۽ ٽيلي گرافيءَ جو مطالعو ڪندا هئا. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ملٽن اتان نوڪري ڇڏي اتر ۾ نيو انگلينڊ هليو ويو ۽ ٿامس ايڊيسن گھمندو ڦرندو لوئي ويل ۽ اتان وچ اولهہ وارن رياستن جي شهرن ڏانهن نڪري ويو.

سنہ 1868ع جي آخر ۾ ٿامس پنهنجي پيءُ ماءُ وٽ پورٽ هيورون ويو. انهن ڏينهن ۾ هُن جو لباسُ ۽ حُليو اهڙو هو، جو ڪوبہ ڪانئس متاثر ڪونہ ٿيو. هو ٽيلي گرافي ۽ ڪيميائي علم جو ماهر تہ ضرور بڻجي ويو، پر ڏوڪڙ ڪمائڻ ۽ زندگيءَ ۾ تيزيءَ سان ترقيءَ ماڻڻ جي گُرَ کان اڻ واقف رهيو. پورٽ هيورون ۾ رهندي ٿامس ايڊيسن پنهنجي دوست ملٽن ايڊيسن کي خط لکيو، جيڪو باسٽن ۾ ويسٽرن يونين ڪمپنيءَ ۾ ٽيلي گرافر هو. ملٽن کيس پرجوش جواب ڏنو. هن

لکيس تہ ”مان ٽيلي گرافيءَ ۾ تنهنجي مهارت جو پنهنجي مئنيجر جارج ايف مليگن سان ذڪر ڪيو هو ۽ هن چيو آهي تہ اُن نوجوان کي پاڻ وٽ گهراءِ، مان ساڻس ڳالهائيندس، هو جيڪڏهن واقعي اهڙا ڪم ڪري سگهي ٿو، جيڪي تون ٻُڌائين ٿو تہ مان کيس نوڪري ڏيندس.“

تنهن کان پوءِ ٿامس پنهنجي پيءُ ماءُ کان موڪلائي ريل رستي مانٽريال روانو ٿي ويو. معمولَ موجب هن کي جسم اڳيان ڍگهو سوٽي ڪپڙو ٻَڌل هو. ڪئناڊا مان گذرندي ريل هڪ قيامت جهڙي برفاني طوفان ۾ وڪوڙجي وئي، جنهنڪري ريل کي رستي ۾ رُڪجڻو پيو. ان مٿان برف جا ٿَهہ ڄمي ويا. طوفان ۾ ڦاٿل مسافر ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون سخت سيءَ ۽ بُکَ وگهي موت جي خطري سان مقابلو ڪندا رهيا. آخرڪار گاڏي مقرر وقت کان چار ڏينهن پوءِ مانٽريال پهتي. ٿامس سيءَ وچان ڏڪي رهيو هو. ڪئناڊا جي سرحد پار ڪري هو آمريڪا ۾ داخل ٿيو ۽ اتان باسٽن روانو ٿيو. هاڻي هو اهڙي منزل جي پهرئين ڏاڪي تي پير رکڻ وارو هو، جيڪا کيس دولت ۽ مشهوريءَ جي چوٽيءَ تي رسائڻ واري هئي.

(2)

سنہ 1868ع جي شروع ۾ هڪ ڏينهن منجهند ڪانپوءِ جڏهن برف پئجي رهي هئي ۽ ڏاڍي ٿڌ هئي تہ باسٽن ۾ ويسٽرن يونين جي آفيس جو مکُ دروازو آهستگيءَ سان کولي ٿامس ايڊيسن اندر داخل ٿيو. ڪانيءَ جي ڊگهين ميزن تي رکيل اوزارن آڏو ڪيترائي ٽيلي گرافر ويٺا هئا. ڪمري ۾ گاسليٽ جون بتيون ٻَري رهيون هيون، جيڪي اونداهيءَ کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون. مشينن جي کِٽِ کِٽِ سان ڪمرو گونجي رهيو هو. اِها آفيس بہ انهن آفيسن جيان ئي هئي، جتي ايڊيسن پنهنجي سير سفر دوران ڪم ڪري چڪو هو.

هڪ شخص ڪنڌ مٿي کڻي ڪيس ڏٺو، ٽپو ڏئي اُٿيو ۽ پاڀوهہ مان چيائين "اڙي هي ڪير آهي؟ تون آهين ٿامس ايڊيسن!"

"ها مان آهيان! تو جنهن نوڪريءَ لاءِ لکيو هو، اُن لاءِ آيو آهيان." ايڊيسن پنهنجي دوست سان هٿ ملائيندي چيو.

"هل تہ مان توکي مئنيجر وٽ ٺو وٺي هلان. اچ... مون سان گڏ هليو آءُ" ملٽن ڪيس مئنيجر وٽ وٺي ويو.

"مسٽر مليڪن هي منهنجو دوست ٿامس ايڊيسن آهي. اوهان کي ياد هوندو ڪجهہ هفتا اڳ مون اوهان سان سندس ذڪر ڪيو هو" ملٽن مئنيجر کي ٻُڌايو.

"خوش آهيو- مسٽر ايڊيسن" مليڪن جواب ڏنو ۽ وڌيڪ چيو: "اسان کي رات جي لاءِ آپريٽرن جي ضرورت آهي، پر توهان کي نوڪري ڏيڻ کان اڳ ۾ مان اِهو ڏسڻ ٿو چاهيان تہ توهان ڪيتري رفتار سان پيغام وصول ڪري سگهو ٿا.

شام جو ستين وڳي هتي اچجو. جيڪڏهن توهان اُن ئي رفتار سان پيغام وصول ڪري سگهو ٿا، جيتري اسان کي ضرورت آهي ته توهان کي نوڪري ڏئي ڇڏينداسين.“

ستين وڳي شام جو ٿامس انهيءَ آفيس ۾ ٻيهر ويو ۽ مئنيجر کي چيائين ”مان پيغام وصول ڪرڻ جي امتحان ڏيڻ لاءِ حاضر آهيان.“

مليڪن هن لاءِ هڪ ميز خالي ڪرائي ۽ سندس سامهون پيلي رنگَ جي ڪاغذ جو پيڊ رکيو. ”هتي نيويارڪ کان خبرن جون تارون پهچن ٿيون. توهان هڪ ڪلاڪ تائين پيغام وصول ڪرڻ کانپوءِ پنهنجو ڪم مون کي ڏيکاريو.“

ٿامس قلم کڻي ميز تي وينو، شروع ۾ پيغام پهچڻ جي رفتار معمولي هئي، پر ٿورڙي دير ۾ ئي سگنل ملڻ جي رفتار تيز ٿيندي وئي. اهڙي ئي تيزيءَ سان ٿامس جون آڱريون به هلنديون رهيون. نيويارڪ مان پيغام موڪلڻ وارو حد کان وڌيڪ تيزيءَ سان سگنل موڪلي رهيو هو. ٿامس پنهنجي رفتار اجا وڌائي، ايستائين جو سندس آڱريون ڏُکڻ لڳيون. سندس نرڙ تي پگهرُ اچي ويو، پر پيغامَ پهچڻ جي رفتار تيز ٿيندي وئي.

هڪ جهِيٽو ۽ گهُنيل ٺهڪ ٻُڌي ٿامس ڪنڌ مٿي ڪنيو. هن جي يَر واري ميز تي جيڪو ماڻهو وينو هو، اُن جي چهري مان اِهو پئي ظاهر ٿيو جڻ ته ٿامس سان ڪو چرچو ڪيو ويو آهي. اِهو ڏسي ايڊيسن پنهنجا چَپَ پيڪوڙيا. پيغام موڪلڻ جي رفتار حد کان وڌيڪ تيز ٿي وئي هئي، پر ٿامس به اهڙيءَ ئي تيزيءَ سان سگنل وصول ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو.

ڪلاڪ گذرڻ کانپوءِ ٿامس نيويارڪ جي آپريٽر ڏانهن هڪ ننڍڙو پيغام موڪليو ۽ ان جو اماڻيل جواب به پيڊ جي آخري صفحي تي لکي ڇڏيو. هو پنهنجي ميز تان اٿيو ۽ پيغامن جي انبار کي مليڪن آڏو وجي رکيائين.

”توهان جي لِکٽي ته ڏاڍي سني آهي“ مليڪن پيغامن کي ڏسندي چيو، ”پر هي ڇا آهي.“ ميلڪن ڏاڍيان ٻيهي ٻيهي پڙهڻ شروع ڪيو: ”اوچتو طبيعت خراب ٿي پئي، هاڻي ٻيو ماڻهو تارون موڪليندو- هيءَ کهڙي خبر آهي.“

ٿامس جواب ڏنو ”ڳالهہ دراصل هيئن آهي تہ نيويارڪ جي آپريٽر جو خيال هو تہ هو ڏاڍو تڪڙا پيغام موڪلي سگهي ٿو، اِنڪري مان هُن کي اِهو پيغام موڪليو تہ ’پنهنجو مَندبو پيرُ پري ڪري ساڄي هَٿَ سان پيغام موڪلڻ شروع ڪر تہ جيئن تنهنجي رفتار تيز ٿي سگهي. تنهنجن لفظن وچ ۾ ايتري وِٿي آهي، جو مون کي اِهو پڤُ آهي تہ ڪٿي مان سُمهي نہ پوان؟ اهو معلوم ڪري ڪيس بيزاري ٿي هوندي، جنهنڪري هن پنهنجي رفتار وڌ ۾ وڌ تيز ڪري ڇڏي، پر پوءِ بہ مان ڪنهن ڏکيائيءَ ڪانسواءِ پيغام وصول ڪندو رهيس.“

مليڪن ٺهڪ ڏيندي چيو ”توهان کي پرک لاءِ مون توهان کي اُن آپريٽر جا پيغام وصول ڪرڻ لاءِ چيو، جنهن جي رفتار اسان جي ڪمپنيءَ ۾ سڀني کان وڌيڪ تيز آهي. توهان تہ اُن جي جوڙَ جا نَڪتؤ! هاڻي توهان اسان جي ڪمپنيءَ جا ملازم آهيو. ڇا توهان اڄ رات کان ئي ڪم شروع ڪري سَگهو ٿا؟“

”ها، محترم سائين“ ايڊيسن وراڻيو، ”ڏاڍو سنو“ مئنيجر جواب ڏنو. ”توهان اڄ کان ئي باقاعدي نوڪريءَ تي رکيا ويا آهيو. وڃو چوٿين نمبر ڊيسڪ تي وڃي ڪم شروع ڪريو.“

رات تڪڙي گذرڻ لڳي. پوري ٻارهين وڳي هڪ پوڙهو ۽ سنهو آئرش آفيس ۾ داخل ٿيو. هِن جي هڪ هَٿ ۾ سفري چُلهو هو، جنهن تي گرم ڪافي ۽ اوٻاريل رَس جون ديڳڙيون رکيل هيون ۽ ٻئي هٿ ۾ هڪ ڇَلِي هئي جنهن ۾ سينڊوچ ۽ ڪيڪَ هئا.

ملٽن، ٿامس کي ٻُڌايو تہ ”هي پوڙهو آئرش روزانو رات جو هتي ايندو آهي ۽ آپريٽر اڌ رات جو کائڻ لاءِ ضرورت جون شيون هِن کان وٺي ڇڏيندا آهن.“ ٿامس هڪ سينڊوَچ ورتو ۽ ڪافيءَ جي هڪ پيالي وٺڻ لاءِ وٽس ڀيهر ويو، جڏهن ميز تي واپس وريو تہ هن ڏٺو تہ سندس سينڊوچ تي ٽِي وڏا ڪارا ماڪوڙا گهُمي رهيا هئا. ٿامس ڇئني پاسي نهاريو، ڪمري جا سڀئي ماڻهو ڪيترن ڪارن ماڪوڙن کي پَري ڀَڄائڻ لاءِ پنهنجا هَٿَ يا اخبارون لوڏي رهيا هئا.

”ڇا هر رات هِتي ائين ئي ٿيندو آهي“ ٿامس ملٽن کان پُڇيو. ”ها ڪڏهن تہ اِنهن کان بہ وڌيڪ جيت ايندا آهن“ هُن جي دوست ڪلندي وراڻيو.

”پوءِ تہ مون کي هتي ماڪوڙا ختم ڪرڻ جو اوزار هٺڻو پوندو“ ٿامس چيو.

پنهنجو سينڊوچ ختم ڪري ٿامس ايڊيسن ميز جي پويان ٽينَ جون ٻہ پوروچوٽ پَٽيون هنيون، انهن جي وچ ۾ چوٿائي انچ جو مفاصلو رکيو. سيئي آپريٽر حيرانيءَ وچان هِن جي اهڙي ڪاروائي غورَ سان ڏِسي رهيا هئا. ٿامس هڪ ننڍي بيٽريءَ جي واڌو شِيخ ۾ هڪ تارَ لڳائي ٽينَ جي هڪ پٽي سان ڳنڍي ڇڏي ۽ تارَ جو ٻيو ڇيڙو انهيءَ بيٽريءَ جي ڪاٽو شِيخَ ۾ لڳائي ٻي پَٽيءَ سان ڳنڍيو.

ٿامس پنهنجي ساٿين کي چيو تہ: ”هاڻي ڏسجي تہ ماڪوڙا ختم ڪرڻ جو اوزار ڪيئن ٿو ڪم ڏيکاري.“

هڪ وڏو ڪارو ماڪوڙو پٽ تان هيٺ لهڻ لڳو، هو پهرين پَٽي مان سلامتيءَ سان لنگهي آيو، پر جيئن ئي هن جون اڳيون ٽنگون ٻي پَٽيءَ سان لڳيون تہ جيت جي جسمَ بجليءَ جو سَرڪٽ پورو ڪيو. اوچتو بيٽريءَ جو ڪرنٽ هن ۾ داخل ٿيو ۽ هو هڪدم مري فرش تي ڪِري پيو. سيني ماڪوڙن مارڻ جي اِن ترڪيبَ کي ڏاڍو ساراهيو.

آفيس ۾ جيڪو بہ ٿي آيو، تنهن ماڪوڙا مارڻ جي اِن اوزار کي ڏاڍي اچرج مان ٿي ڏٺو. ڪجهہ ڏينهَنِ تائين ايترا گهڻا ماڻهو اِهو ڏسڻ لاءِ ايندا رهيا، جو آفيس جي ڪم ڪار ۾ رنڊڪ پوڻ لڳي. مسٽر مليڪن ٿامس کي چيو تہ هو پنهنجو اهو خلل پيدا ڪندڙ اوزار هٽائي ڇڏي تہ جيئن آفيس جو ڪم چڱي طرح ڪري سگهجي.

ان کانپوءِ ٻن هفتن اندر ٿامس ملٽن سان گڏجي باسٽن جي ڪيترن ئي ٿيٽرن ۾ ويو. هو اڪيلو پبلڪ لائبررين ۾ وڃي ڪتابَ بہ پڙهندو رهيو، پنهنجي لاءِ هُن هڪ نئون سوٽ بہ خريد ڪيو، پر پهرئين ئي آچر تي تجربو ڪندي ڪندي اُنهيءَ سوٽ تي تيزاب ڪِري پيو، جنهن ڪري اُن ۾ بہ وڏا سوراخ ٿي پيا. ملٽن

ڪي هر وقت هار سينگار ڪرڻ ۽ سُٺن ڪپڙن پائڻ جو شوق هو. هُن ٿامس جو سوٽ سڙڻ تي افسوس ظاهر ڪيو.

”چڱو ٿيو، هڪ سوٽ تي ٽيهہ ڊالر خرچ ڪرڻ جي سزا ملي“ ٿامس يُٽڪندي چيو ”مون ڪي هاڻي بہ ساڳيو ئي سَوٽي ڪَپڙو ٻَڌڻ گهُرجي ها.“

(3)

ٿامس باسٽن پهچندي ئي ڪيمياگريءَ ۽ بجليءَ جا تجربا ٻيهر شروع ڪري ڇڏيا هئا. هن کي پنهنجي ڪم لاءِ ڪِن اوزارن جي ضرورت هئي. اُهي اوزار ڪنهن دڪان تي نہ پئي ملي سگهيا، ڇو تہ انهن اوزارن جي ڊزائين هُن پاڻ ئي تيار ڪئي هئي. ڪورٽ اِسٽريٽ جي دڪان نمبر 109 ۾ چارلس وليمس نالي هڪ شخص جو مشينن جو دڪان هو، جنهن ۾ هو پراڻي ڊزائين جا اوزار وڪڻندو هو. ٿامس ڪيس پنهنجا ڪجهہ خاڪا ڏيکاريا ۽ هو پنهنجي گراهڪ جي هدايتن موجب سيئي شيون ٺاهي ڏيڻ لاءِ راضي ٿيو.

ٿامس ايڊيسن ۽ ملٽن ايڊمس هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ گڏ رهندا هئا. اِهو ڪمرو ايترو تہ سوڙهو هو، جو سمهڻ ۽ تجربن ڪرڻ لاءِ استعمال نہ پئي ٿي سگهيو. نوجوان مؤجد کي پنهنجي تجربن لاءِ وڏيڪ جاءِ جي گهُرج هئي. ٿامس مسٽر وليمس کان ڪورٽ اسٽريٽ ۾ هن جي دڪان جو هڪ ڪمرو ڪرائي تي ورتو. اِتي ئي سنہ 1868ع جي سرءَ واري مند جي شروع ٿيندي ئي ٿامس پنهنجي هڪ ايجاد لاءِ لاڳيتو تجربا ڪيا، جنهن جو خيالُ سندس ذهن ۾ ڪيترن ئي ڏينهن کان هو. ان کان ست سالَ پوءِ مسٽر وليمس جي دڪان جي ساڳئي ڪمري ۾ هڪ ٻئي نوجوان **اليگزينڊر گراهم بيل** دنيا جو پهريون ڪامياب ٽيلي فون سيٽُ جوڙيو، پر اها پوءِ جي ڳالهہ آهي. سال 1868ع ۾ ايڊيسن پنهنجي پهرين اصل ايجاد ۾ جيءَ جان سان رُڌل هو.

واشنگٽن ڊي. سي ۾ اسيمبلي ميمبر قومي قانون ناهڻ لاءِ گڏ ٿيندا هئا. ايوان اندر ڳڻپَ وقت هر ڪارڪن جي حاضري وٺڻ، هرهڪ جي نالي آڏو ها يا نه لکڻ ۽ پوءِ نتيجو ناهڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ويندو هو. ٿامس سوچيو ته اهو سمورو ڪم هڪ مشين ڪي ٽڪڙو ۽ بهتر ڪرڻ گهُرجي. هُن هڪ مشين جو تجربو شروع ڪيو، جنهن جو هن نالو ووٽ رڪارڊر رکيو. ايڊيسن واري رڪارڊر جي مدد سان ايوان جو هر ميمبر پنهنجي جاءِ تي ويٺي ئي ها يا نه جو بٽڻ دٻائي ووٽ ڏئي ٿي سگهيو. هن جي ووٽ جي داخلا هڪدم اِسپيڪر جي ميز پنيان هڪ نقشي تي ظاهر ٿي پوي ها، جنهن بعد هڪ منٽ کان به گهٽ وقت ۾ حمايت ڪندڙ يا مخالف ميمبرن جا ووٽَ ڳڻڻ سولو ٿي پوي ها. 11 آڪٽوبر 1869ع تي ٿامس ايڊيسن ’ايڊيسن ووٽ رڪارڊر مشين‘ جي حَق واسطن واري سَنَدَ جا ڪاغذ صحي ڪري اهڙي آفيس ڏانهن قانوني گهُرجن لاءِ موڪلي ڇڏيا.

نوجوان سائنسدان اِها مشين ڪانگريس کي وڪڻڻ لاءِ هڪدم واشنگٽن روانو ٿي ويو. هن پنهنجي مشين ڪانگريس جي هڪ ڪاميٽيءَ کي ڏيکاري، پر نه ته ڪانگريس اِهو ٿي چاهيو ته ان جي ميمبرن جي راءِ تيزيءَ سان داخل ٿئي ۽ نه وري ڪنهن ميمبر جي اها خواهش هئي ته اِهڙي ڳالهه عام آڏو ظاهر ٿئي ته ڪنهن ڪهڙي بل جي منظوري وقت ڪهڙي پاسي ووٽ ڏنو هو. ڪانگريس جي ڪنهن به رُڪن دير ٿيڻ واري پُراڻي سياسي طريقي کان دستبردار ٿيڻ ئي نه ٿي چاهيو، تنهنڪري اُن ڪاميٽيءَ ايڊيسن جي مشين وٺڻ کان انڪار ڪيو.

ايڊيسن کي ته حق واسطا نمبر 90646 هونئن ته پهرين جون 1869ع تي ئي ملي ويا هئا، پر سندس پهرين ايجادَ مالي حوالي سان ناڪام ثابت ٿي هئي. اِن ’ووٽ رڪارڊر‘ جو حشر ڏسي ايڊيسن فيصلو ڪيو ته اڳتي هُو ڪابه اهڙي چيز ايجاد نه ڪندو، جنهن جي مارڪيٽ ۾ ضرورت/ کپت نه هجي.

ٽيلي گراف (تارَ) هڪ فائديمند ايجاد هئي، هينئر هِن نوجوان سائنسدان اُن طرف ڌيان ڏَرڻ شروع ڪيو، هِن جلد ئي هڪ اهڙي بجليءَ جي مشين ايجاد ڪري ورتي، جيڪا صراف بازار ۾ سون جي ڏيتيءَ ليتيءَ مهل ڦرندڙ اگهه جو اطلاعُ

ڏئي سگهندي هئي. قيمتن ۾ لاٽ ۽ چاڙهه سان واقفيت رکڻ وارن دلالن لاءِ نهايت ضروري هوندي هئي. اِنڪري ايڊيسن جي اِها نئين ايجاد اُنهن لاءِ ڏاڍي ڪارائتي ثابت ٿي. ٿامس سون جي قيمتن ڄاڻڻ واري اهڙي مشين چاليهن دلالن جي آفيسن ۾ پهچائي ۽ اگهه کان باخبر رکڻ لاءِ انهن مشينن سان هڪ پرائيويٽ ٽيلي گراف لائين لڳائي ڇڏي.

ٽيلي گراف آپريٽر جي روزاني ڪم ٿامس جي دل ۾ هڪ ٻي ايجاد جو خيال آندو. هِن سوچيو ته جيڪڏهن هو هڪ ئي تارَ تي هڪ ئي وقت ٻه پيغامَ موڪلڻ جو طريقو ڳولي ڪڍي ته هر تار تي پيغامن جو ٻيڻو انگُ موڪلي سگهجي ٿو. ٿامس اِن برقي تار جو نالو 'ڊوپلي ٽيلي گراف' رکيو ۽ ٽُرت ئي اُن جي تجربن ۾ جنبي ويو. هِن اندازو لڳايو ته هو ٽيليءَ گراف جي تار تي گذرڻ واري بجليءَ جي ڪرنٽ کي گهٽ وڌ ڪري هڪ ئي وقت هڪ تارَ تي ٻه پيغامَ موڪلي سگهي ٿو.

'ڊوپلي' جي تجربن ۾ جيتري ٿامس جي دلچسپي وڌندي پئي وئي، اوتري ئي بيقراري ملٽن ايڊمس جي به چَوٽِ چڙهندي رهي. آخرڪار سنه 1868ع جي سرءَ واريءَ مند ۾ ٿامس کان ملٽن موڪلائي سانفرانسسڪو روانو ٿي ويو، ان وقت سندس کيسي ۾ رڳو سٺ سينٽ هئا.

هاڻي ٿامس اڪيلو رهجي ويو هو ۽ هِن 'ڊوپلي' جا تجربا اجا به وڌيڪ محنت سان شروع ڪيا. آخرڪار هو اِنهيءَ نتيجي تي پهتو ته سندس نئون طريقو مڪمل ٿي ويو آهي، جنهن جي آزمائش لاءِ هِن دوستن کان پئسا قرض تي ورتا. 'ائٽلانٽڪ اينڊ پئسفڪ ٽيلي گراف ڪمپنيءَ' نوجوان مؤجد کي راچسٽر ۽ نيويارڪ سٽيءَ جي وچ ۾ پنهنجي هڪ تار- لائين استعمال ڪرڻ جي اِجازت انهيءَ وعدي تي ڏني ته ايڊيسن جو 'ڊوپلي' تجربو ڪامياب ويو ته ڪمپني ان کي سدائين لاءِ پنهنجو ڪندي.

اِن تجربي لاءِ ٿامس پاڻ راچسٽر ويو ۽ پنهنجي هڪ سيڪڙاٽ ساٿيءَ کي نيويارڪ موڪليائين. آزمائش لاءِ مقرر ڏينهن ۽ وقت تي ٿامس راچسٽر ۾

پنهنجي اوزار آڏو ويٺو ۽ نيويارڪ مان پيغام پهچڻ جو بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو. بدبختيءَ سان مشين جي خرابيءَ ڪري تار جي ٻئي پاسي ڪو نقص پيدا ٿي پيو، ناتجربيڪار مددگار ڪي اها سُڌ نہ هئي تہ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي! اِنڪري پيغامَ نہ پهچي سگهيا ۽ ڪمپنيءَ اعلان ڪري ڇڏيو تہ 'ڊوپلي' جو تجربو ناڪام ٿي ويو آهي.

ٿامس جيتوڻيڪ اٺ سئو ڊالرن کان بہ وڌيڪ پئسن جو قرضدار بڻجي چڪو هو، پر ڪيس يقين هو تہ 'ڊوپلي نظام' هڪ ڏينهن ضرور ڪامياب ٿيندو. هو باسٽن واپس ويو ۽ ميسا چوسٽس جي گاديءَ واري هنڌ ۾ وڌيڪ ڇهہ مهينا رهيو. هِن سوچيو تہ نيويارڪ ۾ ڪيس نئين ايجاد مڪمل ڪرڻ ۽ آزمائڻ جا شايد وڌيڪ موقعا ملي سگهندا. انهيءَ سبب ڪري جون مهيني ۾ ٿامس ايڊيسن هٿين خالي قسمت آزمائڻ خاطر باسٽن کان نيويارڪ روانو ٿيو.

# ڪاميابي

(1)

ٿامس جو آگبوٽ جون 1869ع جي هڪ صبح باسٽن مان نيويارڪ جي بندرگاهه تي پهتو. جهاز جي ڇت تان ٿامس ان عظيم شهر جي هڪ جهلڪ ڏٺي، جنهن ۾ ڪجهه مهينا اڳ سندس ڊوپلي ٽيلي گرافيءَ وارو تجربو ناڪام ٿيو هو. هُن پَڪو پَهه ڪيو تہ هِن ڀيري هو ضرور ڪاميابي ماڻيندو، سندس ذهن ۾ ڪيترين ئي سوچون هيون. هاڻي اُنهن خيالن کي هو ڀيهر عملي صورت ڏيندو ۽ ڪامياب ٿيندو، جو تہ هو اٽل ارادو ڪري آيو هو. جڏهن تہ باسٽن جي دوستن جا اَٺ سئو ڊالر قرض بہ لاهڻو هئس.

جهاز بندرگاهه تي لنگرانداز ٿيو. ٿامس هيٺ لٿو ۽ گهمندي ڦرندي آهستي آهستي ڪناري سان هلندو رهيو، سندس کيسا خالي هئا. باسٽن کان نيويارڪ تائين جو ڀاڙو ڀَرڻ ڪانپوءِ وَٽس هڪ سينٽ بہ باقي نہ بَچيو هو. نيرن جو وقت گهڻو اڳ گذري چڪو هو ۽ کيس بُک بہ لڳي هئي، هُن شيشي جي هڪ دريءَ مان ڏٺو تہ چانهه جي هڪ بَڏي واپاريءَ جي دُڪان ۾ هڪ ماڻهو چانهه ناهڻ ۾ رُڌل آهي. هُن هڪ پيالي ۾ چانهه اوتي، هڪ ننڍيو ڍُڪ ڀري، ڪُجهه سوچيندي پنهنجا چپ صاف ڪري هڪ رجسٽر ۾ ڪجهه لِکڻ بعد سموري گرم چانهه ناليءَ ۾ هاري ڇڏي. هُن هر هر ساڳي حرڪت پئي ڪئي. ٿامس دُڪان جو دروازو

ڪولي اندر هليو ويو ۽ ڪيس چيائين: ”مان اجا تائين نيرن نہ ڪئي آهي. اوهان مهرباني ڪري ٿورڙي چانهہ اُجلڻ بجاءِ مون ڪي پيئڻ لاءِ ڏيندؤ؟“

هو شخص ڪِلي وينو ۽ هَٿَ جي اِشاري سان ٿامس ڪي ويهڻ لاءِ چيائين. ڪٽليءَ ۾ چانهہ ڪي ٻيهر ٻَرڪو ڏياريندي هُن چيو: ”مان چانهہ جاچڻ وارو آهيان. منهنجو ڪم ئي اِهو آهي تہ سچو ڏينهن چانهہ ناهيندو، اُن ڪي چَڪندو رهان. هُن هڪ وڏي پيالي ۾ ٿامس ڪي گرم گرم ۽ خوشبودار چانهہ آٽي ڏني.

جنهن وقت ٿامس چانهہ پيئڻ ۾ مصروف هو تہ چانهہ جاچڻ واري ڪيس ٻُڌايو تہ هن گودام ۾ هر روز جيتري چانهہ ايندي آهي، اُها چَکي ذائقو وغيره معلوم ڪندو آهي. هو انهيءَ ڪم ۾ ايترو ماهر بڻجي ويو آهي، جو هڪ ڍُڪَ سان ئي هُو ٻُڌائي سگهي ٿو تہ چانهہ جاپان جي آهي، چين جي يا سِري لنڪا جي. انهيءَ ذائقي مان هو اِهو بہ ڄاڻي سگهي ٿو تہ چانهہ ڪنهن سڌي سَنواٽي زمين تي پوکي وئي آهي يا ڪنهن ٽڪريءَ تي.

ٿامس هُن کان ڪيترائي سوالَ ڪيا. هو هر ڪنهن کان هر موضوع تي سوالَ ڪندو هو ۽ ڏاڍي ڌيان سان انهن جا جوابَ ٻُڌندو هو. اِهو ئي سبب آهي تہ ايڊيسن کي پنهنجي زماني جو سڀ کان وڏيڪ باخبر انسان سمجهيو ويو آهي. چانهہ چکاسڻ واري جو ڪم ڏاڍو بيزار ڪندڙ هو. ٿامس سان ڳالهيون ڪندي ڪيس ڏاڍو مَزو آيو ۽ هو اهڙي طرح گهڻي دير تائين ڳالهيون ڪندا رهيا. ڊِوَ تي چانهہ پيئڻ ڪانپوءِ ٿامس اُنهيءَ پيرسن جي مهربانيءَ لاءِ ٿورا مڃيا.

”تون جڏهن بہ چاهين، خوشيءَ سان هليو آءُ، مزي سان چانهہ پيءُ ۽ ڪچهري ڪَر.“ هُن ڪِلندي وراڻيو.

چانهہ جي دُڪان تان ’ويسٽرن يونين ٽيلي گراف ڪمپنيءَ جو ڏس پَتو پُڇندو ٿامس ڪمپنيءَ جي آفيس اچي پهتو. ڪمپنيءَ ۾ ان وقت نوڪريءَ لاءِ

ڪابہ جڳهہ خالي نہ هئي، پر ان جي مئنيجر ٿامس جي درخواست رکي ڇڏي ۽ ساڻس واعدو ڪيو تہ هو پهرين جاءِ خالي ٿيڻ شرط ڪيس ڪم جو موقعو ڏيندو.
ٿامس اُتي هڪ آپريٽر کان هِڪڙي دوست بابت پُڇيو، جيڪو نيويارڪ ۾ ئي رهندو هو.

”هاڻي اهو هتي ڪم نہ ڪندو آهي“ آپريٽر جواب ڏنو: ”پر مان ان جو ڏسُ ڏئي سگهان ٿو“ اهو چئي هن هڪ ڪاغذ تي اُن جي ايڊريس لِکي ٿامس کي ڏني.

اڻ ڏٺل رستن تي ڪجهہ وقت رُلندي آخر ٿامس پنهنجي دوست کي ڳولي ورتو. سندس اُهو دوست هڪ ٽيلي گرافر هو. هِن نيويارڪ ۾ خالي هٿين ٿامس جي اچڻ ۽ پريشانين جو داستان ڏاڍي همدرديءَ سان ٻُڌو. هُن جو دوست پاڻ بہ بيروزگار هو ۽ کيس ڪابہ ذاتي ملڪيت ڪانہ هئي، پر پراڻي سنگت جو خيال ڪندي هُن ٿامس کي هڪ ڊالر قرض ڏئي ڇڏيو.

ٿڪل ٽٽل ايڊيسن هاڻي ڪِهڙين ۾ بيڪار گهمندو رهيو. بُک سبب سندس ساهہ پئي نِڪتو. فلٽن مارڪيٽ جي سامهون روڊ جي ٻيءَ پَرِ ’سمٿ ۽ ميڪنل‘ نالي هڪ هوٽل هئي، جتي وڃي هُن سستو ناشتو ڪيو.

ٿامس سوچيو تہ ڪيس شايد ’گولڊ انڊيڪيٽر ڪمپني‘ ۾ نوڪري ملي وڃي، جيڪا سوَن جي واپارين ۽ دلالن کي ٽيلي پرنٽر وسيلي سونَ جي اگهن ۾ لاهہ چاڙهہ کان باخبر رکندي آهي. جيتوڻيڪ ڪمپنيءَ ۾ ڪا بہ جاءِ خالي نہ هئي، پر هِن کي اِهو ڄاڻڻ جو شوق هو تہ ڪمپنيءَ جون مشينون ڪهڙيءَ ريت ڪم ڪري رهيون آهن. اُن سبب هو گهمندي گهمندي ڪمپنيءَ جي بيٽري روم ۾ هليو ويو.
1969ع ۾ تار ۽ ٽيلي پرنٽر جون لائينون هلائڻ لاءِ خشڪ بيٽريون استعمال ڪونہ ڪيون وينديون هيون، پر شيشي جي ڪُولَن ۾ گندرف جو تيزابُ پَري انهن ۾ ٽامي ۽ جست جون سِيخون وِڌيون وينديون هيون. گولڊ انڊيڪيٽر ڪمپني ٽِن سَوَن کان بہ وڌيڪ دَلالن کي سونَ جا اگهہ پهچائيندي هئي. انهيءَ جي وڏي بيٽري روم ۾ شيشي جون سوين بيٽريون رکيل هيون. ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ

وڏو سُئچ بورڊ ۽ مُکُ مشين هئي، جيڪا سڄي شهر ۾ ڦهليل ٽيلي پرنٽر مشينن کي ضابطي هيٺ رکندي هئي.

بيٽري روم ۾ ٿامس کي پنهنجو هڪ پُراڻو دوست مليو، جنهن سان سندس واسطيداري انهيءَ زماني جي هئي، جڏهن هو ڪنٽڪي ۽ اوهايو جي مسافريءَ ۾ مختلف ٽيلي گراف ڪمپنين ۾ نوڪري ڪندو هو. اُنهيءَ حُجائتي دوست کي جڏهن اِها خبر پئي ته ٿامس جي کيسي ۾ رڳو پنجهتر سينٽ باقي بچيا آهن ته هن کيس صلاح ڏني ته هو رات جو بيٽري روم ۾ ئي سُمهي پوي. اهڙيءَ ريت هِن کي رهائش لاءِ ڪابه رقم خرچ ڪرڻي نه پوندي. ٿامس اِها رِٿَ ڏاڍي خوشيءَ سان قبول ڪئي.

نوجوان ايڊيسن کي جاڪوڙ ۽ جستجوءَ واري خِفت هتي به سڪونَ سان ويهڻ نه ڏنو. هو هِتي به اوزارَ ۽ بيٽريون ڏاڍي غور سان ڏِسندو هو. جيئن ته هو برقي قوت جي سمورن گُجَهنَ ڪان اڳواٽ واقف هو، تنهنڪري کيس نيويارڪ جي ٽيلي پرنٽرن جي طريقن جو رازُ سمجهڻ ۾ گهڻو وقت نه لڳو.

ٿامس راتيون بيٽري روم ۾ ئي گهاريون. نيويارڪ پهچڻ جي ٽئين ڏينهن به هو بيڪار ئي وينو رهيو. مشينن جي ڪِڙڪِڙ سان ڪمري ۾ ايترو ته گوڙ هو، جو ڪَنَ تي ٻيو ڪوبه آواز ٻُڌڻ ۾ نه پئي آيو. اوچتو اُتي قبرستان جهڙي ماٺِ ڇائنجي وئي. مُکُ مشين ۾ ڪا خرابي پيدا ٿي پئي هئي، گهَبرايل مِستري وڏي سُئچ بورڊ کي کولي ناهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. ڪجهه دير ڪان پوءِ هڪ دَلال جي آفيس جو نوڪر ڊوڙندو آيو ته سندس مالڪ جو ٽيلي پرنٽرر بند ٿي ويو آهي. جَهٽ گهَڙيءَ بعد هڪ ٻيو ملازم آيو، تنهن ڪانپوءِ وري هڪ ٻيو آيو، اِئين ڪندي بيٽري روم ۾ ٽِن سئو ماڻهن جو ميڙ گڏ ٿي ويو. هو سڀئي پنهنجي پنهنجي مشين جي خراب ٿيڻ جي شڪايت ڪٽي پهتا هئا. ايڏي هُل هنگامي ۾ مسترين جا حوصلا ايترو ته خَطا ٿي وياء جو انهن کي جيڪو بجليءَ جو ٿورو گهڻو ڪم ايندو هو، سو به وِساري وينا!

اچانڪ ڪمري جو دروازو زور سان کُليو، ڪمپنيءَ جو صدر ڊاڪٽر ايس. ايس. لا پريشانيءَ مان اندر داخل ٿيو، سيئي مستري اڳ ئي پگهر ۾ شل هئا، ويتر ڪيس ڏِسي سندن هَٿَ پيرَ اجا بہ ساٽا ٿي ويا.

ڊاڪٽر لا ڪاوڙجندي چيو ”هِتي ڪيترا مِستري آهن، پر ڪنهن کي اها خبر نٿي پوي تہ مشين ڪيئن ناهجي. ڪاش اسان وٽ ڪوئي قابل ماڻهو هجي ها...!“

ٿامس انتهائي ادب مان هُن وٽ ويو ۽ چيائين: ”سائين! مان اوهان وٽ نوڪري تہ نہ ڪندو آهيان، پر مان سمجهان ٿو تہ خراب مشين جي مرمت ڪري سگهان ٿو.“

”پوءِ جيترو جلدي ٿي سگهئي، ٺيڪ ڪري ڏي.“ صدر رڙ ڪندي جواب ڏنو.

ٿامس وڏي سُئچ بورڊ کي غور سان جاچيو. سندس تيز نظرن ٽُرت ڏسي ورتو تہ هڪ ننڍڙو اِسپرنگ جيڪو ٻن پُرزن کي پاڻ ۾ مِلائي ٿو، سو پچِي ٻن ڏندڙن وارن ڦيٿن جي ڳنڍ جي وچ ۾ ڪِري پيو هو. جنهنڪري وڏي مشين بيهي وئي هئي. ٿامس ٽُٽل اِسپرنگ ڪڍي هڪ نئون اِسپرنگ لڳائي ڇڏيو ۽ مُڪُ مشين کي پُنتي ڪري ٻُڙيءَ تي بيهاري ڇڏيو. پوءِ هِن ڪمپنيءَ جي صدر کي چيو: ”جيڪڏهن اوهان پنهنجن مسترين کي سيني آفيسن ۾ موڪلي هر مشين کي ٻُڙيءَ تي رڪرايو تہ مُڪُ مشين انهن سيني کي بيهر حرڪت ۾ آڻي ڇڏيندي.“

ڊاڪٽر لا مسترين کي هڪدم ائين ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ٻُڙيءَ تي بيٺل هڙئي مشينون ٿوري دير ۾ ڪم ڪرڻ لڳيون. ڊاڪٽر لا، ٿامس سان ڳالهائيندي چيو ”پُٽَ! سُڀاڻي صبح جو منهنجي آفيس ۾ اچ، مان توسان ڳالهائڻ چاهيان ٿو.“

ٻئي ڏينهن ٿامس ايڊيسن، ڊاڪٽر لا وٽ پهچي ويو. هُن تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪانپوءِ ڪيس ٻئي ڏينهن بيهر اچڻ لاءِ چيو، ٻيءَ ملاقات ۾ ڊاڪٽر لا ڪيس گولڊ انڊيڪيٽر ڪمپنيءَ جي پوري مشينريءَ جو سپرنٽينڊنٽ بڻائي ڇڏيو ۽ سندس پگهار ٽي سئو ڊالر ماهوار مقرر ڪئي. هڪ نوجوان لاءِ، جنهن جي عمر

ايڪويهه سالن کان مٿي نه هئي، اِهو پگهار تمام گهڻو هو. ياڳَ ٿامس لاءِ سيئي سونهري دَرَ کولي ڇڏيا.

ايڊيسن مسلسل محنت ۽ جاکوڙ سان انهيءَ ياڳ واري دَر کي وڌيڪ ويڪري ڪرڻ جو پَڪو پَهُ ڪيو. سندس دماغ ۾ اٽڪَيَن خيالن جو ميڙ هو. انهن مان ڪِن خيالن کي عملي روپ ڏيڻ لاءِ کيس مالي مدد جي به ضرورت هئي. گولڊ انڊيڪيٽر ڪمپنيءَ جي سپرنٽينڊنٽ جي حيثيت سان سندس ملاقات فرينڪلن. ايل. پَوپ سان ٿي. اُنهن ٻنهي نوجوانن بجليءَ جي انجنيئرن جي حيثيت سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پهرين آڪٽوبر 1869ع تي نيويارڪ جي هڪ اخبار 'ٽيلي گراف' ۾ هڪ اهڙو اشتهار ڇپيو، جنهن ۾ ايڊيسن ۽ پوپ جي گڏيل ڪمپني جوڙڻ جو اعلان ٿيل هو، آمريڪا ۾ بجليءَ جي انجنيئرن جي ڪنهن ڪمپنيءَ پاران اِهو پهريون ڪاروباري اعلان هو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٽيلي گراف جو پبلشر جَي. اين. ايشلي به بجليءَ جي ماهرن جي انهيءَ ڪمپنيءَ ۾ شامل ٿي ويو.

پنهنجي نئين ساٿيءَ جي ويجهي ٿيڻ جي خيال کان ايڊيسن ايليزبيٿ (نيوجرسيءَ) جي هڪ مسافر خاني ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. هو روز سوير صبح جو نيويارڪ سِٽي ايندو هو ۽ شام جو ايليزبيٿ واپس موٽندو هو. هُن کي ڪيترائي ڪَمَ ڪرڻا هئا. پنهنجو قيمتي وقت بچائڻ لاءِ ايڊيسن گهڙي ڪن سمهي وَري ڪم ڪرڻ جي پاڻ ۾ عادت وجهي ڇڏي. هُن پنهنجو پاڻ کي اهڙي طرح هيرائي ڇڏيو هو، جو رات جو ٿوري ٿوري دير لاءِ ٽي چار ڀيرا جهوٽو هڻي وٺندو هو ۽ وري اُٿي ڪم ڪندو هو. اهڙيءَ ريت چوويهن ڪلاڪن ۾ ملائي پنجن ڪلاڪن جي لڳِ ڀڳِ هو ننڊ ڪري وَٺندو هو. باقي ٻيو سمورو وقت ڏينهن توڙي رات جو پنهنجي ڪيترين ئي ايجادن لاءِ محنت ڪندي گذاريندو هو.

انهن ڏينهن ۾ تارون ٽڪن ۽ ليڪيل سِٽن جي صورت ۾ پهچنديون هيون. اڳ ۾ پَني جي سنهي پٽيءَ تي سوراخ ٿي پوندا هئا، يا سگنل ڇپجي پوندا هئا. ان ڪانپوءِ اُهي واسطيدار ماڻهوءَ ڪي موڪلڻ لاءِ ٻئي پني تي ٻيهر هَٿ سان

لڪٽيون پونديون هيون. جيڪڏهن تار گهر ۾ پهچڻ وقت اهو مضمون سڌو سنئون اکرن ۾ لِکجي وڃي تہ ڪيڏو قيمتي وقت بچي سگهي ٿو. هي هڪ اهڙو سوال هو، جنهن جو جواب هِن نوجوان ۽ مصروف مؤجد لاءِ خاص اهميت رکندڙ هيو. ايڊيسن اهڙو خيال ايندي ئي پرنٽر- ٽيلي گراف تيار ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڇڏي. ان مقصد ۾ هِن هڪ ئي ڏينهن اندر ڪاميابي حاصل نہ ڪئي.
هُن ڊوپلي ٽيلي گراف جي ايجاد مڪمل ڪري ورتي هئي، پر هو انهيءَ تي مطمئن ٿي چُپ ڪري ويهي نہ رهيو، پر هُن پنهنجن تجربن جو سِلسلو جاري رکيو ۽ هڪ اهڙو طريقو ايجاد ڪيو، جنهن سان هڪ ئي تارَ تي هڪ ئي وقت پهريائين چار ۽ پوءِ ڇَهہ پيغام موڪلي سگهبا هئا. سنہ 1870ع ۽ 1876ع جي وچ ڌاران ايڊيسن تارَ جا ڪيترائي نڪور نمونا ٺاهي ورتا. انهن ۾ تارَ ڇاپڻ جي پاڻ هُرتو ڪم ڪندڙ مشين بہ شامل هئي. هَٿَ سان ڪم ڪندڙ آپريٽر هڪ منٽ ۾ فقط چاليهن لفظن جو پيغام موڪلي سگهندو هو. ايڊيسن هڪ اهڙي مشين جوڙي، جيڪا هڪ منٽ ۾ ٽي هزار لفظ وصول ڪري انهن کي رومن اکرن ۾ لکي ڇڏيندي.

ايڊيسن هاڻي ايجادون ڪندڙ جي حيثيت سان ڏاڍو مشهور ٿي ويو هو. گولڊ اينڊ اسٽاڪ ٽيلي گراف ڪمپنيءَ جي صدر جنرل مارشل ليفرٽس، ايڊيسن کي چيو تہ سندس ڪمپني واپاري حصن جا اگهہ ڇاپڻ لاءِ جيڪا مشين استعمال ڪندي آهي، ان ۾ ضروري مَٺاسَٺا ڪري ڏئي، تجربن لاءِ رقم جنرل ليفرٽس ۽ سوچَ ايڊيسن ڪَٽب آندي. ڪجهہ سال اڳ باسٽن ۾ پنهنجو ٽيلي پرنٽر جوڙڻ لاءِ ايڊيسن جيڪو تجربو حاصل ڪيو هو، سو ڪيس هِتي ڪم آيو، هُن مشينن جا نوان پُرزا ايجاد ڪري حيرت جوڳو عمل ٿوري وقت اندر پورو ڪيو.

سنہ 1870ع ۾ هڪ ڏينهن گولڊ اينڊ اسٽاڪ ايڪسچينج ڪمپنيءَ جي صدر ايڊيسن کي پنهنجي آفيس ۾ گهُرايو ۽ کيس چيو: ”پُٽ، ٻُڌ! مان ٽيلي پرنٽر جي سُڌارن لاءِ تنهنجي ايجادن جو سلسلو ختم ڪرڻ چاهيان ٿو، تو هِن وقت تائين جيڪو ڪم ڪيو آهي، اُن جو توکي ڪيترو معاوضو ڏنو وڃي؟“

ايڊيسن سوچڻ لڳو تہ هُن ڪارخاني ۾ لاڳيتو ڪيترائي ڪلاڪَ سخت محنت ۽ وڏي چاهَہ سان ڪم ڪيو آهي. نيون مشينون تيار ڪري اُنهن جا تجربا ڪيا آهن ۽ هڪ هڪ پُرزي کي هر هر ڏاهيو آهي. جيڪڏهن جنرل کان پنج هزار ڊالر گهُران تہ اُهي گهڻا تہ نہ ٿيندا؟ ڇا هو ٽي هزار ڊالر ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندو؟

هن پاڻ پنهنجي ايجادن جي مُلهہ کان بي خبري بہ ظاهر ڪرڻ نہ پئي چاهي. اُنڪري جنرل ليفرٽس ڏانهن ڏسندي چيائين "اوهان ڄاڻو ٿا تہ مون اوهان جي مشين ۾ ڪهڙا سُڌارا آندا آهن. اوهان پاڻ ئي ڪا رقم طئي ڪريو."

"چاليهہ هزار ڊالر قبول ڪندين؟" جنرل ليفرٽس سوالُ ڪيو.

ايڊيسن اکيون ڇنڀڻ لڳو، چاليهہ هزار ڊالر! ايڏي دولت، مان تہ هڪ تجربيگاهہ قائم ڪري اُن کي سموري سامان سان سَجائيندس. سندس دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي. هُن هَبڪندي جواب ڏنو: "ها... نيڪ... مان... منهنجي خيال ۾ اِها رقم مناسب آهي."

"ڇڱو نيڪ آ، مان اقرار نامو تيار ٿو ڪرائي وَٺان، تون ٽِن ڏينهن کانپوءِ هِت اچي صحي ڪري رقم وٺي وڃجانءِ."

ٽن ڏينهن کانپوءِ ايڊيسن جنرل ليفرٽس جي آفيس ۾ ٻيهر ويو ۽ قلم کڻي اقرار نامي تي پڙهڻ کانسواءِ پنهنجي صحي ڪري ڇڏي."

جنرل ڳالهايو "هي وٺ چيڪُ، اهو بئنڪ آف نيويارڪ جي نالي آهي، تون اُتي وڃي اِهو مٽائي سگهين ٿو."

ايڊيسن اتان تڪڙو بئنڪ هليو ويو، جيڪا وليم اسٽريٽ ۽ وال اسٽريٽ جي موڙَ وٽ هئي. هُن دريءَ وٽ وڃي ڪلارڪ آڏو پنهنجو چيڪُ وڌايو. ڪلارڪ چيڪَ کي اُٿلائي پُٿلائي ڏنو ۽ ايڊيسن ڏانهن واپس ڪندي چيو: "معاف ڪندا مان اوهان کي هِن چيڪ جي رقم نٿو ڏئي سگهان. پهريائين اوهان ..."

ايڊيسن هُن جا وڌيڪ لفظ ٻُڌا ئي ڪونہ. جڏهن کان گراند ٽرنڪ ريل- ڊَبي ۾ ڪنهن سندس ڪَنُ پَڪڙي اندر ڇڪيو هو، تڏهن کان سندس ٻُڌڻ جي سَگهہ گهٽ ٿيڻ لڳي هئي ۽ هاڻِ هو بلڪل ٻوڙو ٻڌجي پيو هو. پئسا ڏيڻ واري کان اهو

پُڇندي ڪيس شرم محسوس ٿيو تہ هُن ڇا ڇيو هو ۽ سندس چيڪ بيڪار ڇو قرار ڏنو ويو هو؟ هو سَمجهي نہ سگهيو تہ ڪيس ڪهڙي ريت ٺڳيو ويو آهي. هو ٿيڙ ڪائيندو رستي ڏانهن راهي ٿيو، ائين پئي سمجهيائين ڄڻ تہ ڪيس پيرن پَر بيهڻ جي ڪائي سَگهہ نہ رهي هئي. هُو روڊ جي پاسي تي ويهي رهيو. هُن کي يقين هو تہ جنرل اليفرٽس چورُ يا ٺڳُ ڪونهي. ايڊيسن همت ڪري ٻيهر جنرل جي آفيس هليو ويو ۽ بئنڪ ڪلارڪ جي عجيب غريب وَرتاءَ جو احوالُ ڪيائينس.

جنرل ليفرٽس پنهنجو مٿو پوئتي ڪري زور زور سان ٽهڪ ڏيڻ لڳو، ايتري قدر جو سندس اکين مان لُڙڪ وهڻ لڳا. ”سمجهہ ۾ ائين ٿو اچي تہ توکي زندگيءَ ۾ هي پهريون چيڪُ مليو آهي.“

ايڊيسن هاڪارَ ۾ ڪنڌُ ڌوڻيو، جنرل ڪيس سموري ڳالهہ سمجهائيندي چيو ”توکي رپيا ڏيڻ کان بئنڪ ڪلارڪ نابري انڪري واري هُئي جو تو اُن جي تصديق نہ ڪئي هئي، بئنڪ جي ملازم اهو ٿي چاهيو تہ تون چيڪ جي پويان پنهنجي صحي ڪرين ۽ ڪيس اهو ثبوت ڏين تہ ٿامس الوا ايڊيسن تون ئي آهين.“ جنرل پنهنجي آفيس جي هڪ ڪلارڪ کي سڏيندي چيو: ”باب! مسٽر ايڊيسن سان گڏ بئنڪ هليو وڃ، هِن کي سمجهاءِ تہ چيڪ جي تصديق ڪهڙيءَ طرح ڪئي ويندي آهي، ۽ بئنڪ ملازم سان سندس ڏيٺ ڪَرائي ڇڏ.“

بئنڪ وڃي ايڊيسن قاعدي موجب چيڪ جي تصديق ڪئي، بئنڪ ملازم سان ايڊيسن جو تعارف ڪرائڻ کانپوءِ ڪلارڪُ جنرل ليفرٽس جي آفيس واپس هليو ويو.



بئنڪ- مُلازمُ ايڊسن جي اڻ ڄاڻائيءَ تي دل کولي کِليو ۽ ساڻس ڇَرچي ڪرڻ لاءِ هُن چاليهہ هزار ڊالرن جي رقم تمام ننڍن نوٽن جي صورت ۾ ڪيس ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. هُو رُپيا ڳڻيندو پئي ويو ۽ هُن آڌو نوٽن جو ڍيرُ گڏُ ڪِري ويو. ڍڳ نوٽن جو ايڊيسن ڏانهن وَڌايائين. ايڊيسن نوٽ پنهنجي ڪوٽ جي سيني ڪيسن ۾ وڌا ۽ پوءِ ساوا ساوا نوٽ سوٽ جي ڪيسن ۾ وِجهڻ لڳو. ائين پئي لڳو تہ اِجهو ٽا ڪيسا ڦاٽن، جڏهن هو بئنڪ مان نِڪرڻ لڳو تہ هڪ ڦوڪيل ڏيڏر جيان پئي لڳو.

هو ٻيڙيءَ تي سَوار ٿي نيويارڪ واپس پهتو. هُو ساري واٽَ ٻُوسَٽَ ۾ هو. ڪيس هَر هَر اِهو خيال پَئي آيو ته ڪٿي ڪنهن چورَ مون ڪي ڪِيسَن ۾ ايترا گهڻا نوٽَ وِجهندي ته نه ڏٺو آهي؟ ڪو ڦورو اُن سبب ڪري منهنجي ڪَڍَ ته لڳل ڪونهي ۽ رات ٿيندي ئي منهنجي ڪمري ڪي ڪاٺُ هٽيءِ سارِي مايا ڪسي ته نه ويندو! خوف ڪان ايڊيسن جو ساهُ پئي نِڪتو. هِن پنهنجي صندوق پَلنگ هيٺان چِڪي ٻاهر ڪڍي ۽ سيئي رُپيا وڏي حفاظت سان ڪپڙن جي تَهَن ۽ جورابن جي کُڙين ۾ لڪايا. پيتيءَ کي تالو هڻي هُو ان مَٿان چڙهي وينو ۽ سڄي رات وينو ئي رهيو. هُن ٻنهه اک نه لاتي. ساري رات اوجاڳي ڪري صبح جو سندس اکيون ڳاڙهيون ٿانڊن جهڙيون ٿي ويون. هُن سيئي رپيا وري پنهنجي کيسن ۾ پَريا ۽ پَڄندو ڏُڪندو جنرل ليفرٽس جي آفيس ۾ پهتو. ڪيس پنهنجي حالت ٻڌايائين. جنرل ليفرٽس پنهنجي ڪِلَ روڪڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ بعد بابُ کي ٻيهر پاڻ وٽ گهُرايو، جيڪو حيران پريشان ايڊسن کي وَري بئنڪ وٺي ويو ۽ ڪيس سمجهايائين ته ڪهڙيءَ ريت بئنڪ ۾ اڪائونٽ کولبو آهي، ڪيئن چيڪ وسيلي پئسا وَٺبَا آهن ۽ ڪهڙيءَ طرح چيڪ واري ڪتابڙي درست رکي ويندي آهي.

ايڊيسن نيو يارڪ (نيو جرسيءَ) ۾ نمبر 10 ۽ نمبر 12 تَڪ، گهِٽيءَ ۾ هڪ تمام وڏي عمارت مسواڙ تي ورتي، جنهن ۾ هُن پنهنجي آفيس، تجربيگاهه ۽ ڪارخانو قائم ڪيو. گولڊ اينڊ ٽيلي گراف ڪمپنيءَ ڪيس جلد ئي جديد نموني وارن ڪيترن ئي ٽيلي پرنٽر مشينن جي تياريءَ جو آرڊر ڏنو. ڪيس هر روز وڌيڪ ملازمن جي ضرورت پوڻ لڳي، ايستائين جو انهن جو اَنگُ پنجاهه تائين پهچي ويو. نيو يارڪ ۾ هِن جيڪي ماڻهو ابتدائي ملازم رکيا، انهن ۾ هڪ سوئيٽزرلينڊ جو رهاڪو مستري جان ڪريوسي ۽ هڪ انگريز چارلس بيچلر به شامل هو. هي ٻئي ترتُ ئي ايڊيسن جا انتهائي بااعتماد ۽ هوشيار ڪارڪن بڻجي ويا.

(2)

سنہ 1870ع ۾ هڪ ڏينهن ايڊيسن شامَ ڌاران پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هو. سندس سيئي ملازم ڏينهن جو ڪم پورو ڪري پنهنجي پنهنجي گهَرن ڏانهن هَليا ويا هئا، پر هو پاڻ هڪ مشين جي تياريءَ جو خاڪو ترتيب ڏيڻ لاءِ آفيس ۾ ترسي پيو هو. آخر ۾ هو بہ اُٿيو، گئس جون ٻَلڪيون بند ڪيائين ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ ٻاهريون دروازو کوليائين. هُو ٻاهر پيرُ رکڻ وارو ئي هو تہ تيز برسات شروع ٿي وئي. هُن گهبرائجي پنهنجي آفيس ۾ ويهي برسات بند ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. هُن در کوليو ئي مَس تہ ٻہ نوجوان ڇوڪريون جيڪي برسات ۾ ڦاسي پيون هيون، مينهَن کان بَچڻ لاءِ ڊوڙنديون اوچتو اندر هَليون آيون.

”اڙي!“ وڏي ڇوڪريءَ حيرت مان چيو: ”اسان کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ هِتي ڪو ٻيو بہ بيٺل آهي. برسات کان بَچڻ لاءِ اسان ڊُڪنديون، سواءِ ڪجھ سوچڻ جي هِتِ هَليون آيون آهيون.“

”مان هِن دُڪان جو مالڪ ٿامس ايڊيسن آهيان. اچو نہ! برسات رُڪجڻ تائين آفيس ۾ هلي ويهو. مان گئس بہ ٻاريان ٿو.“

”اسان اوهان جي ڪَم ۾ هرگز رُخنو نہ وِجهنديون سين، مائوارا ايڊيسن! منهنجو نالو ميري اسٽل وِلي آهي ۽ هيءَ منهنجي ڀيڻ ايلس آهي.“

ايڊيسن سلامَ لاءِ پنهنجو ڪنڌُ جهڪايو. ٻئي ڀينر برسات بند ٿيڻ جي انتظار ۾ ويهي رهيون ۽ ڪوجنائيءَ نوجوان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳيون. ميريءَ جون چمڪندڙ اکيون، خوبصورت چهرو ۽ بُردباريءَ کيس ڏاڍو متاثر ڪيو. ڪجھ گهڙين ۾ برسات بيهجي وئي. پنهنجي آفيس ۾ پناھ ڏيڻ تي ٻنهي

ڇوڪرين ايڊيسن جا ٿورا مڃيا. هُن ڪين گهر تائين ڇڏي اچڻ لاءِ به چيو پر هُنن اهڙي صلاح قبول ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو ۽ شامَ جي ڌُنڌ ۾ غائب ٿي ويون.

ميري اسٽل وِل جي تصوير ايڊيسن جي دل تي ڪجهه اهڙي ته چِٽجي وئي، جو هو ڪيس ڪڏهن به وساري نه سگهيو. هُن ڳجهه ۾ پنهنجي دوستن کان ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ ڪيس خبر پئي ته ميري اسٽل وِل نيويارڪ جي سَنڊي اسڪول ۾ پڙهائيندي آهي ۽ هو مسٽر نڪولس اسٽل وِل ۽ مسز مارگريٽ اِسٽل وِل جي ڌيءَ آهي. هُن کي اِهو به معلوم ٿيو ته سندس دوست مَري ٻنهي ڇوڪرين کي سُڃاڻي ٿو. ايڊيسن مَري کي راضي ڪيو ته ڪيس مسٽر اسٽل وِل جي گهر ساڻس مِلائڻ وٺي وڃي. اُن ڪچهريءَ کانپوءِ ايڊيسن محسوس ڪيو ته ڪيس اهڙي عورت ملي وئي هئي، جنهن کي هن جيون ساٿي بڻائڻ ٿي چاهيو.

ايڊيسن ميريءَ جي گهر هر هر وڃڻ لڳو. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ ميريءَ سان گڏ گهڙيون گهارڻ لاءِ هُو پنهنجي ڪم کان به ٽَٽائڻ لڳو، ڪيس ناٽڪن ۽ سُر سنگيت جي محفلن ۾ ساڻ وٺي ويندو هو. آچر جي شامَ جو هو هڪ بَگِي ڪِرائي تي ڪَرائي، هُن سان گڏجي نيويارڪ جي ڇانوري وارن رستن تي سيرُ ڪرڻ ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو هڪ ٽانگي جهڙي گاڏي به ڀاڙي ڪرائيندو هو، جنهن جي اڳيان واري سيٽ تي ٿامس ۽ ميري، پويان مَري ۽ ايلس ويهندا هئا.

هڪ ڏينهن نوجوان ايڊيسن مسٽر اسٽل وِل کي چيو ته هو ميريءَ سان شادي ڪرڻ ٿو گهُري. ميريءَ جي والد جواب ڏنو ته منهنجي ڇوڪريءَ جي عمر اڃا گهٽ ننڍي آهي ۽ هو شاديءَ جي قابل ڪانهي. هڪ سال کان اڳ سندس شاديءَ تي راضي ٿي نٿو سگهان.

ڪجهه ڏينهَن کانپوءِ ايڊيسن ميريءَ کي سوڪڙي ڏيڻ لاءِ مِنائي ورتي. ميريءَ جڏهن اُن مٿان ڪاغذ لاهڻ لڳي ته اهو ڪنهن طرح به نه لٿو. ڪاغذ منائيءَ سان خراب نموني چنبڙي ويو هو، جنهن جا ننڍڙا ننڍڙا ٽُڪرا ڪري مشڪل سان لاٿو ويو. اهو ڏسي ايڊيسن چِڙي پيو. هُن شڪايتي انداز ۾ چيو: ”ڪنهن کي

اهڙو ڪاغذ جوڙڻ گهرجي، جيڪو ڪاڏي جي شين خاص طور مٺائين ۽ ڪيڪن سان چنبڙي نه پوي.“

ميريءَ وڏو ٺهڪُ ڏنو ۽ ڪيس چئلينج ڪندي چيائين، ”تون به ته ڪوجنائي آهين، تون پاڻ اهڙو ڪاغذ ڇو نٿو ايجاد ڪري وٺين؟“

ايڊيسن جي تجربيگاهه ۾ ميريءَ به آفيسر مددگار جي حيثيت سان ڪم شروع ڪري ڏنو. هِن ۽ ايڊيسن گڏجي شين ڪي ويڙهڻ لاءِ مختلف قسمن جي ڪاغذن تي تجربا ڪيا ۽ ميري اِسٽل ول جي مدد سان ايڊيسن هڪ اهڙو ميڻ وارو ڪاغذ بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جيڪو مٺائين، ڪيڪن ۽ بسڪوٽن تي ويڙهڻ لاءِ ڏاڍو موزون هو.

آخرڪار هڪ سالَ جي انتظارَ جو عرصو پُڄاڻيءَ تي پهتو. سنه 1871ع ۾ ڪرسمس واري ڏينهن تي ٿامس. اي. ايڊيسن ۽ ميري اي. اِسٽل وِل جي شادي ٿي، سندن گڏيل دوست مَري آنهنر بڻيو.

سنه 1871ع جي آخر تائين ايڊيسن نيويارڪ ۾ ٽن ڏار ڏار دڪانن جو مالڪ بڻجي ويو. اُن ئي سال هڪ ٻيو ايجادون ڪندڙ ڪرسٽوفر ليٿهم شولس هن وٽ پهتو، جنهن سال 1867ع ۾ ٽائيپ رائيٽر جوڙڻ جي منظوري ورتي هئي، پر هو هڪ اهڙي مونجهاري ۾ ڦاٿل هو، جيڪو پاڻ حل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو هو. شولس جي ٽائيپ رائيٽر تي اکر سڌين سِٽن ۾ نه پئي ڇپيا. ڪڏهن ڪاغذ تي انهن جا ليڪا پئي نهيا ته وري ڪجهه اکر مٿي چڙهي پئي بينا ۽ ڪي سِٽون هيٺ سُري پئي آيون. هُن ايڊيسن ڪي چيو ته هو ڪا اهڙي ترڪيبَ ڪڍي ته جيئن اکرَ بلڪل سِڌا ڇپجن ۽ سِٽون وارَ جيتريون به هيٺ مٿي نَه ٻيهن.

ايڊيسن ٽائيپ ڪرڻ وقت سِٽون بلڪل سِڌيون رکڻ جو هڪ طريقو ڳولي ورتو ۽ اُن ۾ سُڌاري ڪانپوءِ مشين ريمنگٽن ڪمپنيءَ حوالي ڪئي، جنهن اُن جهڙيون ٻيون مشينون ٺاهڻ شروع ڪيون. سنه 1874ع ۾ ٽائيپ رائيٽرَ بازارن ۾ وڪامڻ لڳا ۽ اِهي اُن قابل ٿي ويا هئا ته جديد ڪاروبار ۾ هڪ اهم ضرورت واري حيثيت حاصل ڪري وٺن.

ٽائيپ رائيٽر کي بهتر بڻائڻ بعد مسٽر ۽ مسز ايڊيسن جي گهر ۾ هڪ ڌيءُ جنم ورتو، جنهن جو نالو ميرين رکيائون ۽ پيارَ مان کيس ’ڊاٽي‘ سڏڻ لڳا، پر هڪ اهڙي گهر ۾ جتي سدائين ٽيلي گرافيءَ جون ڳالهيون پئي ٿيون، ’ڊاٽي‘ کي اجا بہ ننڍڙو ڪري ’ڊاٽ‘ ڪيو ويو. 1875ع ۾ ٿامس الوا ايڊيسن جونيئر پيدا ٿيو. تار گهر جي معياري علامت پٽاندر سندس گهر ۾ سڏجڻ وارو نالو ’ڊيش‘ رکيو ويو ۽ هو انهيءَ سان ئي مشهور ٿيو.

سال 1869ع کان 1875ع وچ ۾ ايڊيسن ڪيتريون ئي شيون ايجاد ڪيون ۽ انهن جي سَنَدَ بہ حاصل ڪيائين. نيويارڪ جا ٿي دڪانَ هاٽي ايڊيسن جي ايجادي سرگرمين لاءِ پورا نہ پئي پيا. هڪ وڏي شهر ۾ ٽن هنڌن واري ورهاست سبب وقت ۽ توانائيءَ جو بہ زيان پئي ٿيو. ايڊيسن کي هڪ تمام وڏي تجربيگاهہَ ۽ ڪارخاني بڻهي لاءِ ڪتب اچي سگهي. ايڊيسن جي امڙ 19 اپريل 1871ع تي پورٽ هيورون ۾ گذاري وئي هئي ۽ سندس والد اُتي اڪيلائي پئي محسوس ڪئي. سال 1875ع ۾ ايڊيسن حد کان وڌيڪ مصروف رهندو هو، جنهن پنهنجي پيءُ کي گذارش ڪئي تہ هو نيويارڪ اچي سندس تجربيگاهہ لاءِ بهتر جڳهہ ڳولڻ ۾ مدد ڪري.

(3)

مسٽر سيموئل ايڊيسن پهرين نومبر سنہ 1875ع تي نيو يارڪ پهتو ۽ وڏي خوشيءَ مان اِها ذميواري سنڀالي ورتائين. هن نيو يارڪ ۾ موجود انهن ٽن دڪانن جي لاءِ متبادل جاءِ ڳولڻ شروع ڪئي، جن ۾ تمام گهڻا ماڻهو ڪم ڪندا هئا. جيئن سندس پٽ سمورو ڪم هڪ ئي تجربيگاهہ ۾ ڪري سگهي. هو هڪ بگيءَ تي چڙهي ڪيترن هفتن تائين نيو جرسيءَ جي رستن تي گهمندو رهيو. هُن ڪيترن ئي هَنڌن تي زمين جي ڪِن ٽُڪرن جو تفصيلي جائزو ورتو. ٿامس ايڊيسن ڪيترا سالَ اڳ هڪ جاءِ تي زمين خريد ڪئي هئي، مسٽر سيموئل هر هر اُوڏانهن ٿي ويو. اها زمين ڳاڙهي مٽيءَ وارين پهاڙين هينان هئي ۽ پنسلوانيا ريلوي لائين ڪناري نيوجرسيءَ جي هڪ ڳوٺ منلو پارڪ کان پَريرو نہ هئي، جنهن جي ڏاکڻي ڪنڊ تي هڪ شاهي رستو نيويارڪ سِٽيءَ ڏانهن ويندو هو. جيڪو اتان کان فقط پنجويهہ ميلن (41 ڪلوميٽرن) جي مفاصلي تي هو. مسٽر ايڊيسن نئين تجربيگاهہ لاءِ انهيءَ زمين جي چونڊ ڪئي.

ٿامس بہ بگيءَ تي چڙهي پنهنجي پيءُ سان گڏ منلو پارڪ ويو. ٽڪريءَ هينان ٿوري دير گهمي ڦِري ڏسڻ بعد کيس يقين ٿيو تہ سندس والدَ انتهائي مناسب جاءِ جي چونڊ ڪئي آهي. ٿامس اُتي ۽ اُنهيءَ وقت پنهنجي پيءُ کي تعميراتي ڪم جو نگران مقرر ڪيو. پيءُ پُٽ گڏجي عمارت جو نقشو ٺاهيو ۽ ماهرن سان صلاح مشوري ڪرڻ کانپوءِ ضروري فيصلا ڪيا. نئين عمارت جي جُڙڻ وارو اصل ڪم 3 جنوري 1876ع تي شروع ڪيو ويو.

پنسلوانيا ريلوي لائين کان ٻہ بلاڪَ اُتر ۾ هڪ چورس زمين جي ٽُڪَري تي آهستي آهستي ڪاٺيءَ جي هڪ ڊگهي ٻہ ماڙِ تجربيگاھ جُڙي راس ٿي، اُها اُنهن رَستن سان گهريل هئي، جيڪي بعد ۾ فريڊرڪ اِسٽريٽ، ووڊ بِرج ايوينيو، ڪِرسٽي اِسٽريٽ ۽ مڊل سِڪس ايوينيو جي نالن سان مشهور ٿيا. عمارت جي ٻنهي پاسي وڏين وڏين ڊرين جون قطارون هيون. مُک دروازي کان داخل ٿيندي ئي پهرين ماڙ تي هڪ ننڍڙي آفيس هئي. اُن ماڙ جي باقي حصن ۾ گودام ۽ هڪ خاص ڪمرو هو، جنهن ۾ تجربن لاءِ هڪ وڏي ميز رکي وئي هئي. لوڏَن لَمن کان بچڻ لاءِ ميز جي پاوَن واري جاءِ تي سِرُن جا ٻہ وڏا ٿُلهَہ ٺاهيا ويا هئا، جن جا بنيادَ زمين ۾ گهڻو هيٺ تائين رکيا ويا هئا. ٻي ماڙ تي رڳو هڪ ڊگهو ڪمرو هو ۽ ان ۾ ئي منلوڪي جي جڳ مشهور تجربيگاھ قائم ڪئي وئي هئي، جنهن جي ڇت مان گئس جا وڏا پائيپ نڪتا هئا. اُنهن جا مُنڍا مڇيءَ جي پُڇَ جيان چِپٽرا ۽ گول هئا. اِنڪري تہ جڏهن اِنهن ۾ گئس ٻاري وڃي تہ اِنهن مان پِيلو ۽ روشن شعلي وارو هَڪ اڌ گول ٺڳجي پوي. ٻنهي ڊگهين ڀِتين ۾ الماڙين جون قطارون نهيل هيون. 20 مارچ 1876ع تي مزورن تجربيگاھَ مٿان هلڪو خاڪي رَنگُ ڏئي ڇڏيو. ان کانپوءِ ڊگهين ڊگهين الماڙين کي رنگا رنگ ڪيميائي شين جي سوين شيشين سان ڀريو ويو. ڪمري کي گرم رکڻ لاءِ ان جي وچ ۾ هڪ وڏو ٻُخارِو ناهيو ويو. تجربيگاھَ جي ڪُنڊَ ۾ شيشي جي دٻي اندر ڪيترن ئي بوتلن ۾ دنيا جي قيمتي ڌَاتُن جا وڏا وڏا ٽُڪرا رکيا ويا هئا. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ انهيءَ دٻي جي ڀِرِ ۾ هڪ وڏي ٻِينَ رکي وئي. ايڊيسن موسيقيءَ جو شوقين هو ۽ هُن اِها پنهنجي ڪم واري ڪمري ۾ اِن لاءِ رَکائي هئي تہ جڏهن سندس دل چاهي هو اها وڄائي سگهي.

تجربيگاھ جي عمارت جي اتر اولھ ۾ قيمتي ڪاٺ ۽ شيشي جي سامان تيار ڪرڻ جو ڪارخانو هو. انهن سڀني کان پري نيويارڪ جي هڪ ٻي سِپ کان وڏي عمارت هئي، جنهن ۾ مشينون ٺاهيون وينديون هيون. انهن ۾ اسٽيم بوائلر، هر ماپَ جي رَنڌَن ۽ ٻين اوزارن جو وڏو ذخيرو ۽ ڪَل پُرزن ٺاهڻ جون

مشينون رکيل هيون. اِها عمارت جيئن ئي سيني اوزارن سان مکمل ڪئي وئي تہ جان ڪريوسي ان جو خاص نگران بڻايو ويو. هو پنهنجي مالڪ جي مرضيءَ موجب هر شيءِ ناهڻ لڳو.

تجربيگاهہ کان ڪجهہ پَري ڪرسٽي اسٽريٽ جي اولهہ ۾ مسز سيلي جوردِن هڪ مسافر خانو جوڙايو هو. جنهن ۾ ايڊيسن جي ڪارخاني جا غير شادي شده ملازم رهندا هئا. شادي ڪيل ملازم پنهنجي گهر ڀاتين سان ٻين گهرن ۾ رهندا هئا، جيڪي ٽڪريءَ جي هيٺان پري پري تائين پکڙيل هئا.

ايڊيسن جو گهر ڪشادي اڱڻ سان ريلوي بَند جي اتر اوڀر ۾ هو، جنهن جي چوڌاري اڇي رنگ جي ڪاٺيءَ جو جَهنگلو ڏنل هو ۽ ٽِ ماڙ وارو گهر ڪاٺ جي بوٽي تي تختا لڳائي ناهيو ويو هو. ان اڳيان سڄي عمارت آڏو هڪ ويڪرو ورانڊو هو. اصلي عمارت جي هڪ پاسي ٻہ ماڙ ڪمرن جي هڪ قطار پئي وئي ۽ ان آڏو بہ ورانڊا ٺهيل هئا- لڪڙي جي هڪ مُناري تي وڏي هوائي چَڪي لڳل هئي. جڏهن هوا لڳندي هئي تہ اُن چڪيءَ وسيلي گهر لاءِ پاڻي پَريو ويندو هو. اهڙي نئين گهَر ۾ مسٽر ايڊيسن پنهنجي گهر واري ۽ ٻن ٻارن 'ڊاٽ' ۽ 'ڊيش' سان رهندو هو.

(4)

12 آگسٽ 1877ع تي مسٽر ايڊيسن پنهنجي تجربيگاهه ۾ چمڪندڙ، صاف ۽ شفاف ميز آڏو ويٺو هو. هن آڏو ٽِينَ جون ڪجهه سَنهيون چادرون ۽ پيلي رَنگَ جي سادَن پنن جو پيڊ پيو هو. هِن جون ننڍيون، ٿُلهيون آڱريون ڪاغذ جي هڪ سنهي پٽيءَ سان ڪيڏي رهيون هيون، جنهن تي ٽيلي گراف جي سگنل جون لڪيرون ۽ ٽِبڪا نهيل هيا. ٽي هفتا پهريائين ايڊيسن محسوس ڪيو هو ته سوراخن وارا ڪاغذ جڏهن ٽيلي گراف جي هڪ اوزار هيٺان تيزيءَ سان گذرن ٿا ته ان مان 'يُون... يُون' جهڙو آواز پيدا ٿئي ٿو. ڇا ان ڪاغذ جي پَٽيءَ مان لفظ يا پورا جُملا چَوِرَائي نٿا سگهجن؟

ايڊيسن پنهنجو ڪنڌُ مٿي ڪندي مَٿو ڪنهيو. هُو خيالن ۾ گُم هو، ٽيليفون جوڙڻ جي سلسلي ۾ هُن ڏٺو هو ته ڪوئي ماڻهو ٽرانسميٽر ۾ ڳالهائي ٿو ته هڪ ڌاتوءَ جو پَردو لَرزڻ لڳي ٿو. ۽ ان مان آوازَ جون لَهرون به پيدا ٿينديون آهن. آواز جون اُهي لَهرون ڪنهن شيءِ تي رڪارڊ به ڪري سَگهجن ٿيون. جيڪڏهن ائين ئي ڪو پردو آواز جي رستي تي وري هلي ته ڪوبه سبب ڪونهي ته اُهو انهن ئي لَهرن ڪي لفظن جي شڪل ۾ ٻيهر نه ورجائي.

ايڊيسن پينسل ڪٽي هڪ خاڪو ناهڻ شروع ڪيو. پيلي پَني تي سندس هَٿُ تيز ۽ تڪڙو چُرپُر ڪندو رهيو، ايستائين جو عجيب غريب شڪل جي هڪ مشين جو خاڪو تيار ٿي ويو. هُن هڪ ڇوڪري کي مشينن واري ڪارخاني موڪلي جان ڪريوسي کي گهُرايو، پنهنجي مستريءَ جي انتظارَ وچ ۾ هُن

جوڙيل خاڪي جي تياريءَ لاءِ خرچ جو ڪاٿو بہ لڳائي ورتو ۽ حاشيي ۾ ئي پنهنجي پختن ۽ صاف اکرن ۾ لِکي ڇڏيو: 'خرچ جو حسابُ: ارڙهن ڊالَرَ.'

"حڪم ڪريو! ڪيئن ياد ڪيو اَٿو." ڪريوسيءَ پُڇيو.

ايڊيسن پينسل ميز تي رکي ڇڏي ۽ پنهنجي اعتمادَ واري ملازم کي جيڪو ساڻس گڏ بيٺل هو مشين جو خاڪو ڏيندي چيو: "منهنجي لاءِ هيءَ مشين تيار ڪري وَٺُ. اِن ۾ ڪيترو وقت لڳندو؟"

ڪريوسي مشيني خاڪي کي ڏاڍي غور سان ڏِٺو ۽ پنهنجي اڌ سوئيز ۽ اڌ جرمن گاڏڙ لهجي ۾ آهستي چيو: "چئي نٿو سگهان، منهنجي ڪوشش اِهائي هوندي تہ ان کي جَلد کان جَلد تيار ڪري ونان."

ايڊيسن وراڻيو: "اِن کي جيترو جلدي ممڪن ٿي سگهي تيار ڪر ۽ پوري ڪري مون وٽ کڻي اَچُ، پر اُن مٿان ارڙهن ڊالرن کان وڌيڪ خرچ نہ ٿئي."


ٿيهن ڪلاڪن کان پوءِ ڪَريوسي مسٽر ايڊيسن وٽ موٽي آيو. سندس هٿ ۾ هڪ انوکي مشين هئي، جيڪا ڪاٺَ جي هڪ وڏي تختي تي لڳل هُئي، ان جي ڇيڙن تي بَہ ننڍڙيون ننڍڙيون ڪانيون لڳل هيون، جن جي آڌار تي ڌاتوءَ جي هڪ ڊگهي سيخَ لڳائي وئي هئي. وچ ۾ ڌاتوءَ جو هڪ ويلڻ هو. سيخ جي هڪ پاسي تي هڪ ڦيٿو هو، جنهن ۾ هڪ هَٿيو بہ لڳايو ويو هو. هَٿيو گهمائڻ سان سيخ ۾ لڳل ويلڻ ڦِرندي اڳتي وڌڻ ٿي لڳو. انهيءَ ويلڻ تي شروع کان آخر تائين هڪ لڪير اُڪريل هئي. ويلڻ تي ٽيلي فون جيان هڪ مائوٿ پِيس بہ لڳل هو. اُن ۾ هڪ پردو بہ هو، جنهن جي آخر ۾ هڪ تيز ۽ نوڪدار سُئي هئي جيڪا ويلڻ تي اُڀا تري رکيل هئي ۽ داڻيدار ليڪَ تي هِڪَڪَري هلندي هئي.

ڪريوسي اُها مشين پنهنجي مالڪ آڏو ميز تي رکي ۽ چيو: "هي وَٺو پنهنجي مشين پر اِها اوهان جوڙائي ڇو آهي؟"

"هيءَ مشين ڳالهائيندي" ايڊيسن جواب ڏنو.

ڪَريوسي اِهو سوچي وڏو ٺهڪ ڏنو تہ سندس مالڪُ ڇَرچو ڪندي اهڙي ڳالهہ ڪري رهيو آهي، موٽَ ۾ هُن بہ مذاق طور چيو: "جيڪڏهن اوهان هن کان

ڪجهہ چَوِرائي وجهو تہ مان اوهان کي دنيا جي بهترين سِگارن جو هڪ ڏَٻو پيش ڪندس.“



ڏِلي ڪارمن ۽ چارلي بيچلر ٻہ اِهي ڳالهيون ٻُڌيون تہ هو پنهنجون پنهنجون ڪُرسيون ڇڏي مسٽر ايڊيسن جي ميز ويجهو آيا ۽ ’ڳالهائيندڙ مشين‘ تي مسخري ڪرڻ لڳا.

هنن آڏو ئي ايڊيسن مشين ۾ لڳل ويلڻ جي چوڌاري ٽين جي هڪ سَنهڙي پَني ويڙهي ۽ پردي واري سُئي ڏاڍي احتياط سان اُن مٿان رکي ڇڏي پوءِ هُن هٿئي کي آهستي هڪ ئي رفتار سان ڦيرائڻ شروع ڪيو. ويلڻ ڦِرڻ لڳو تہ هو پنهنجا چپ مائوٿ پِيس ويجهو ڪٽي ويو ۽ ٻارڙن جو مشهور نظم پڙهڻ شروع ڪيو:

”ميريءَ وٽ رِڍ جو هڪ ننڍڙو ٻچڙو هو.“

تائين پهچي ايڊيسن چُپ ٿي ويو. پوءِ هن وَيلڻ کي اُن جاءِ تي پهچايو، جتان ڦِرڻ شروع ڪيو هئائين. هن سُئي ٽِين جي پنيءَ تي رکي ڇڏي ۽ هَٿيو ڦيرائڻ لڳو. مشين مان ڪوبہ آواز نہ نِڪتو. ڪارمن، ڪريوسيءَ کي اک پڳي. مشين جو مِستريءَ پنهنجي آڱرين جون چوٽيون پنهنجي آڱرين جون چوٽيون

پنهنجي نِرڙ تي آهستي هنيون، معنيٰ تہ سندس دماغ ڪمزور ٿيندو پيو وڃي. ايڊيسن ڪريوسيءَ جو اِهو اِشارو ڏِسي ورتو.

هُن نرم لهجي سان چيو: ”منهنجي مشين ضرور ڳالهائيندي. هِن پيري ٿوري غلطي ٿي وئي آهي.“ اِهو چئي هُن ٽِين جي پنيءَ جو غور سان جائزو ورتو. ”ڏِسو تہ! سُئيءَ جي چهنب سان ٽِين بلڪل ڪَٽجي ويو آهي. مان هِن کي ٻيهر آزمائيندس.“

ايڊيسن ٽين جي پَنّي ويلڻ تان لاهي اُچلي ۽ هڪ نئين پَني ۾ ان کي ويلڻ جي کُرچيل لڪيرن ۾ چڱيءَ طرح کُپايو. هُن ڏاڍو آهستي سُئي ٽينَ جي سِڌي ۾ چمڪندڙ پنّيءَ مٿان رَکي هَٿيو گهُمائڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ 'ميريءَ وٽ رڇ جي ٻچڙي' واري ڪهاڻي مائوٿ پيس ۾ ٻيهر ورجائي، نظم جو پهريون بند پورو ٿيندي ئي هِن سئي ٻيهر اُنهيءَ جاءِ تي رکي ڇڏي، جتان ويلڻ هَلايو ويو هو ۽ هَٿيو ڦيرائڻ لڳو. سئيءَ جي چهنب آواز جي اُنهيءَ رستي تان هلڻ لڳي، جيڪو هُن پهرئين ڦيري ۾ ٺاهيو هو. هڪ پَلَ لاءِ تجربيگاهَہ ۾ مڪمل خاموشي ڇانيل رهي، پوءِ انساني دل ۾ ڌڙڪي ڪان ڪجهہ تيز آواز ۾ مشين ايڊيسن جي ئي آواز ۾ چوڻ شروع ڪيو:

”ميريءَ وٽ رِڇ جو هڪ ننڍڙو ٻچڙو هو
هِن جا وَارَ برف جيان اڇا هئا،
ميري جيڏانهن بہ ويندي هئي،
رڇ جو ٻَچڙو ضرور گڏ ويندو هو.“

ڪَريوسي اَچرج مان پنهنجا هَٿَ مهٽيندي رَڙ ڪري چيو: ”مشين ڳالهائي رهي آهي.“ ڪارمين واڪو ڪيو ”معجزو... معجزو...“ جوش ۾ اچي هُن ايڊيسن جو هٿ پَڪڙي تجربيگاهہ ۾ نچڻ شروع ڪيو، مسڪرائيندي ايڊيسن جي چوڌاري خوشيءَ ۾ نچڻ وارن ۾ ڪَريوسي بہ شامل ٿي ويو ۽ ڏاڍيان چوڻ لڳو ”ڳالهائيندڙ مشين، ڳالهائيندڙ مشين.“

اِها مشين ڪيئن تہ ڳالهائي سگهي ها، پر اها حد ڪان وڌيڪ نازڪ ۽ نامڪمل هئي. ٽينَ جي پَنّي ويلڻ مان نِڪري نہ پئي سگهي، چو تہ اهڙيءَ ريت آواز جون لهرون ڏاڍو گهڻ گهِريون هيون، سِڌيون ٽي پئي ويون. لهرن جو رَستو ايتريقدر گهڻ ڳُتيل ۽ نازڪ هو جو فقط بہ يا ٽي پيرا سُئي گذرڻ ڪري اُهو گسِي پئي ويو. بهرحال هي رستو ڪيترو بہ نازڪ هو، تاريخ ۾ پهريون پيرو هڪ مشين چِٽي نموني ۽ ڳالهائڻ واري جي پنهنجي ئي لهجَي ۾ انساني آواز کي دُهرايو هو.

14 ڊسمبر سنہ 1877ع ۾ ايڊيسن پنهنجي ڳالهائڻ واري مشين جي سَند حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني. اِنهيءَ مشين جو نالو هِن فونو گراف ۽ ٽين جي پنيءَ واري رڪارڊ جو نالو فونو گرام رکيو، جنهن جي هَڙني حقن جي حفاظت لاءِ 19 فبروري 1878ع تي آمريڪي حڪومت منظوري ڏئي ڇڏي. پنهنجي ايجاد کي داخلا ڪرائڻ کانپوءِ ايڊيسن اعلان ڪيو تہ هُن هڪ اهڙي مشين تيار ڪئي آهي، جيڪا اِنسانَ جي آواز کي ورجائي سگهي ٿي. ڪيترن ماڻهن کي يقين ئي نہ آيو تہ ڪاٺَ، لوهَ ۽ ٽينَ جي پنّي مان اِنساني آواز ڪيئن ٿو نِڪري سگهي، ڪين مونجهارو هو تہ هُن آواز مَٺائڻ جي مَشق ڪري ورتي آهي ۽ آواز اهڙي طرح ڳالهائن ٿا، جو ٻُڌڻ وارا اِهو سمجهن تہ آواز مشين مان ئي ٿو اچي.

دنيا کي فونو گراف جي ايجاد ڏانهن قائل ڪرڻ لاءِ ايڊيسن آمريڪا جي سائنس اڪيڊميءَ ۾ پنهنجي معجزي جهڙي مشين جو مظاهرو ڪيو. پوءِ هو ڏاڍو تڪڙو واشنگٽن ڊي. سي ويو.

8 اپريل 1878ع تي ويلرڊ هوٽل ۾ نيرن ڪرڻ کانپوءِ ايڊيسن پنهنجو فونو گراف سِمٿ سونين- اِنسٽيٽيوٽ جي سَرواڻ مسٽر جوزف هينريءَ جي گهر ڪٺي ويو، جتي هُن خاص مهمانن آڏو ڳالهائيندڙ مشين جو مظاهرو ڪيو. اُن ئي ڏينهن تي منجهند جو ايڊيسن پنهنجو فونو گراف آمريڪا جي سائنسي اڪيڊميءَ آڏو پيش ڪيو. ملڪ جي مشهور ترين سائنسدانن مان ڪيترن ئي هٿ سان هلندڙ ۽ ٽين جي پنيءَ واري رڪارڊ استعمال ڪرڻ واري مشين کي اهو چوندي ٻُڌو تہ:

”ڳالهائيندڙ فونو گراف آمريڪا جي سائنسي اڪيڊميءَ آڏو حاضر ٿيڻ جو شرف حاصل ڪري ٿو.“

مشين پنهنجي انهيءَ واقفيت ڪانپوءِ ايڊيسن جي پنهنجي آواز ۾ ’ميريءَ وٽ رِڍَ جو هڪ ننڍڙو ٻچڙو هو...‘ پڙهي ٻُڌايو. تنهن بعد فونو گراف گانا ڳائي ٻُڌايا، اِنساني سِيٽي وڄائڻ، چَپٽيءَ جو آواز ۽ نچ ڏيڻ جو نقل به ڪيو. ان ڳالهه ۾ هاڻي ذرو به شڪ نہ رهيو هو تہ فونو گراف واقعي ڳالهائي سگهي ٿو.

نيڪ اڌ رات ڪان اڳ ايڊيسن کي اطلاعُ مليو تہ صدر ردر فورڊ. بي هيز ڳالهائڻ واري مشين ڏِسڻ چاهي ٿو. ايڊيسن هڪ گاڏيءَ ۾ ويهي، پنهنجو قيمتي پر شِڪل ۾ ڪَوجهَہ فونو گراف گوڏن تي رکي وائيٽ هائوس روانو ٿي ويو. جنهن وقت هو صدر جي ڪمري ۾ داخل ٿي رهيو هو تہ واشنگٽن جون سيئي واچون ٻارهن وَڄائي رهيون هيون. آمريڪا جي اڻويهين صدرَ جي خدمت ۾ ايڊيسن کي پيش ڪيو ويو تہ هُن ڏاڍي گرمجوشيءَ سان سندس آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ کيس پنهنجي مشين هَلائي ڏيکارڻ لاءِ چيو، جنهن جو اُن ڏينهن سڄي واشنگٽن ۾ ناماچاريءَ جو هُل هو.

صدر، گهَرو ڪاتي جو وزير ۽ ٻيا مشهور ماڻهو ڏاڍي بيتابيءَ سان مشين جي مظاهري جا منتظر هئا. ايڊيسن ميز تي پنهنجي مشين ناهي رکي. جڏهن فوني ’ميريءَ وٽ رِڍَ يا (رڇ) جو هڪڙو ننيڙو ٻچڙو هو...‘ ورجايو تہ صدر جي ڊگهي ڏاڙهي حيرت مان لُڏڻ لڳي. مشين جڏهن ٺَهَڪَ ڏيڻ ۽ گانا ڳائڻ شروع ڪيا تہ صدر هڪ نوڪر کي سڏي مسز هيز کي ننڊَ مان جاڳرائڻ جو حڪم ڏنو تہ جيئن هوءَ به اچرج جهڙي مشين جو آواز ٻُڌي، ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ مسز هيز ۽ سندس ساهيڙيون به ڪمري ۾ اچي ويون تہ جيئن هو پاڻ اِنساني آوازَ ورجائڻ واري مشين کي ڳالهائيندي ٻُڌي سَگهن. ڪجهه مهمانن ٿينَ جي پنيءَ تي پنهنجي آوازن جا رڪارڊ تيار ڪرائي ڏاڍي حيرت ۽ اتساهَ مان اُهي پنهنجا آواز ٻيهر ٻُڌا، جيڪي گهنٽيءَ جيان صاف ٻُڌڻ ۾ پئي آيا، ٽين وڳي رات جو ٽَڪل پر بيحد خوش موجد وائيٽ هائوسَ مان موڪلائي پنهنجي هوٽل تي واپس وَريو.

پهريون فونوگراف ڳالهائيندو، ڳائيندو، نِجَ ڏيندو ۽ ڪنگهندو ضرور هو، پر اُن ڪي مڪمل هرگز نہ ٿا چئي سگهون. ٽين جي پنيءَ تي آواز جو رڪارڊ اطمينان جوڳو تيار نہ پئي ٿيو. ايڊيسن شروع ۾ جيڪي رڪارڊ ٺاهيا هُئا، اهي ايترا تہ نازڪ هئا، جو مستقبل لاءِ محفوظ رکڻ مشڪل هئا. اُن وقت تائين هڪ رڪارڊ مان سوين رڪارڊ تيار ڪرڻ جو طريقو بہ ڳوليو نہ ويو هو. هٿ سان مشين ڦيرائڻ جو طريقو بہ ڏاڍو نقص وارو هو. فونوگراف ڪي مڪمل ڪرڻ لاءِ ان ۾ ڪيترن ئي سُڌارن جي ضرورت هئي.

ايڊيسن ڳالهائڻ واري مشين ڪي مڪمل ڪرڻ لاءِ پنهنجو وڏيڪ وقت نہ سيڙايو، ڇو تہ سندس سوچ ۾ اجا بہ گهڻيون حيرت ڏياريندڙ ۽ اهم ايجادون سوار هُيون. هُن پنهنجي نون خيالن ڪي عملي صورت ڏيڻ لاءِ فونو گراف ۾ سُڌاري وارو ڪم ملتوي ڪري ڇڏيو، پر 1887ع ۾ هِن عظيم سائنسدانَ فونو گراف ڏانهن بيهر ڌيانُ ڏريو ۽ هزارن تجربن ڪانپوءِ ٽين جي پنيءَ واري رڪارڊ جي جاءِ تي ميڻ جو هڪ خالي ويلڻ اِستعمالُ ڪيو، پر ميڻ ڏاڍي نرم ٿئي ٿي، اِنڪري ٿورڙي اِشاري تي بہ پَچيو پوي. پوءِ هُن سلولائڊ وارو مرڪب آزمايو، جيڪو گهڻي وقت تائين ڪم ڏئي ٿي سگهيو.

ٻيو سُڌارو هُن انهيءَ وقت آندو، جڏهن ويلڻ رڪارڊ ڪي ڇڏي هن هڪ چپٽري پليٽ اِستعمال ڪئي. اُن پليٽ ۾ آواز جون لهرون ٻاهرئين مُنڍ کان شروع ٿينديون ۽ چڪر لڳائينديون وچ ۾ ختم پئي ٿيون. ايڊيسن هڪ رڪارڊ مان هزارين رڪارڊ تيار ڪرڻ جو طريقو بہ ڳولي لڌو ۽ آواز جو رستو چٽڻ لاءِ هڪ ڌاتوءَ جي سئيءَ جي جاءِ تي نيلم جو هڪ ننڍڙو ٽُڪرو استعمالُ ڪيو، جيڪو سختيءَ ۾ هيري کان ٿورو گهٽ ٿيندو آهي ۽ جنهن سان آواز جي لڪيرَ ۽ ٻولي گهِري ۽ هڪجهڙي ڪَٽي پئي سگهي. نئين نموني واري مشين ۾ هٿئي بجاءِ هڪ ڦِرندڙ ڪَماني اِستعمال ڪئي وئي هئي. سنہ 1910ع تي فونوگراف جي موجد اُن کي ايترو تہ مڪمل ڪيو، جو انهيءَ وقت ڳالهائيندڙ مشين مقصد ۽

مرضيءَ حوالي سان اهڙي حيثيت ماڻي ورتي، جيڪا اڄوڪي زماني جي مشين کي حاصل آهي.



# دنيا لاءِ هڪ نئين روشني

(1)

اوڻويهين صديءَ جي شروع ۾ وليم ويليس بجليءَ جو هڪ لئمپ ايجاد ڪيو هو، جنهن مان هڪ اڌ گول شڪل ۾ روشني نڪرندي هئي. انهيءَ لئمپ جي روشنيءَ سان گڏوگڏ هڪ زوردار زوڪاٽ بہ ٿيندو هو. ان جي ڪاربان جي وٽ ڏاڍو تيزيءَ سان سڙي ويندي هئي ۽ ڪجھہ ڪلاڪن ڪانپوءِ نئين وٽ وجهڻي پوندي هئي. ان لئمپ مان ايتري تہ گهڻي گرمي ۽ تيز ڌپ پيدا ٿيندي هئي، جو اُن کي گهر ۾ روشنيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ ممڪن ڪونہ هو. ايڊيسن سوچيو:

”ڇا برقي قوت سان اهڙي روشني پيدا ڪري سگهجي ٿي، جيڪا سَستي ۽ محفوظ هئڻ ڪان سواءِ سولائيءَ سان حاصل بہ ڪري سگهجي؟“

مارچ 1878ع ۾ هُن برقي قوت وسيلي ويليس جي لئمپ جي مقابلي ۾ وڏيڪ ٿڌي ۽ سنهي روشني ڏيڻ وارو لئمپ ناهڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڇڏي.

پنهنجي نڪور تجربن لاءِ ڪيس اڪيلائيءَ جي ضرورت هئي. ان لاءِ هُن منلو پارڪ ۾ عام ماڻهن جي داخلا تي بندش وجهي ڇڏي. انهيءَ ڳالھہ جو سبب پُڇڻ لاءِ ’نيويارڪ سَن‘ جو هڪ رپورٽر ساڻس ملاقات ڪرڻ ويو. ايڊيسن انهيءَ نوجوان کي ٻُڌايو تہ:

”مان بجليءَ جي اهڙي روشني حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو، جنهن سان آواز ۾ ڏپ نه ٿئي ۽ نه وري دونهون نڪري، جيڪا ايتريقدر محفوظ هجي، جو هڪ ٻارُ به ان کي جتي چاهي ۽ جهڙيءَ طرح چاهي، ڪٽي وجي سگهي.“

”پنهنجي نئين روشني ايجاد ڪرڻ لاءِ اوهان کي ڪيتري وقت جي ضرورت پوندي؟“ رپورٽر سوالُ ڪيو:

ايڊيسن نرميءَ سان جواب ڏنو: ”منهنجو اندازو آهي ته هر شيءَ مڪمل ڪرڻ ۾ ٻه سالَ لڳي ويندا، پنهنجي روشنيءَ کي منگهٽن کان به محفوظ رکڻ چاهيان ٿو.“

”بجلي جي روشني ۾ مُنگهڻَ!“ حيران ٿيندي رپورٽر پڇيو:

”سائين! مان اوهان جو مطلب نه سمجهيو.“ ايڊيسن کِلندي وراڻيو:

”منگهڻ مان منهنجي معنيٰ نقص آهي، مان بجليءَ جي هڪ اهڙي روشني پيدا ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪا سيني حزابين کان پاڪُ هجي. دنيا آڏو پيش ڪرڻ کان اڳ مان پنهنجي روشنيءَ کي هر طرح مڪمل بڻائڻ ٿو گهُران.“

رپوٽر ٿُرت نيويارڪ سِٽي واپس وَري ’سُن‘ ۾ ايڊيسن سان پنهنجي ملاقات جو احوالُ ڇاپي ڇڏيو. دنيا جي سمورن بجلي ماهرن جادوءَ واري اهڙي روشنيءَ تي چرچا ڪيا، جيڪا ايڊيسن دنيا آڏو پيش ڪرڻ جو پَڪُ ڪيو هو. انهن گڏجي اعلان ڪيو ته بجليءَ جي وهڪري کي پابند بڻائي گهرَ يا آفيس لاءِ ڪو ننڍڙو لئمپ به روشن ڪرڻ ڪڏهن به ممڪن ڪونهي.

منلو پارڪ جي جادوگر، اهڙن ماهرن جي اِنهيءَ راءِ ڏانهن ڪو ڌيانُ نه ڏنو، جو ته هن پنهنجي تجربيگاهَ ۾ ڏينهن راتِ ڪم ڪري هڪ اهڙو ڪارنامو ڏيکارڻ پئي چاهيو، جيڪو ٻين جي خيال ۾ ناممڪن هو.

ويليس جي ٻتيءَ خاميون ڏسي ايڊيسن فيصلو ڪيو ته هو پنهنجي روشني ڪنهن شيءِ کي ايتري حد تائين گرم ڪري حاصل ڪندو، جو اها اڇي ٿي وڃي. هن ڌاتُن ۾ ٻين مادن جا سَنها سَنها ڇَلا ناهيا. انهن ڇَلن کي هِن ’تارَ‘ جو نالو ڏنو.

هُن تَڪڙو ئي هڪ اهم مشاهدو ڪيو ته جيتريون به تارون کُليل هوا ۾ گرم ڪيون وجن، اهي سڀ ڪجهه لمحن ۾ سَڙي رَکَ ٿي ٿي ويون.

اپريل 1879ع ۾ ايڊيسن جي اندر ۾ اچانڪ اِهو خيالُ اُڀريو ته جيڪڏهن هو تارَ کي شيشي جي ڪنهن اهڙي بلبَ اندر بَند ڪري ڇڏي، جنهن ۾ هوا نه هجي ته ڇا ٿيندو؟ هن اِهو سوالُ پوريءَ طرح پروڙڻ ۽ جواب حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ايڊيسن فلاڊلفيا جي هڪ شيشا ٺاهيندڙ لڊوگ بوئهم کي پاڻ وٽ ملازم ڪري رکيو ۽ کيس چيو ته:

”تون مِنلو پارڪ اچي شيشن جا بلبَ تيار ڪري ڏي، جن مان پمپ وسيلي هوا ڪڍي سگهجي.“ آمريڪا سڄيءَ ۾ رڳو پرنسٽن يونيورسٽيءَ وٽ ايڏو طاقتور پمپ هو، جيڪو انهيءَ مقصد لاءِ استعمال ڪري سگهجي. ايڊيسن اِهو پمپ حاصل ڪري منلوپارڪ جي تجربيگاهَ ۾ لڳايو.

ايڊيسن جي آفيس ۾ هڪ نئون ننڍي وهيءَ جو ملازم فرانسس جيهل هوا جو پمپ هلائڻ لاءِ خاص طور مقرر ڪيو ويو، ايڊيسن سوين پيرا شيشي جي بلبن ۾ تارون وجهي انهن کي هوا ڪڍڻ واري پمپ ۾ لڳايو ۽ فرينڪ- جيهل کي پمپ هلائڻ لاءِ چيو. بلب مان سڄي هوا ڪڍي ايڊيسن تار ۾ بجليءَ جي وَهَڪَ ٿي پهچائي ته اُن مان ٿڌي ۽ تيز روشني ٿي پيدا ٿي، پر اڌ ڪلاڪ به نه گذريو ته روشني ختم ٿيڻ سان تارَ سڙيو ٿي وئي. هِي بلب جيتوڻيڪ اهڙي بلب جي پيٽ ۾ وڌيڪ وقت تائين روشن ٿي رهيو، جنهن ۾ هوا به موجود هئي، پر اهو به گهڻيءَ دير تائين روشني نه پئي ڏئي سگهيو. ايڊيسن سمجهي ويو هو ته هو درست واٽ تي هو. 12 اپريل 1879ع تي هِن پنهنجو پهريون بلب رجسٽر ڪرائڻ جي درخواست ڏني. اهو بلب به اجا نامڪمل هو، پر ان جي خاصيت اِها هئي ته هي پهريون بلب هو، جنهن جي اندران هوا ڪڍي وئي هئي.

19 آڪٽوبر 1879ع تي آچر جي رات جو ايڊيسن ۽ بيچلر روز جيان تجربيگاهه ۾ ڪم ڪري رهيا هئا ته ڏاڪڻ ۾ ڳؤرن قدمن جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو.

رات جي چوڪيدار الفريد سوينسن ڪمري اندر اچي بيچلر جي آڏو ڏئي جي ڪارَنهِن سان پَريل هڪ شيشي رکي.

”اوهان لاءِ ٿورڙي ڏيئي جي ڪارَنهِن آندي اٿم سائين!“ هُن چيو.

”مهرباني مون اُن لاءِ اِنتظارُ پَئي ڪيو.“ بيچلر وراڻيو.

ايڊيسن اُتي بيچلر وٽ ويو. هُن جي هَٿَ ۾ اچي رنگَ جي ڏاڳي جا ننڍا ننڍا ٽُڪرا هئا. اُهي ٽُڪر هُن قينچيءَ سان پاڻ ڪاٽيا هئا. بيچلر وٽ پهچي اهڙا ٽُڪرا هن اڳيان رکندي هن چيو: ”هاڻي اسان کي اها تارَ پچائڻ لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي. اڄ مان هڪ نئون تجربو ڪندس.“

بيچلر ڏيئي جي ڪارَنهِن جيڪا سوينسن ٿوري دير اڳ آندي هئي، ڪانيءَ جي هڪ تختي تي ڦهلائي ڇڏي. ڏاڳي جو هڪ ٽُڪرو ڪٽي اُنهيءَ ڪارنهن کي اڳتي پُٺتي گهمائڻ لڳو. ڏاڳي ۾ سڀيي ڪارنهَن جذب ٿي وئي ۽ اهو لَسو ۽ ڪارو ٿي پيو.

ڪيترن ئي ڏاڳن تي ڪارَنهن هڻڻ ڪانپوءِ بيچلر اهي سڀئي ٽڪرا ايڊيسن کي ڏئي ڇڏيا ۽ هُن هڪ ننڍڙي ٻيڙي ڪنئي، جنهن تي باهه اثر نه ڪندي هئي، اُن ۾ سنهو ڪاغذ وڇائي ڇڏيو، پوءِ هڪ ڪارو ڏاڳو ڪٽي ڏاڍو آهستيءَ نعل جي شڪل جو هڪ ڇَلو ناهي ڪاغذ مٿان رکيو، ويجهو ئي هُن ڏاڳي جا ٻيا ٽُڪرا به رکي ڇڏيا. انهن مٿان سَنهي ڪاغذ جو هڪ ٻيو تَههُ وڇائي، ننڍي ٻيڙي هڪ وڏي ٻيڙيءَ تي رکي ڇڏي.

”هاڻي اسان ان کي ڀٺيءَ ۾ رکي ڇڏينداسين.“ ايڊيسن چيو.

ايڊيسن ڏاڍي سليقي سان اُها ٻيڙي ڀٺيءَ ۾ رکي ڪيترن ڪلاڪن تائين پَچائي. جڏهن هُن کي اندازو ٿي ويو ته ڏاڳي جا ٽُڪرا ڪوئلن ۾ تبديل ٿي ويا آهن ته هُن ٻيڙيءَ کي ڀَٺيءَ مان ٻاهر ڪڍيو.

”جيستائين هيءَ تارَ ٿڌي ٿئي، تيستائين مان نِنڊَ جو جهُوٽو هڻڻ ٿو چاهيان.“ ايڊيسن چيو: ”بيچلر تون به ٿوري دير لاءِ ڇو نٿو سمهي پوين!“

ايڊيسن ميز تان ٻه ٽُلها ڪتابَ کنيا ۽ تجربيگاهه ۾ هڪ خالي جاءِ ڳولي هو ڪاٺَ جي سخت فرش تي سمهي پيو ۽ ڪتابن کي وهاڻي طور ڪَتبُ آندائون. بيچلر هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ سُتت ئي سُمهي پيو.

ايڊيسن ڇهين وڳي صبح جو سمهي اُٿيو. ٿوري دير سُمهڻ ڪانپوءِ هو تازو توانو ٿي ويو. ٻيڙي ٺڏي ٿي وئي هئي. هُن اها ڏاڍي احتياط سان کولي. سوٽي ڌاڳا پچڻ ڪانپوءِ ڪوئلو ٿي ويا هئا. هُن هڪ ننڍي تارَ ڏاڍي آرام سان ڪنئي ته جيئن ٽُٽي نه پوي، ايستائين بيچلر به جاڳي پيو، جنهن تارَ جي ڇيڙن تي سَنهيون نَلڪيون لڳايون ۽ ان کي شيشي جي بلب ۾ وجهي هوا ڇڪڻ واري پَمپ ۾ لڳائي ڇڏيو.

”في الحال ايترو ڪم ڪافي آهي“ ايڊيسن چيو. ”فرينڪ منهنجو ناشتو آڻيندو ئي هوندو. بيچلر! تون به وڃي نيرن ڪري اَچُ.“

ايڊيسن ايترو ئي مَس چيو ته فرينڪ جيهل مسز ايڊيسن وٽان گرم گرم نيرن کڻي اچي پهتو. هِن ٻيڙي ايڊيسن اڳيان آڻي رکي ۽ هر ڏينهن وانگر صفائي ڪرڻ لڳي ويو، جيستائين هُو ڪم پورو ڪري، ايڊيسن به نيرن ختم ڪري ورتي.

جيهل ايڊيسن وٽ پهتو ته هُن کيس چيو: ”ٻيڙي تڪڙي واپس کڻي وڃڻ جي ضرورت ڪانهي. مون کي هتي تنهنجي گهُرج آهي.“

”جو سائين، ڪهڙو ڪم آهي؟“ فرينڪ پڇيو.

”ٿورو پمپ کي ته هلاءِ، يا ته مان وڏي ڪاميابيءَ جي ويجهو پهچي ويو آهيان يا مون کي ناڪامي نصيب ۾ آهي، جنهن ڪانپوءِ اسان سيئي وڏيڪ ڏيانَ سان ڪَمُ ڪنداسين.“

فرينڪ پمپ ويجهو ميز تي چڙهي بيٺو. بيچلر بلبُ مشين ۾ لڳايو ۽ فرينڪ والو جيئن ئي کوليو، مشين ان مان هوا ڪڍڻ لڳي.

”هاڻي والوُ بند ڪر“ ايڊيسن ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ هن کي هدايت ڪئي. ڇوڪري هڪ ٿونٽي ڦيرائي والوُ بند ڪري ڇڏيو.

ايديسن هڪ سُئچ کي ڇڪيو ۽ بجليءَ جي هڪ ننڍڙي لهر بلبَ ۾ داخل ٿيڻ لڳي. تارَ جو رنگُ ڳاڙهسرو ٿي ويو. ايديسن ۽ فرينڪ ٻئي چپ چاپ ڏنڌلي ۽ هلڪي روشنيءَ کي تَڪيندا رهيا.

ايديسن سمجهائيندي چيو، ”ڳالهه اِها آهي ته هِن کان پهريائين هوا ڪڍڻ ڪانپوءِ به ڪو بلب ڪجهه منٽن کان وڌيڪ نه ٻري سگهيو هو، ڇو ته اسان جي سوچ جي اُبتڙ ان جي هوا مڪمل طور تي نڪري نه سگهي. انهيءَ بلب ۾ به جڏهن پورو ڪرنٽ پهچي ويو ته ڪوئلي جي سوراخن ۾ جيڪا هوا بند هئي، اها گرميءَ جي ڪري ٻاهر نڪري آئي ۽ بلب ۾ نئين هوا پرجي وئي، جنهنڪري بلب هوا کان خالي نه رهيو. ان کان اڳ ۾ سيئي تارون اِنڪري سڙي وينديون هيون. هڪ ڀيري مان ان کي ٻيهر گرمي پهچائي، ان جي سموري هوا ٻاهر ڪڍي ڇڏيندس. هڪ منٽ ڪانپوءِ مان ڪرنٽ بند ڪري بلب اندر جيڪا هوا پيدا ٿي وئي آهي، سا پمپ وسيلي ٻاهر ڪڍندس. ٻيهر هوا ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ بلب بلڪل خالي ٿي ويندو ۽ اهڙو بلب جيڪو مان ٺاهڻ چاهيان ٿو ٺهجي پوندو.“

ڪجهه سيڪنڊن ڪانپوءِ ايديسن ڪرنٽ بند ڪري ڇڏيو. تار ٿڌي ۽ ڪاري ٿي وئي. ايديسن فرينڪ کي چيو: ”پمپ ٻيهر هلاءِ هاڻي ڏِسڻو اِهو آهي ته منهنجي نئين تجربي جو نتيجو ڇا ٿو نڪري؟“

فرينڪ ٿوري وري ڦيرائي ۽ پمپ بلب مان ٻيهر هوا ڪڍڻ لڳو. ايتري ۾ شيشا ناهيندڙ گرلڊوگ ٻوئهم به ٻي ماڙ تي اچي پهتو.

هن پنهنجي ڳوڙي غير مُلڪي لَهجي ۾ چيو ”مالڪ! مون کي اڄ موڪل گهُرجي. سڀڻي ڏينهن لاءِ نيويارڪ سِٽي وڃڻو آهي. اڄ ئي شام جو ڇهين وڳي واپس ورندس.“

ايديسن وراڻيس ”ضرور وڃ، ٻوئهم! پر وڃڻ کان اڳ ۾ منهنجي لاءِ ڪجهه ٻيا بلب به ناهي ڇڏ ته سگهي ٿو ته مون کي شام کان اڳ اُنهن جي ضرورت پوي.“ ٻوئهم هليو ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ ايديسن فرينڪ کي چيو: ”هوا ڪڍڻ وارو پمپ بند ڪري ڇڏ.“

هاڻي ڏِسڻو اِهو آهي تہ اهڙيءَ ريت بلب جي سموري هوا ڪڍي ڇڏڻ ڪانپوءِ اهو ڪيتري دير تائين ٻَري ٿو. هِن سئچ ٺورو ڦيرايو. بلب جي ڪاري تارَ آهستي آهستي روشن ٿيڻ لڳي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ ايڊيسن جي سڄي سئچ ڦيرائڻ سان بلب ۾ سمورو ڪرنٽ پهچي پيو، تارَ اڇي ۽ گرم ٿي وئي. ان مان شفاف روشني نڪرڻ لڳي، جيڪا تجربيگاهہ ۾ درين مان اندر ايندڙ اُس هوندي بہ ڏاڍي تيز هئي.

ٿوري دير ڪانپوءِ بوئهم نوان بلبَ تيار ڪري ڪڻي آيو ۽ ميز تي رکيائين. بيهر ڇهين وڳي واپس وَرَڻ وارو وعدو ورجائيندو، ٽڪڙيون وڪون ڪڻندو ٻاهر هليو ويو.

ايڊيسن ۽ فرينڪ چمڪندڙ روشنيءَ کي ڏسندا رهيا. اُن کي ٻَرندي، پندرهن منٽ، تنهن ڪانپوءِ هڪ ڪلاڪُ گذري ويو. ٻارهين وڳي تائين بلب ڇئن ڪلاڪن جي لڳ ڀڳ ٻَري ويو هو. تجربيگاهہ ۾ ڪوبہ بلب ايتري گهڻي دير تائين ڪونہ ٻَريو هو.

فرينڪ جي سيني اندر دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي. ڇا منهنجي مالڪ اهو بي عيب بلب ٺاهي ورتو هو، جيڪو هن جوڙڻ ٿي چاهيو.

ڏينهن اڇي پورو ٿيو هو پر روشنيءَ جا ٽڌا ڪرڻا ساڳيءَ طرح نڪري رهيا هئا. ايڊيسن تجربيگاهہ مان ٻاهر وڃڻ ڪان نابري واري ڇڏي. فرينڪ منجهند جي ماني ٿوري دير ڪانپوءِ ڪڻي آيو.



”پُٽ! تو گھڻي دير تائين ڪم ڪيو آهي، هاڻي گھر وڃي آرام ڪر.“

”مون کي هِتي ويھڻ ڏِيو سائين! مان بہ اوهان سان گڏ اِنھيءَ کي ڏسڻ چاهيان ٿو“ ڇوڪري ڪيس ايلاز ڪندي چيو.

ايڊيسن پنھنجي ننڍڙي مددگار ڪي ڏسي کِلڻ لڳو: ”جيڪڏهن تون هتي ترسڻ چاهين ٿو تہ هِتي ئي هُج ۽ مون سان گڏ ان کي ڏسندو رهہ.“

شام جو ڇهين وڳي لبوگ بوئهم نيويارڪ سٽيءَ مان واپس موٽي آيو، ايڊيسن کيس چيو: ”هو بلب پمپ جي ٽيوب مان ڪڍڻ ڪانسواءِ ان جو سوراخ بند ڪري ڇڏ.“

بوئهم ڏاڍي ڦڙتيءَ سان سوراخُ بند ڪري ڇڏيو. هاڻي هي هڪ اهڙو بلب بڻجي پيو، جنهن مان هوا ڪڍڻ ڪانپوءِ ان ۾ ٻيهر داخل ٿيڻ جو ڪو رستو نہ هو ۽ ان جي تارن ۾ رڳو ڪرنٽ وڃي رهيو هو.

گهڙيالَ جڏهن شامَ جا اَٺَ وڄايا تہ اُنهن ڪجهہ ماڻهن ۾ جيڪي بلب کي ٻَرندو ڏِسي رهيا هئا خوشي ڦهلجي وئي. بلب لاڳيتو ٻارهن ڪلاڪ تائين ٻَري ويو هو. ماڻهن ايڊيسن کي ڏاڍي پاڀوهَ مان چيو تہ هو گهر وڃي سُمهي پوي ۽ سندس نوڪر بلب کي ڏسندا رهندا، پر ايڊيسن اُتان هَٽَڻَ ڪان بلڪل انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو تہ هو ائين ئي ساري رات ان جي نگراني ڪندو رهندو. فرينڪ جيهل ڏاڍي نماڻائيءَ مان چيو تہ کيس بہ اِن ڪم ۾ شامل رهڻ ڏنو وڃي. ايڊيسن اِهو سوچي کيس پاڻ سان گڏ بلب ڏسڻ جي موڪل ڏئي ڇڏي تہ هن سون بلبن جي هوا پمپ وسيلي ٻاهر ڪڍي آهي ۽ کيس هڪ اهڙي تجربي ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو ملڻ گهرجي. جيڪو ٽي سگهي ٿو تہ دنيا ۾ پهرئين بجليءَ واري بلب جڙڻ جي ڪاميابي ۽ ابتدا ثابت ٿئي.

مسز ايڊيسن اڌ رات جو پنهنجي مڙس ڏانهن هڪ ٻيڙيءَ ۾ ڪاڙو موڪليو. انهيءَ بلب جي روشنيءَ ۾ جيڪو هاڻي پوري آب تاب سان ٻَري رهيو هو، ايڊيسن ۽ فرينڪ گڏجي ماني ڪاڌي. انهيءَ اونداهي ۽ ڊگهي رات ۾ ڪريوسي، بوئهم ۽ لاسن بہ ٿوري ٿوري وٿيءَ سان چَڪر هڻندا رهيا. بلب ساڳيءَ ريت ٻَرندو رهيو.

سومر ڏينهن 20 آڪٽوبر تي گهڙيالَ جڏهن صبح جا اَٺَ وڄايا تہ اهو عجيب غريب بلب چويهن ڪلاڪن تائين ٻَري چڪو هو. ايڊيسن ۽ فرينڪ حد ڪان وڌيڪ ٿڪجي پيا هئا، سندن اکيون ٻوٽبيون پئي ويون، اِنڪري هو ٻئي ٿوري جهَٽ سمهڻ لاءِ پنهنجن پنهنجن گهَرن ڏانهن هليا ويا. ٻيچلر ۽ ٻيا ماڻهو ٻَرندڙ بلب جي

نگرانيءَ لاءِ ويهي رهيا. هنن وعدو ڪيو تہ اُن جي وسامڻ جي هڪ هڪ سيڪنڊ جو درست وقت نوٽ ڪندا.

رات جو ايڊيسن ۽ فرينڪ تجربيگاهہ ۾ واپس آيا. بلب اجا تائين ٻري رهيو هو. بيچلر ۽ سندس ساٿين پنهنجن گهرن ڏانهن واپس وڃڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو. مسز سيلي جورڊن پنهنجي مسواڙين لاءِ ماني پچائي اُتي ئي موڪلي ڇڏي. بلب جي چوڪسي ڪرڻ وارن جاڳڻ لاءِ ڪِلَ يوڳ ۽ ڳائڻ شروع ڪري ڇڏيو. ڇَرچن، گهَٻن ۽ موسيقيءَ ۾ مصروف هوندي بہ انهن جون نظرون شيشي جي ٻرندڙ بلب تي ئي کُتل هيون. بلب جي چمڪندڙ تارَ طرف لاڳيتو ڏسڻ ڪري ايڊيسن جي مٿي ۾ سورُ پئجي ويو. هن پنهنجي لوندڙي جي ڏنوڻ کي لنوائڻ لاءِ تجربيگاهَہ ۾ رکيل ٻينَ وڄائڻ شروع ڪري ڇڏي.

اڱاري ڏينهن 21 آڪٽوبر 1879ع تي سج اُڀرڻ وقت دنيا جو پهريون ڪامياب بلب اهڙيءَ طرح ئي روشن هو. سيئي ڪارڪن پنهنجو ڪم اڌ ۾ ڇڏي تجربيگاهہ ۾ گڏ ٿي ويا هئا. منجهند جو هڪ ۽ ٻين وڳي وچ ۾ ايڊيسن کي پَڪ ٿي وئي هئي تہ هو اهڙو بلب ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي، جيڪو اڻ ڄاڻايل عرصي تائين ٻَري سگهي ٿو. جادوءَ واري انهيءَ بلب بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ هِن اهو تباهہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سيئي ماڻهو پنهنجو پاڻ اُتي بينا. برقي روشنيءَ جي خالق پنهنجو هٿ سئچ تي رکيو ۽ هڪ هڪ پيچ ڪري، ان کي ڦيرائڻ شروع ڪيو. بلب ۾ آهستي آهستي وڌيڪ ڪرنٽ پهچائيندو رهيو. تار وڌ ۾ وڌ روشن ٿي وئي. اوچتو هڪ شعلو ڀڙڪيو... ۽ بلب بند ٿي ويو. ايڊيسن خراب بلب ڪڍي اُن کي ترت ئي خوردبينيءَ وسيلي معائني لاءِ موڪلي ڇڏيو.

بجليءَ جي روشني انهيءَ ڏينهن اڱاري 21 آڪٽوبر 1879ع تي وجود ۾ آئي هئي، جڏهن ايڊيسن بلب مان هوا ڪڍي ان کي گهڻيءَ دير تائين روشن رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو، ڪيس پنهنجي ڪارنامي تي وڏو فخر هو ۽ هن 'نيويارڪ هيرالڊ' جي ايڊيٽر کي لکيو تہ هُو پنهنجو هڪ عيوضي منلوپارڪ موڪلي. هن


جو رپورٽر مارشل فاڪس هڪ مصور کي وٺي تڪڙو ايڊيسن جي تجربيگاهہ ۾ پهچي ويو. عيوضي ۽ آرٽسٽ تجربيگاهہ جي ملازمن جي رهنمائيءَ ۾ ٻن هفتن تائين ڪم ڪندا رهيا. آخر 21 ڊسمبر 1879ع تي 'نيويارڪ هيرالڊ' بجليءَ جي روشنيءَ جي ايجاد جي خبر ڇپي.

رپورٽر جِن ڏينهَن ۾ پنهنجي اخبار لاءِ مضمون لکڻ ۾ مصروف هو، ايڊيسن ۽ سندس مددگارَ سوين نوان بلب جوڙڻ ۾ رُڌل هئا. اُهي هڪ تارَ ۾ لڳائي، تجربيگاهہ، ايڊيسن جي گهر ۽ مسز جورڊن جي مسافر خاني ڪانسواءِ منلو پارڪ جي رستن تي بہ لڙڪايا ويا. 31 ڊسمبر 1879ع جي تيز هوا ۽ برفبازي هوندي نيويارڪ سِٽي مان هڪ خاص ريل منلو پارڪ رواني ٿي. اها ريل ماڻهن سان سَٽيل هئي، جن پنهنجي اکين سان بلب ڏسي چاڻڻ تي چاهيو تہ روشني ڪهڙي طرح پيدا ٿي آهي. جنهن وقت 1879ع جو سالُ پُڄاڻيءَ تي پهتو ۽ 1880ع جو نئون سالُ شروع ٿيو تہ منلو پارڪ ايڊيسن جي نڪور بجليءَ واري روشنيءَ سان جرڪي رهيو هو. ايڊيسن آخرڪار پنهنجو اهو وعدو پاڙي ڏيکاريو تہ هو دنيا کي هڪ نئين قسم جي روشنيءَ سان جرڪائيندو.

دنيا کي برقي روشني ڏيڻ جي سلسلي ۾ بلب جي ايجاد رڳو هڪ ابتدائي وک هئي. ايڊيسن نئين بلب لاءِ ساڪيٽ ۽ تارن جو نئون نظام بہ ايجاد ڪيو. هن بجليءَ جي تارَ مٿان رَٻڙ چاڙهي اُن کي محفوظ رکڻ جو طريقو بہ ڳولي ڪڍيو تہ جيئن اها ڌرتيءَ تي بہ وڇائي سگهجي. هِن سئچ، جنڪشن باڪس ۽ فيوز ايجاد ڪيو ۽ ڪرنٽ جي استعمالَ جو مقدار معلوم ڪرڻ لاءِ ميٽر بہ جوڙيا. بجليءَ جي نئين روشنيءَ سان گڏ هِن بجليءَ جي سامان جي هڪ نئين ۽ وڏي ڪارخاني کي بہ جنم ڏنو.

ايڊيسن نيويارڪ سٽيءَ ۾ هڪ خاص قسم جو بجليءَ گهر بہ تيار ڪيو ۽ 4 سيپٽمبر 1882ع تي ان جي ٻاڦ تي هلڻ واري مشين کي بہ حرڪت ۾ آندو. جادوءَ جهڙو ڪرنٽ زمين اندر تارن مان گذرندو آفيسن، ڪارخانن ۽ گهرن جي لکين بلبن ۾ پهچي ويو ۽ انهن سيني مان صاف ۽ تيز روشني چمڪڻ لڳي.

ٿامس اي ايڊيسن انسانذات کي هڪ نئين قسم جي روشني عطا ڪئي ۽ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ عظيمُ شهر بجليءَ جي روشنيءَ سان جَرڪي، اُن اُتم ايجادون ڪندڙ انسانَ لاءِ اٿاهه عزت ۽ احترام سان ٿورا مڃي رهيو هو.



# ايڊيسن ۽ چُرپُر ڪندڙ تصويرون

(1)

بجليءَ جي روشني ايجاد ڪرڻ ڪانپوءِ ايڊيسن ڏهن سالن تائين حد کان وڌيڪ مصروف رهيو. هُن پنهنجي زندگيءَ جو ڪو بہ دؤر ان کان وڌيڪ مصروفيت ۾ نہ گذاريو هو. ائين معلوم ٿي رهيو هو تہ ايجادن جي ٻوڏ اچي وئي هئي. آمريڪا جي گهرن ۽ ڪارخانن کي بجليءَ وسيلي روشن ڪرڻ ڪانپوءِ ايڊيسن بجليءَ تي ريل گاڏيون هلائڻ پاسي ڌيان ڌريو. سنہ 1881ع ۽ 1882ع ۾ 'منلو پارڪ جي جادوگر' بجليءَ تي هلندڙ دنيا جي پهرين مسافر ۽ مال گاڏي ايجاد ڪئي ۽ ان جو نمونو پيدا ڪري ڏيکاريو.

سال 1883ع ۾ ايڊيسن محسوس ڪيو تہ ڪجھ ڏينهن ٻرڻ ڪانپوءِ سندس بلب ۾ ڪڏهن هڪ ڪاري مادي جو هڪ تَهہُ چڙهي وڃي ٿو. ان کي هن 'ايڊيسن اِفيڪٽ' (Edison Effect) جو نالو ڏنو ۽ اهو حڪومت وٽ رجسٽر بہ ڪرايو. اُن جي فائديمند هئڻ لاءِ اهو اندازو ڪرڻ لاءِ ڄاڻڻ ئي ڪافي آهي تہ اڄڪلھ ريڊيو جي عاليشان صنعت ۽ جديد ٽيلي ويزن سيٽ جي هر بلب ۽ ٽيوب ۾ ايڊيسن اِفيڪٽ جو استعمال ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

سنہ 1881ع ۽ 1887ع جي وچ واري عرصي ۾ ايڊيسن برقي تار موڪلڻ ۽ وصول ڪرڻ لاءِ ڪيترائي نوان طريقا ايجاد ڪري، انهن جي وڪري لاءِ سندَ حاصل ڪئي. پهريائين هُن هڪ چرپر ڪندڙ ريل گاڏي ۽ هڪ هنڌ بيٺل ريلوي

اِسٽيشن وچ ۾ تار موڪلڻ جو طريقو ڳولي لڌو، پوءِ هن ٻن هلندڙ ريل گاڏين وچ ۾ وائرليس پيغام موڪلڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. هن سامونڊي جهاز جي ڪناري تي ۽ کُليل سمنڊ جي ٻن جهازن جي وچ ۾ تارَ ڪانسواءِ پيغام موڪلڻ جا ٻہ طريقا ڳولي ڪڍيا، امريڪي سندَ نمبر: 465971 ڪجهہ اهڙن حيرت ۾ وجهندڙ ڪارنامن ڪري وزنائتي آهي، تنهن ڪانپوءِ ايڊيسن اها حاصل ڪيل سندَ مارڪوني وائرليس ڪمپنيءَ وارن کي وڪڻي ڇڏي.

بجليءَ جا بلبَ ۽ فونوگراف ناهڻ لاءِ وڏيڪ ڪارخانن جي ضرورت ايڊيسن کي هڪ نئين ۽ تمام وڏي تجربيگاهہ جي زمين جي ڳولا تي مجبور ڪري ڇڏيو. 9 آگسٽ 1883ع تي مسز ايڊيسن جي وفات ڪانپوءِ منلوپارڪ جي مشهور تجربيگاهہ ڇڏي ڪنهن ٻئي هنڌ ڪم ڪرڻ جي خواهش تمام گهڻو وڌي وئي. هُن ويسٽ اورينج (نيو جرسيءَ) ۾ پنهنجي نئين ڪارخاني لاءِ جاءِ چونڊي ۽ اُتي عمارت جي اڏاوت تڪڙي شروع ڪري ڇڏي.

ايڊيسن هاڻي فلوريڊا ۾ ٻہ هڪ تجربيگاهہ جي ضرورت محسوس ڪرڻ لڳو هو تہ جيئن هو اترين علائقن جي ڏکيئن ۽ زوردار سردين کان محفوظ ٿجي تجربا ڪري سگهي. هُن هڪ گشتي تجربيگاهَ جا نقشا تيار ڪري مِين موڪليا. ڪاريگرن اها عمارت مختلف حصن ۾ تيار ڪري ان کي سامونڊي جهاز ذريعي فورٽ مائرز (فلوريڊا) موڪليو. سمنڊ جي ڪناري هڪ هنڌ انهن ٽُڪرن کي مِلائي تجربيگاهہ ٺاهيو ويو، جنهن جي ويجهو ئي ايڊيسن پنهنجي رَهڻ لاءِ هڪ عمارت بہ جوڙائي، 1887ع ڪانپوءِ هر سال هو سرديءَ جي موسم اُتي گذاريندو هو.

باسٽن ۾ ايڊيسن جي ملاقات مِس مِينا مِلر سان ٿي ۽ هو ٻئي سُتت ئي گهرا دوست ٿجي پيا. هُن مِس ملر کي تارَ اُماڻڻ جو طريقو ۽ اُن سان لاڳاپيل خاص اِشارا سيکاريا. هو ٻئي گڏجي اُها مشق ڪندا رهندا هئا. هڪ رات ايڊيسن مِس مِلر ويجهو صوفي تي ويهي رهيو ۽ ڪيس چيائين: ”تورو مون کي پنهنجو هٿ تہ ڏي.“ مِس ملر سمجهيو تہ شايد هو پنهنجي عادت موجب ساڻس ڪوئي

عملي چرچو ڪندو. جڏهن هِن پنهنجو هٿ هُن جي هَٿ ۾ ڏنو تہ ايڊيسن اشهد آڱر آهستي آهستي سندس هٿ- تريءَ تي هٽڻ شروع ڪئي. اوچتو مِس مِلر محسوس ڪيو تہ هو پنهنجي آڱر سان تارَ جو پيغام ڏئي رهيو آهي، جنهن جي لڪيرن ۽ نقطن جو مطلب اِهو هو: ”ڇا تون مون سان شادي ڪندينءَ“ مِس ميريءَ جو مُنهن شرم سبب ڳاڙهو ٿي ويو، پر پنهنجي آڱر سان هُن انهيءَ تارَ جو جواب موڪليو ”هائو.“ سال 1886ع ۾ مس ملر سان ايڊيسن شادي ڪئي. اِها سندس ٻي گهر واري هئي.

اورينج وارو تجربيگاهَہ سِرن جي پنجن وڏين عمارتن تي ڦهليل هو، ٽن ماڙين واري مرڪزي عمارت اڍائي سؤ فٽ اوچي هئي، جنهن ۾ هڪ تمام وڏي لائبرري، هڪ آفيس، ڪيئي گودامَ، مشينون جوڙڻ جا ڪارخانا ۽ ڪيئي تجربيگاهہ هئا، لائبرري پنجاهہ فٽ ڊگهي ۽ چاليهَہ فٽ ويڪري هئي. وڏن وڏن ڪٻٽن ۾ سائنس جا هزارين ڪتابَ رکيل هئا. شيشي جي بند ڪٻٽن ۾ دنيا جي هر ملڪ جا ڌاتو، پٿر ۽ معدنيات جا نمونا رکيا ويا هئا. هڪ ڪنڊ ۾ هيٺ پتين جو هڪ ننڍڙو ڪمرو ٺٽيل هو، جنهن جي هڪ پاسي ڪتابن جي قطارن پويان هڪ پلنگ پيل هو، جنهن تي ايڊيسن ڪجهہ وقت وٺي ڪڏي، سمهي وٺندو هو.

ڪُتب خاني ۽ تجربيگاهہ واري عمارت جي چوڌاري سِرن جون چار ٻيون عمارتون بہ هيون، جيڪي عمارت نمبر: هڪ، نمبر: ٻہ، نمبر: ٽي ۽ نمبر: چار جي نالن سان مشهور هيون. انهن تجربيگاهن جي چوڌاري هڪ هڪ اوچو لوهي- جهنگلو لڳايو ويو هو، جنهن جي مُک- داخلا واري گيٽ تي هڪ چوڪيدار ڏينهن رات پَهرو ڏيندو رهندو هو ۽ رڳو اهڙا ماڻهو اندر وڃڻ ڇڏيندو هو، جن وٽ باقاعدي اجازت واري پاسِ موجود هوندي هئي. لوهي جهنگلي ٻاهران ڪنڪريٽ جون وڏيون عمارتون هيون، جن ۾ هزارين مزورَ بيٽريون، بجليءَ جو سامان، فونو گراف ۽ ايڊيسن جون ايجاد ڪيل ٻيون ڪارائتيون شيون تيار ڪندا رهندا هئا.

ايڊيسن جو نئون گھر اورينج جي تجربيگاھ ويجھو لينو لنس پارڪ ۾ هو. ايڊيسن جو پڙ ڏاڏو ڪُراڙو ٿوري جان هڪ زماني ۾ ان هَنڌ ويجھو رهندو هو. سِرن، پَٿرن ۽ ڪاٺ جو جُڙيل هي خوبصورت گھر ايڊيسن خريد ڪري ورتو، جنهن جي چوڌاري تيرهن ايڪڙن جو باغ هو. گھر جي ڇت ۾ ڪيترين ئي ٽِڪنڊيون ۽ ٻنهي پاسي لھواريون دريون هيون ۽ هنڌ هنڌ ٻاهر نڪتل ڇَپرا هئا، جن تي گُلڪاري ٿيل هئي. خاص هنڌن تي درين ۾ وڏا وڏا رنگين شيشا لڳل هئا. انهيءَ گھر ۾ مسٽر ايڊيسن جي ٻي گھر واريءَ ٽن ٻارڙن چارلس، ميڊلين ۽ ٿيوڊر کي جنم ڏنو.

ايڊيسن منلوپارڪ جي تجربيگاھ مان سمورو سامان ڪيرائي اورينج جي تجربيگاهن ۾ لڳرايو. هِن جي اُتان لڏڻ ڪانپوءِ منلو پارڪ وارو گھر ڪنوڻ ڪِرڻ سبب تباھ ٿي ويو. هاڻي اُتي رڳو ويران ۽ خالي عمارت بچي هئي، جنهن کي پسگردائيءَ ۾ رهندڙ ماڻهو ناچ گھر طور استعمال ڪندا رهيا، ڪجھ وقت ڪانپوءِ اُتان ناچ گھر جو سلسلو بہ بند ٿي ويو ۽ هڪ ڪڙميءَ ان مشهور تجربيگاھ کي پنهنجي ڳئن، ڍڳين جو واڙو بڻائي ڇڏيو. مرمت ۽ سارسنڀال کان لاپرواهيءَ سبب اُها عمارت جتي روشنيءَ پيدا ٿي هئي، آخرڪار ڊهي پئي، جنهن بہ هاريءَ کي جهنگلي يا تنبيلي جي مرمت ڪرڻ ۽ ٻارڻ لاءِ ڪاٺ جي گھرج پوندي هئي تہ ان جا شهتير ڪٽي ويندا هئا، آهستي آهستي انهيءَ تاريخي عمارت ۾ ڪجھ بہ نہ بچيو ۽ اُتي پڳَلَ پُريل سامان جا انبارَ ۽ بي رنگ سرن جي ڍيرن کان سواءِ ڪجھ بہ نظر نہ آيو.

اورينج جي ڪارخاني ۾ ڪم شروع ڪرڻ جي ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ ايڊيسن ڪم واري ميز تي وينو هو، هُن سوين ننڍڙين ڪاپين ۾ اهڙين ايجادن بابت نوٽس لکي رکيا هئا، جيڪي ان وقت تائين رڳو سندس سوچن ۾ هئا. هُن ڪبٽ مان هڪ اهڙي ڪاپي ڪڍي ۽ اها ڪجھ دير پڙهڻ ڪانپوءِ لائبررين کي هدايت ڪئي تہ هو ڪئميرا ۽ فوٽوگرافيءَ بابت سڀ ڪتاب هُن وٽ ڪٽي اچي.

انهن ڪتابن جي مطالعي ڪانپوءِ هن هڪ ڇوڪرو موڪلي ڪي. ايل ڊڪسن کي پاڻ وٽ گهرايو.

ڊڪسن عمارت نمبر: هڪ جي چقمقي بجلي جُڙڻ واري ڪمري ۾ ڪم ڪري رهيو هو. ڇوڪرَ هن کي وجي چيو: ”وڏي صاحب اوهان کي تڪڙو سَڏايو آهي.“ اورينج جا سمورا ڪارڪن پنهنجي مالڪ کي پيار مان ’وڏو صاحب‘ ڪري سڏيندا هئا. ڊڪسن پنهنجا اوزار ڪٽي رکيا ۽ ترت ايڊيسن طرف روانو ٿيو.

ايڊيسن هُن کي ڏِسندي ئي چيو: ”ڊڪسن منهنجي خيال ۾ وقت اچي ويو آهي، جو مان هڪ ڪئميرا به ايجاد ڪريان. مان اهڙيون تصويرون ڇِڪڻ چاهيان ٿو، جيڪي چرپر به ڪري سگهن.“

ڊڪسن حيرانيءَ مان سِيٽي وڄائيندي چيو: ”چُرپُر ڪندڙ تصويرون! سائين، اهڙيون تصويرون ته اڃ تائين ڪوبه ٺاهي نه سگهيو آهي.“

”انڪري ته اِهو ضروري ٿي پيو آهي ته اسان حرڪت ڪندڙ تصويرون ٺاهيون. اسان لاڳيتو ڪجهه عرصي تائين تجربا ڪندا رهون ته ضرور ڪامياب ٿينداسين. اسان کي به سدائين تجربا ڪرڻ کپن. اسان نه ڪنداسين ته ٻيا ماڻهو ڪندا ۽ اُهي اسان کان اڳ ۾ منزل ماڻي وٺندا.“

ايڊيسن پنهنجي آڏو رکيل ڪتاب کي آڱرين سان ٺوڪيندي چيو: ”انهيءَ موضوع تي ٿورو مطالعو مون به ڪيو آهي.“ ڊڪسن اِهو ٻُڌي مُرڪيو، ڪيس معلوم هو ته ايڊيسن جڏهن اِهو چوي ته هن ٿورو مطالعو ڪيو آهي، اِن جي معنيٰ اِها آهي ته هُن انهيءَ موضوع تي سيئي ڪتابَ پڙهي پورا ڪيا آهن. ايڊيسن ڊڪسن جي مُنهن تي مُرڪ ڏسي، سمجهي ويو ۽ هو به کِلڻ لڳو. ”ها مون ٿورو مطالعو ڪيو آهي ۽ مون کي يقين آهي ته چرپر ڪندڙ تصويرن وارو خيالُ عملَ ۾ اچڻ جوڳو آهي. ايڊورڊ مي برج گهوڙن جي ڊوڙ ۾ حصو وٺندڙ هڪ گهوڙي جي تصوير ڪڍي آهي. ان لاءِ هِن رستي ۾ چوويهه ڪئميرائون لڳايو ۽ گهوڙي جي رستي ۾ ڪاري رنگَ جا چوويهَ ڌاڳا ٻَڌي ڇڏيا. هر ڌاڳي جو هڪ مُنڍُ ڪئميرا جي لينس واري ڍڪڻيءَ سان ٻَڌل هو. گهوڙي جيئن ئي ڊُڪڻ شروع

کيو تہ هِن هڪ هڪ ڪري سيئي ڏاڳا ڇني ڇڏيا ۽ پنهنجي ڊوڙڻ جي تصويرَ پاڻ ئي ڪڍي ورتي. پيرس ۾ اي جي ميري هڪ تيز رفتار ڪئميرا ايجاد ڪئي آهي، جيڪا هڪ سيڪنڊَ ۾ ٻارهن تصويرون ڪڍي ٿي. هو پنهنجي مشين کي 'فوٽو گرافڪ بندوق' چوي ٿو. اهڙيون تصويرون ڪڍڻ لاءِ جيڪي ڏسڻ ۾ چرندڙ ڦِرندڙ معلوم ٿين، هڪ سيڪنڊ ۾ سورهن تصويرون ڪڍڻ جي ضرورت آهي. اجا تائين ڪنهن بہ اهڙي ڪئميرا ڪانہ جوڙي آهي، جنهن ۾ اهڙي رفتار سان تصويرن ڪڍڻ جي سگهہ هجي. مون کي ۽ توکي گڏجي ڪم ڪري هڪ اهڙي ڪئميرا ايجاد ڪرڻي آهي، جيڪا سيڪنڊ ۾ سورهن تصويرون ڇڪي سگهي."

"ان لاءِ رڳو ڪئميرا ايجاد ڪرڻ ڪافي ڪانهي سائين!" ڊڪسن جواب ڏيندي چيو: "تصويرون ڪڍڻ لاءِ اوهان کي هڪ خاص فوٽوگرافڪ پليٽ ۽ هڪ اهڙي مشين جي بہ ضرورت پوندي، جنهن سان ڏسندڙ تصورن کي هلندڙ ڦِرندڙ محسوس ڪري سَگهن."

ايڊيسن ساڻس سَهمت ٿيندي چيو: "ها، چُرندڙ تصويرن لاءِ رڳو هڪ مسئلي کي حل ڪرڻ ڪافي ناهي. ان سان هڪ ئي وقت ٽي مسئلا گڏيل آهن: ڪئميرا، پليٽ ۽ تصويرون ڏسڻ واري مشين. اسان پنهنجو ڪم ڪئميرا سان شروع ڪنداسين. چڱو، ٿورو هي بہ ڏسي وَٺ."

ايڊيسن چُرندڙ تصويرن لاءِ جنهن قسم جي ڪئميرا جوڙڻ ٿي چاهي، انهيءَ جو هُن پينسل سان هڪ خاڪو ڪڍيو، جنهن ۾ ڪئميرا جا خاص خاص حصا ڏيکاريا ويا هئا. ايڊيسن ڊڪسن کي چيو: "مشين تيار ڪرڻ لاءِ ڪارخاني ۾ ڪم شروع ڪرائي ڇڏ. پهريائين ڪئميرا نهڻ ڪانپوءِ اسان ٻيا وڌيڪ اهم تجربا ڪرڻ جي قابل ٿي ويندا سين."

ايڊيسن جي پهرين ڪئميرا پوريءَ طرح دلجاءِ جهڙي ثابت نہ ٿي. چرپر واريون تصويرون ڪيندڙ ڪئميرا تيار ڪرڻ لاءِ ڪيس هڪ اهڙي مشين ناهڻي هئي، جنهن جا ڪجهہ اهم حصا بہ حرڪت ڪندڙ هجن. فوٽوگراف پليٽ کي لينس پٺيان صحيح جاءِ تي پهچي بيهڻو هو، جنهن ڪانپوءِ لينس جي ڍَڪ کي

وري ڪولڻو هو تہ جيئن روشني پليٽ تي تصوير جو عڪس جوڙي ڇڏي. ان عمل بعد لينس واري ڍَڪَ کي بند ڪيڻو هو ۽ ان صورت ۾ استعمال ٿيل پليٽ کي هٽائڻو ۽ نئين پليٽ کي ان جي جاءِ وٺڻي هئي. هڪ سيڪنڊ ۾ سورهن تصويرون ڪڍڻ لاءِ ضروري هو تہ اهو سڀ ڪجهہ ڏاڍي تيزيءَ سان گڏ لاڳيتو جاري رهي.

اهڙي ڪئميرا تيار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ايڊيسن، ڊڪسن ۽ سندن مددگارن کي پنهنجون سموريون ذهني صلاحيتون ڪتب آڻينديءَ، صبر ۽ ڌيرج سان ڪم ڪَرڻو پيو. هڪ ٻئي پٺيان ڪيئي تجربا ڪيا ويا. ڪارڪنن کي ڪيترائي ڀيرا ناڪاميءَ جو مُنهن ڏِسڻو پيو ۽ ان هوندي بہ ڪوششون جاري ريون. شروعات ۾ ايڊيسن هڪ ڦِرندڙ ويلڻ تي ننڍيون ننڍيون فوٽوگرافيءَ واريون پليٽون لڳايون. ويلڻ ڦِرندو ويندو ۽ لينس آڏو نئين پليٽ ايندي رهندي. اهو بي ڏُڪو طريقو ڪارائتو ثابت ٿي نہ سگهيو. حرڪت ڪندڙ تصويرن واري ڪارآمد ڪئميرا لاءِ رڳو اهڙي فوٽوگرافڪ پليٽ بهتر بڻجي سگهي ٿي، جيڪا مَوڙي يا چرخيءَ تي ويڙهي سگهجي. ايڊيسن اهڙي پليٽ تيار ڪرڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو. هو لڳاتار ڪم ڪندو رهيو ۽ ساڳي تيزيءَ سان تجربا ناڪام ٿيندا رهيا. هِن کي يا ڊڪسن کي اهڙو رستو ڳولڻ ۾ ڪاميابي ملي نہ سگهي، جيڪا کين هڪ موزون فوٽوگرافڪ پليٽ جي ايجاد جي منزل تائين پهچائي سگهي.

جن ڏينهن ۾ ايڊيسن نئين پليٽ ايجاد ڪرڻ ۾ بيحد مَحو هو، انهيءَ زماني ۾ ڪجهہ ٻيا ماڻهو بہ اهو مسئلو حل ڪرڻ ۾ مصروف هيا. سنہ 1888ع ۾ ڊاڪٽر هيني بل گوڊوِن سِلولائيڊ جي فلم تيار ڪري ورتي. اها هلڪي هئي ۽ سولائيءَ سان موڙي سگهجي پئي. اُن جي وڏي پَٽي لڪڙيءَ جي چرخيءَ تي ويڙهي سگهبي هئي. ڊاڪٽر هيني بال گوڊوِن ۽ جارج ايسٽ مَين گڏجي اها نئين فلم جوڙي ورتي ۽ وڪرو ڪرڻ شروع ڪئي. اها فلم ايتري ڊگهي هوندي هئي، جو ان تي ٿي انچ ڊگهيون ۽ ايتريون ئي ويڪريون هڪ سؤ تصويرون ڪڍي سگهبيون هيون.

سلولائيڊ جي نئين فوٽوگرافڪ فلم جي ايجاد جو اطلاع ايڊيسن کي بہ مليو، هِن ڪجھہ فلمون خريد ڪري انهن تي بہ تجربا ڪرڻ شروع ڪيا. هڪ ڏينهن هُن ڊڪسن کي پاڻ وٽ گهُرايو. ان مهل سندن جذبن ۾ هڪ طوفانَ جهڙي ڪيفيت پيدا ٿي وئي. ايڊيسن ڊڪسن کي ڏسندي ئي چيو:

”نَهي ويو! پُٽَ ٻڌجي ويو! هاڻي اسان کي اهڙيءَ رفتار سان ڪم ڪرڻو پوندو، جڻ شيطان اسان جي پُٺيان هجي ۽ جلد کان جلد پنهنجي ڪئميرا مڪمل ڪرڻ گهرجي.“

ايڊيسن، ڊڪسن ۽ سندن ٻانهَن ٻيلي بلڪل چرين وانگر ڪم کي جنبي ويا. هُنن جهونن ايجادون ڪندڙن جون پراڻيون صَلاحون پُٺتي اڇلائي، نڪور تجويزن ۽ نين تدبيرن تي عمل ڪيو. آخرڪار ايڊيسن حرڪت ڪندڙ تصويرن واري ڪئميرا مڪمل طور جَوڙي ورتي. 24 آگسٽ 1891ع تي هِن پنهنجي نئين اِيجاد رجسٽر ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏني ۽ 31 آگسٽ 1897ع تي ڪيس سَنَدَ ملي وئي.

ايڊيسن پنهنجي ڪئميرا ۽ نئين فوٽوگرافڪ پليٽ ايجاد ڪرڻ جي ڪوشش سان گڏوگڏ حرڪت ڪندڙ تصويرن جي نماءَ جو بہ طريقو ڳولڻ لاءِ لاڳيتو رُڌل رهيو. هڪ ڏينهن هُن پيلي پَني تي گهڻا ئي نقشا ناهي ڊڪسن کي ڏنا ۽ ڪيس چيو:

”مون توکي جيڪا ڪَلھہ جاءِ ڏيکاري هئي، اُتي هِن نقشي موجب هڪ ڪمرو تيار ڪرائي ڇڏ. تصويرون ڪيڻ لاءِ اسان اُن ۾ پنهنجو اسٽوڊيو ناهينداسين. انهيءَ عمارت جو رنگُ اندران ٻاهران ڪارو هجڻ گهرجي.“

ڊڪسن نقشو ڏسڻ ڪانپوءِ کِلندي چيو: ”اِها شيءِ تہ هوبهو پوليس جي گاڏيءَ سان ملندڙ ٿي محسوس ٿئي. ماڻهو ان جو نالو ’بلئڪ ميريا‘ رکي ڇڏيندا.“

فوٽوگرافڪ اسٽوڊيو ٻڌجي راس ٿيو، اهو ڪاٺ جو هڪ ننڍڙو ڪمرو هو، جيڪو ڦرندڙ بنيادَ تي جوڙيو ويو هو، جيئن ڏينهن ۾ جڏهن بہ ضرورت پوي اُن کي ڦيرائي ان جو رخ سج طرف ڪري ڇڏجي. ڇت ۾ هڪ سُرڻ وارو تختو

هو، جيڪو هڪ چوکٽ ۾ لڳل هو. اُس جي ضرورت وقت اهو تختو سَوري چڏبو هو، نہ تہ اهو پنهنجي جاءِ تي ئي رکيو ويندو هو. سڄي اسٽوڊيو کي گهَرو ڪارو رنگُ ڏنو ويو هو، رنگُ خشڪ بہ نہ ٿيو هو تہ اورينج جي ڪارڪنن اسٽوڊيو کي 'بلئڪ ميريا' چوڻ شروع ڪري ڇڏيو.

'بليڪ ميريا' ۾ ايڊيسن ۽ ان جي ساٿارين هر قسم ۽ هر انداز جون چرندڙ تصويرون ڪڍيون، چوڪرين ناچ ڪيو، بازيگرن ڪرتبَ ڏيکاريا، بالَ اڇلايا ويا ۽ ٻلين ڪُوڙَن ڪوئن جو شڪار ڪيو. ايسٽ مينَ فلم تي ڪيترائي ميلَ ڊگهيون تصويرون ڪڍيون ويون. ايڊيسن مشهور باڪسر جيمس سي ڪاربٽ کي بہ ڪجهہ معاوضو ڏئي اورينج گهرايو ۽ ان کان پنهنجي حرڪت ڪندڙ ڪئميرا آڏو مُڪي بازيءَ (باڪسنگ) جو مظاهرو ڪرايو.

پنهنجي تصويرن کي حرڪت ۾ آڻڻ لاءِ ايڊيسن 'ڪينيٽو اسڪوپ' جي نالي سان هڪ مشين ايجاد ڪئي. ان جي ننڍڙي دريءَ مان هڪ وقت رڳو هڪ ماڻهو تصويرون ڏسي سگهندو هو. ان دريءَ ۾ هڪ خوردبينيءَ وارو شيشو لڳايو ويو هو، جنهن سبب ننڍڙيون تصويرون بہ ڏاڍيون وڏيون نظر ايندڻيون هيون. ايڊيسن جي هيءَ ڪئميرا رڳو هڪ منٽ ۾ ويهَہ سيڪنڊ هلندي هئي، جنهن ڪانپوءِ فلم ختم ٿي ويندي هئي. انهيءَ خاميءَ ڪري ڪينيٽو اسڪوپ جون فلمون ڏاڍيون ننڍڙيون پئي ٺهيون. اِنڪري اِن ايجادَ ڪانپوءِ بہ هڪ مناسب پروجيڪشن مشين جي تمام گهڻي ضرورت هئي. ظاهر آهي تہ ايڊيسن جو 'ڪينيٽو اسڪوپ' ان وقت تائين فائديمند ثابت نہ ٿي سگهيو، جيستائين اِن جون تصويرون هڪ ئي وقت هڪ ماڻهو ڏسي ها.

آمريڪا جي خزاني واري کاتي جو اِسٽينو گرافر فرانسس جنڪنس ڪيترن سالن تائين هڪ اهڙي مشين تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، جنهن جي مدد سان ڪيترائي ماڻهو هڪ ئي وقت ۾ چرندڙ تصويرون ڏسي سگهن. هِن واشنگٽن ۾ پنهنجي گهر جي پوئين حصي ۾ پنهنجو هڪ تجربيگاهہ ناهيو هو ۽ واندڪائيءَ جو گهڻو وقت اُتي گهاريندو هو، جنهن جو مقصد اِهو هو تہ هو پراڻي

نموني واري چُرندڙ تصويري مشين ۾ ڪجھ اهڙيون تبديليون آڻي ته جيئن اها سفيد پَردي تي چرندڙ تصويرون به ڏيکاري سگهي. جون 1894ع ۾ هُن هڪ اهڙي مشين جوڙِي، جيڪا سندس سوچ وارو مقصد پورو ڪري ٿي سگهي. هُو اونهاري جون موڪلون گُذارڻ لاءِ پنهنجي وطن رچمنڊ (اِنديانا) وڃڻ لڳو ته جهاز تي اها مشين به ساڻ کڻي ويو.



ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ چمنڊ جي رهواسين کي دعوت ملي ته هو جنڪنس جي گهر اچي چُرندڙ تصويرون ڏسن. اهو ڄاڻڻ لاءِ ته حرڪت ڪندڙ تصويرون ڪيئن ٿينديون آهن، جنڪنس جا ڪيئي دوست هُن جي گهر ۾ گڏ ٿي ويا، ڪمري جي هڪ پِتِ تي اڇي چادر لڙڪيل هئي ۽ هڪ ميز تي هڪ عجيب غريب مشين رکيل هئي، جنهن کي هن 'پروجڪشن مشين' ٿي چيو.

ڪجھ جملن وسيلي حرڪت ڪندڙ تصويرن جون خاصيتون بيان ڪرڻ ڪانپوءِ جنڪنس چيو: ”هاڻي مان اوهان کي هڪ چرندڙ تصوير ’ناچڻي اَينابل‘ ڏيکاريندس. مهرباني ڪري ڪمري جي روشني بند ڪري ڇڏيو.“

ڪمري ۾ اونداهي ڇانئجي وئي. جنڪنس هڪ سئچ کي ڇڪيو. پروجيڪٽر اندر هڪ بلب سفيد چادر تي تيز ۽ چورسي روشني وجهڻ لڳو، پوءِ جنڪنس پنهنجي پروجيڪٽر جو هڪ ليور دَٻايو. هر ماڻهو حد کان وڌيڪ حيران هو، ڪنهن کي به پنهنجي اکين تي اعتبار نہ پئي آيو. پردي تي جڻ جادوءَ جي زور تي هڪ عورت جي اڇي ۽ ڪاري تصوير نظر اچڻ لڳي. هوءَ ڏاڍي موهيندڙ انداز سان اڳتي پوئتي هلڻ لڳي ۽ ساڳيءَ تيزيءَ سان سندس ٻانهون ۽ پيرَ بہ حرڪت ڪرڻ لڳا.

هڪ تماشائيءَ وڏي واڪ چيو: ”هِن کي تصوير ڪير ٿو چوي، چادر پويان هڪ عورت لڪل آهي، جنهن جي ناچ جو پاڇو چادر تي پوي ٿو!“



جنڪنسن ڪيس للڪاريندي چيو: ”وڃ، چادر جي پويان وڃي تون پاڻ ڏسي آءُ!“ اُن جي دوست اِها راءِ قبول ڪئي ۽ چادر وٽ وڃي چادر جي هڪ ڪُنڊ مٿي ڪري اُن پُٺيان ڏسڻ لڳو. ”اڙي! هِي پويان تہ رُڳو پِتِ آهي.“ هُن رڙ ڪري چيو، هن جو مُنهن حيرت جو آئينو بڻيل هيو ۽ سيئي مٿس پاڻ هُر تو کِلڻ لڳا.

’ناچڻي اينابل‘ جو نماءُ ان انداز جي هلندڙ تصويرن جو پهريون مظاهرو هو، جنهن کي اڄڪلهہ اسان ڏسون ٿا. بدقسمتيءَ سان نوجوان جنڪنس وٽ ايڏي

دولت نہ هئي، جو هو پنهنجي مشين ۾ سُدارو آڻي بازار ۾ وِڪرو ڪري. هن هڪ ماڻهوءَ ٿامس ارامٽ جي پائيواريءَ سان پروجيڪٽر جوڙڻ ۽ وڪڻڻ جو ڌنڌو شروع ڪيو، پر ترت ئي هو همت هاري وينو ۽ هِن ارامٽ کي پنهنجي ايجاد ڪيل مشين هڙني حقن سميت وڪرو ڪري ڇڏي. هُن کي پنهنجي پروجيڪٽر جا رڳو اڍائي هزار ڊالر مليا، جيتوڻيڪ اها مشين اجا مڪمل بہ نہ ٿي هئي، پوءِ بہ اُن جي رقم لکن ڊالرن کان گهٽ نہ هئي. ٿامس ارامٽ پاڻ ڪَل پُرزن ۽ ايجادن بابت وڌيڪ نہ ڄاڻندو هو، پر ڪيس ايتري سُڌ ضرور هئي تہ هڪ شخص انهن مڙني معاملن ۾ ماهر آهي. هُن ٿامس اي ايڊيسن سان ملي ڪيس پروجيڪشن مشين ڏيکاري. مشهور سائنسدان ٽڪڙو سمجهي ورتو تہ هِن مشين چرندڙ پُرندڙ تصويرن جو ٿيون مسئلو بہ حل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان مدد سان هڪ ئي وقت ۾ ڪيترائي ماڻهو حرڪت ڪندڙ تصويرون ڏِسي سگهن ٿا. ايڊيسن ۽ ارامٽ گڏجي ڪاروبار شروع ڪيو ۽ ايڊيسن دنيا جي پهرئين پروجيڪٽر جي سُڌاري ۾ جنبي ويو. انهيءَ ڪم ۾ ڪيس خاص ڪاميابي حاصل ٿي ۽ اورينج جي تجربيگاهہ ۾ جديد دؤر جي چُرپر ڪندڙ تصويرن ڪاميابيءَ جون منزلون طئي ڪيون.

هن کان پوءِ ايڊيسن ڪيترن سالن تائين ڳالهائيندڙ تصوير ايجاد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل رهيو. هن حرڪت ڪندڙ تصويرن سان فونوگراف بہ ملايو تہ جيئن اداڪارن جا آواز بہ رڪارڊ ٿي وڃن، پر هي طريقو ڪارگر ثابت نہ ٿيو. تصويرن، آوازن ۽ رنگن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري هاڻوڪي دؤر جون پُرڪشش متحرڪ تصويرون تيار ڪرڻ جو ڪم بين ماڻهن جي دماغي ۽ فني صلاحيتن جي مقدر ۾ هو.

# نوان دوست، نئين مُهم

(1)

نيويارڪ سٽي آمريڪا جو پهريون شهر هو، جنهن کي ايڊيسن جي ايجاد وسيلي سيپٽمبر 1882ع ۾ بجليءَ جي روشني ملي. ان کان جلد ئي پوءِ آمريڪا جي ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ نئين روشنيءَ لاءِ ڀرپور مطالبو شروع ڪيو ويو، ڪجهه سالن اندر آمريڪا جي هر وڏي شهر ۾ بجليءَ جي روشني ڏيڻ لاءِ هڪ ڪمپني وجود ۾ اچي وئي، جنهن جي نالي ۾ ڪٿي نه ڪٿي ايڊيسن جو لفظ شامل هوندو هو. برقي روشنيءَ جي صنعت ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندي وئي ۽ سڄي ملڪ ۾ بجلي پهچائڻ جا منصوبا ترتيب ڏيڻ جي مقصد سان انهن ڪمپنين ترت ئي ساليانو ڪنوينشن ڪرڻ شروع ڪيو. انهن ميڙن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هر ڪمپني گهٽو ڪري پنهنجو صدر ۽ جنرل مئنيجر موڪليندي هئي.

اهڙين ڪمپنين جو ساليانو ميڙاڪو آگسٽ 1896ع ۾ مين هِٽن ٻيچ تي ڪوٺايو ويو. هي ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري هڪ تفريح گاهه آهي، جيڪو نيويارڪ جي ڪوني ٻيٽ کان رڳو ڪجهه ميلن جي مفاصلي تي آهي.

11 آگسٽ 1896ع جي شام جو مسٽر ايڊيسن مين هٽن بيچ ۽ اورينٽل هوٽل جي ورانڊي ۾ وينو هو. رات جو هڪ تمام وڏي دعوت جو انتظام ڪيو ويو هو. سارو ڏينهن بجليءَ جي ڪمپنين جا صدر ۽ مئنيجر هوٽل ۾ ايندا رهيا. هر ايندڙ جي دِلي خواهش اِها هئي ته سندس ڏيٺ ويٺ بجليءَ جي عظيم عاليشان صنعت جي بانيڪار سان ڪَرائي وڃي. هر ماڻهوءَ کي ملاقات جو موقعو ڏيڻ لاءِ ئي ايڊيسن اورينٽل هوٽل جي ڪُشادي ورانڊي ۾ ويهي رهيو هو. هِڪ ٻئي پُٺيان مختلف ڪمپنين جا صدرَ ايندا رهيا. مسٽر ايڊيسن سان ملاقات ڪانپوءِ پنهنجي نائبن جو به تعارف ڪرائيندا پئي ويا. ڊٽرائٽ ايڊيسن ڪمپنيءَ جو صدر مسٽر

اليگزانڊر ڊو هڪ نوجوان کي هِن عظيم ايجادون ڪندڙ وٽ وٺي آيو ۽ ڪيس چيائين:

”مسٽر ايڊيسن پنهنجي ڊٽرائٽ ڪمپنيءَ جي مئنيجر هينري فورڊ سان مِلو.“

اٺونجاھ سالن جي عمر واري ايڊيسن هنري فورڊ کي جيڪو اُن وقت ٽيٽيهن ورهين جو هڪ گمنام ماڻهو هو، غور سان تَڪيندي چيو: ”ڪيئن آهيو، مسٽر فورڊ! مون کي اميد آهي تہ اوهان کي ملڪ جي اڀرندي حصي جو سفر پسند آيو هوندو.“

”مهرباني سائين! هِن ڪنويشن ۾ شريڪ ٿي ۽ اوهان سان ملاقات جو شرف حاصل ڪندي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي.“

ايڊيسن، ڊَو ۽ فورڊ ڪجھ منٽن تائين ڳالهيون ڪندا رهيا، پر اهو ڏِسندي تہ ٻيا ماڻهو بہ مسٽر ايڊيسن سان ملڻ جي موقعي جو انتظار پيا ڪن، تہ فورڊ ڏاڍي اُتساھ سان ڪانئس موڪلائي مسٽر ڊَو سان گڏ هليو ويو.

هوٽل جي ورانڊي ۾ گهمندي ڊَو، فورڊ کي چيو ”ڪيڏو نہ عجيب غريب اِنسان آهي! تنهنجو ڇا خيال آهي؟“

”مشهوريءَ سندس دماغ بلڪل بہ خراب نہ ڪيو آهي. مان هُن سان ڪيئي سالَ اڳُ مليو هئس. هن ۾ اڄ بہ ايتري ئي سادگي ۽ بي نيازي آهي، جيتري اڳ هئي.“ فورڊ وراڻيو.

”اِن جي معنيٰ ڇا آهي! مون کي اڄ تائين خبر نہ هئي تہ اوهان اڳ ۾ بہ مسٽر ايڊيسن سان مِلي چڪا آهيو!“ ڊَو چيو.

”ها ملاقات ڪري چڪو آهيان.“ فورڊ جواب ڏيندي وڌيڪ ٻڌايو: ”لڳ ڀڳ ڏهَہ سالَ اڳ مان ائٽلانٽڪ سِٽيءَ جي هڪ جلسي ۾ مسٽر ايڊيسن جي تقرير ٻُڌي هئي. منهنجي عمر انهيءَ وقت تمام ننڍي هئي. مسٽر ايڊيسن ان وچ ۾ هزارين ماڻهن سان مليو هوندو، هو مون کي ڪهڙي طرح ياد رکي ٿو سگهي؟“

”مون کي اميد آهي تہ اڄ واري دعوت ۾ اسان کي سُٺيون جايون ملنديون. اڄ تہ دعوت جو انتظام ڪندڙ وٽ هلي سيٽن جي سِٽاءَ وارو نقشو ڏسي اچون.“

ڊو ۽ فورڊ کي انتظام ڪندڙُ انهيءَ ڪمري ۾ ئي ملي ويو، جتي دعوت ٿيڻ واري هئي. ٻنهي اُڃاتري نظر سان نقشو جاچيو. ظاهر آهي تہ مسٽر ايڊيسن وڏي بيضوي ميز جي ڪُنڊ تي سَڀ کان وڌيڪ اهم جاءِ تي ويهڻو هو. ڊَو اوچتو خوشيءَ مان رڙ ڪئي:

”هيڏانهن ڏسو، مسٽر فورڊ! اوهان ڏاڍا خوشقسمت آهيو. باسٽن ڪمپنيءَ جو صدر مسٽر چارلس ايڊگر مسٽر ايڊيسن جي ساڄي پاسي ويهندو. ان ڪانپوءِ اوهان جي ڪرسي آهي. اِن جو مطلب اِهو ٿيو تہ ان عظيم موّجد ۽ اوهان جي وچ ۾ رڳو هڪ سيٽ جي وڇوٽي هوندي. ڏِسو منهنجي جاءِ اُتي ٻئي پاسي کان آهي ۽ اها بہ ايڏي ئي ويجهي آهي، جو ايڊيسن جي چوڌاري جيڪي ڪجھ بہ ٿيندو، اهو سولائيءَ سان ڏِسي ۽ ٻُڌي سگهبو.“

”پوءِ تہ اسان ٻئي ڀاڳن وارا آهيون.“ فورڊ سهمت ٿيندي چيو.

ڊَو پنهنجي گهڙيءَ ڏانهن نهاريندي چيو: ”مون کي هڪ ڪاميٽيءَ جي اجلاسَ ۾ شريڪ ٿيڻو آهي، اِنڪري مون کي هِتان روانو ٿيڻ گهرجي. هاڻي دعوت تي ئي ملبو.“

اورينٽل هوٽل جي اُن رات واري دعوت ايڊيسن ۽ فورڊ ٻنهي جي زندگيءَ جو هڪ اهم واقعو بڻجي وئي. مسٽر ايڊيسن پنهنجي تقرير ۾ ٻُڌايو تہ ايڊيسن ڪمپنيون پنهنجي مُلڪ ۽ ان جي عوام جي ڪهڙي ريت خدمت ڪري سگهن ٿيون. ان جي تقرير ختم ٿيڻ تي موجود ماڻهن ڏاڍيون تاڙيون وڄايون. جڏهن سيئي ماڻهو تقريرون ڪري ويا تہ مسٽر ايڊيسن ۽ ان جي ويجهو ويهڻ وارن وچ ۾ بجليءَ جي نئين گاڏيءَ بابت ڳالهيون نڪري پيون. گهڻن ماڻهن خيال ڏيکاريو تہ بجليءَ جي ڪار نُهڻ لاءِ بيٽرين جي وڪري ۽ مرمت جي صورت ۾ ايڊيسن ڪمپنين لاءِ ڪاروبار جا ڪيترائي نوان موقعا پيدا ٿي پوندا ۽ گهوڙن کان سواءِ گاڏي مستقبل جي سواري بڻبي.

”نہ... نہ...“ ايڊيسن وڏي آواز ۾ زور ڏيندي چيو تہ ”بجليءَ جي گاڏيءَ واري ايجاد سان ملڪ ۾ ماڻهن جي اچ وڃ وارو خرچ گهٽجي نہ سگهندو. اسٽوريج بيٽرين جي ڪري بجليءَ جون گاڏيون ڏاڍيون وڏيون ۽ وزن واريون ٿي پونديون. ان ڪانسواءِ بجليءَ جي گاڏيءَ لاءِ اهو بہ ضروري هوندو تہ اُها بجلي گهر جي ويجهو رهي تہ جيئن پنهنجيون بيٽريون تڪڙيون چارج ڪرائي سگهي. انهيءَ مقصد لاءِ ٻاڦ واري گاڏيءَ کي پاڻي، بوائلر ۽ گهڻو ٻارڻ هر وقت پاڻ سان رکڻو پوندو. آمريڪا جي رستن تي پنهنجو پاڻ هلندڙ گاڏين جو ميڙ انهيءَ صورت ۾ نظر اچي سگهي ٿو، جڏهن ڪا هلڪي، وڏيڪ سَستي ۽ سٺي گاڏي ايجاد ڪئي وڃي.“

ڊَو ٿهڪ ڏنو: ”پوءِ تہ سائين، پيٽرول بَگي ئي سواريءَ لاءِ سيني کان سَهانگو وسيلو بڻجي سگهي ٿي.“

ڊَو ڏاڍي ڦڙتي ۽ ڊرامائي انداز ۾ هَٿن جي اِشارن سان ڳالهائڻ شروع ڪري ڇَڏيو ۽ سيئي ماڻهو اڳتي جُهڪي ڏيان سان سندس ڳالهيون ٻُڌڻ لڳا. هِن چيو تہ ”هڪ ڏينهن مان پنهنجي ڊٽرائٽ واري آفيس ۾ وينو هئس تہ اوچتو رستي تي ڏاڍو گوڙ ٻُڌڻ ۾ آيو. ائين پئي معلوم ٿيو ڄڻ تہ لاڳيتو ڪو پستول هلائي رهيو آهي. مان گهبرائجي آفيس جي درَيءَ پاسي ڊوڙيس ۽ ٻاهر ڏسڻ لڳس. رستي تي هڪ اهڙي گاڏي ڏٺم، جيڪا گهوڙن بنا هلي رهي هئي، پيٽرول جي انجڻ گاڏيءَ کي يَڪ...يَڪ... يَڪ... يَڪ ڪندي ڇِڪي رهي هئي. گوڙ ڪندڙ گاڏيءَ تي اڳيان واري سِيٽ تي هڪ شخص هڪ عورت سان گڏ وينو هو (شايد اها سندس گهر واري هئي) ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ ننڍڙو ٻارڙو بہ هو. ڦَٽ... ڦَٽ... ڦٽ... ڪندڙ اها گاڏي پٿرن واري رستي تان گذري رهي هئي ۽ ان کي ڏسڻ لاءِ ٻنهي پاسي کان ماڻهن جا ميڙ مِڙي ويا هئا.“

ڊَو ڏاڍيان رڙ ڪندي وڌيڪ چيو: ”اُهو شخص جيڪو انهيءَ گاڏي کي هلائي رهيو هو، سو اسان جي سامهون وينل آهي“ هُن هنري فورڊ ڏانهن اِشارو

ڪيو. پوءِ پَريل محفل ۾ انهيءَ ڏيٺِ ڪري هر هڪ ماڻهو وڌيڪ اڳيان جُهڪي ٿي ويو ته جيئن هو فورڊ جي صورت چڱي طرح ڏِسي سگهي.

ايڊيسن به چيو: "ڏاڍو سُنو...، ته تون آهين مسٽر فورڊ، مهرباني ڪري پنهنجي پيٽرول، گاڏيءَ بابت مون کي ڪجهه وڌيڪ ٻُڌاءِ!"

فورڊ ڳالهيون شروع ڪيون. ايڊيسن گهٽي ٻاڳي ٻَوڙو ٻڻجي ويو هو، هو اڳتي نِوڙي، فورڊ جي ڳالهين ٻُڌڻ لاءِ پنهنجي ساڄي ڪَنَ پُٺيان هَٿَ جو سَهارو ڏئي ڪيس غورَ سان ٻُڌڻ لڳو.

هڪ ماڻهو آهستگيءَ سان فورڊ کي چيو: "ڪُرسي سَوري سندس ويجهو وڃي ويهو، جيئن هو اوهان جو آواز چڱيءَ طرح ٻُڌي سگهي، ڇو جو مسٽر ايڊيسن ٻوڙو آهي."

فورڊ اُٿي بيٺو. ان سان گڏ ئي مسٽر ايڊگر به بيهي رهيو. هُن چيو: "اچو ته اسان پنهنجيون ڪُرسيون مَٽايون. اهڙيءَ طرح اوهان مسٽر ايڊيسن جي ويجها ٿيندؤ." فورڊ اُٿي مسٽر ايڊگر جي خالي ڪُرسيءَ تي اچي وينو ۽ چوڻ لڳو "سائين! مسٽر ڊَو هاڻي جنهن ڪارِ جو ذڪر ڪيو، اُها منهنجي پهرين ڪارِ نه هئي. اها منهنجي ٻي ڪارِ هئي."

"ڇا اوهان جي مشين ۾ چئن سلينڊرن واري انجڻ لڳل آهي." ايڊيسن پُڇيو.

فورڊ جواب ڏنو، "مان اِن لاءِ برقي قوت آهستي آهستي استعمال ڪرڻ جو طريقو ڪڍي ورتو آهي." اِهو چئي هِن ڪاڏي جي فهرست وارو ڪارڊ ڏاڍيءَ تڪڙ ۾ ڪڍي اُن پويان هڪ خاڪو ناهڻ شروع ڪيو ۽ ان جي وضاحت ڪندي چيو: "اڄڪلهه مان چڻنگ وسيلي ڌماڪو پيدا ڪرڻ جي هِن ريت ڪوشش ڪريان پيو."

فورڊ جيستائين خاڪو ڪڍي پنهنجي پيٽرول ڪار جي پُرزن جي جوڙجڪ ۽ ترتيب جا تفصيل ٻُڌائي، ايڊيسن ڏاڍي ڌيان سان هِن جون ڳالهيون ٻُڌندو رهيو. جڏهن هُن پنهنجي ڳالهه ختم ڪري ڇڏي ته ايڊيسن پنهنجي پسند جو اظهارُ ڪندي ميز تي مُڪَ هڻندي چيو:

”پُٽَ! تنهنجي ڪار بلڪل درست آهي. تو اهو ڳُجهُه ڳولي ورتو. بس رُڌل رَهُه، تنهنجي پيٽرول ڪار پنهنجو بجلي گهر پاڻ سان گڏ رکي ٿي. اُن ۾ باهه يا بائلر جي ضرورت ڪانهي ۽ نه وري اُن مان دونهون نڪري ٿو ۽ نه وري اُن لاءِ ٻاڦ جي ضرورت آهي. توکي صحيح شيءِ ملي وئي آهي. بس اِن تي ئي ڪَمُ ڪندو رهه.“

ايڊيسن جي تعريف ۽ همت افزائيءَ فورڊ جي دل ۾ ايترو جوش پيدا ڪري ڇڏيو، جو هُن کي سڄي رات ننڊ نه آئي. ان کان اڳ ۾ هو ڪيترا ڀيرا همت هاري وينو هو، ڪيس خوف هو ته هُو پنهنجي ڪار ڪڏهن به مڪمل ڪري نه سگهندو. ايڊيسن جي ڳالهين هُن ۾ هڪ نئون اتساهُه پيدا ڪيو. هُن پڪو پَهُه ڪيو ته واپس وڃي هو پنهنجي ڪار تي وري ڪم شروع ڪندو ۽ ان کي پُڄاڻيءَ تي پهچائڻ کان اڳ سُک سان نه ويهندو.

ٻئي ڏينهن صبح سويرو هڪ سنيهو آٽيندڙ مسٽر فورڊ جي هوٽل واري ڪمري جو دروازو کڙڪايو. نياپو ڏيندڙ ڇوڪري کيس چيو: ”مسٽر ايڊيسن مون کي اوهان وٽ موڪليو آهي ۽ خواهش ڏيکاري اٿائين ته اوهان ريل رستي نيويارڪ واپس هلڻ لاءِ ساڻس گڏ سفر ڪريو. هُو اوهان سان ڪجهه وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ جو آسروند پڻ آهي.“

مسٽر فورڊ، مسٽر ايڊيسن سان گڏ نيويارڪ روانو ٿي ويو. رستي ۾ مسٽر ايڊيسن فورڊ سان ڊٽرائٽ، مشگين ۽ پورٽ هيورون بابت ڪيترائي سوالَ ڪيا. هُن کي پنهنجي ننڍپڻ جا واقعا، پنهنجي اخبارن وڪڻڻ واري زندگيءَ جا تجربا ۽ ايجادن جي سلسلي ۾ ابتدائي جاکوڙ جا تفصيلي احوالَ ٻُڌايا. ايڊيسن ۽ فورڊ جي دوستي، جيڪا سنه 1896ع ۾ مين هِٽن ڪناري تي شروع ٿي هئي، اها پنجٽيهن سالن تائين برقرار رهي.

سال 1899ع ۾ اڻويهين صدي ختم ٿي وئي ۽ 1900ع جي اچڻ سان ويهين صدي شروع ٿي. هڪ صديءَ جي آخري ۽ ٻي صديءَ جي ابتدائي مهينن ۾ ايڊيسن اورينج جي تجربيگاهَ ۾ آهستي آهستي نيون شيون ايجاد ڪندو رهيو.

سنہ 1910ع تائين ايڊيسن جا وارَ ڪيرَ جهڙا اڇا ٿِي ويا هئا، پر چانديءَ جيان چمڪندڙ وارن هيٺان سندس وڏا ۽ گهاٽا ڪارا ڀِروون هئا. هو هر وقت ڪم ۾ ايترو مصروف رهندو هو، جو ڪيس نئين سوٽَ سبائڻ لاءِ درزيءَ وٽ ماپ ڏيڻ لاءِ به وقت جي وِٿي نہ هوندي هئي. جڏهن ڪيس نئين وڳي جي ضرورت ٿيندي هئي تہ هو پنهنجي گهر واريءَ کي چوندو هو تہ ڪوئي پُراڻو سوٽ درزيءَ وٽ موڪلي ڏي تہ جيئن هو انهيءَ ماپَ جو نئون سُوٽ سِبي سِگهي. اِن ۾ درزيءَ کي بہ ڪا ڏکيائي نہ ٿيندي هئي، ڇو تہ عمر وڌڻ باوجود سندس جسم ٿُلهو نہ ٿيو هو ۽ هِن جو وزن 165 پائونڊن تي پهچي بيهجي ويو هو.

سال 1915ع ۾ پناماٿهر پوري ٿيڻ تي سَان فرانسسڪو ۾ هڪ نماءَ جو انتظام ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ 21 آڪٽوبر 1915ع تي 'ايڊيسن جو ڏينهن' ملهايو ويو. بجليءَ جي روشني جوڙيندڙ کي اِنهيءَ ميڙاڪي ۾ مُکُ مهمانَ جي حيثيت سان شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي. ايڊيسن جي عمر جيتوڻيڪ اَٺهٺ سالَ ٿي وئي هئي، پوءِ بہ هُن انهيءَ نمائش ۾ شرڪت جي دعوت قبول ڪئي هو نيويارڪ کان پنهنجي ذاتي ڪار 'سپرب' ۾ اولهہ طرف روانو ٿي ويو. ريلَ رستي سيڪرامنٽو (ڪيليفورنيا) پهچي هن پنهنجي دوست لوٿر بوربينڪ کي بہ ساڻ ڪنيو، جيڪو نباتات ۽ زراعت جو وڏو ماهر هو. سان فرانسسڪو پهچي مسٽر ۽ مسز فورڊ بہ برقي روشنيءَ جي مانَ ڏيڻ واري هِن محفل ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ ساڻس گڏ ويا.

21 آڪٽوبر 1915ع تي بجليءَ جي روشنيءَ جي ڇٽيهين سالگرهہ واري ڏينهن تي ايڊيسن ۽ سندس ساٿي هڪ ڪار ذريعي هوٽل کان روانا ٿيا. مارڪيٽ اسٽريٽ کان نمائش گاهہَ تائين هَزارين ماڻهو ايڊيسن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ روڊ جي ٻنهي پاسن کان بيٺل هئا. نمائش جي آڏر پائي ڪاميٽيءَ مانوارن مهمانن جي آجيان ڪئي ۽ ڪين اُن هال تائين وٺي ويا، جتي پروگرام ٿيڻو هو. سموري دنيا جي انسانن جي بهتري ۽ ترقيءَ لاءِ ڀرپور ڪم ڪرڻ جي مڃتا طور جشن جو انتظام ڪندڙن، ايڊيسن کي جلسي ۾ ڪنجهي جو تمغو پيش ڪيو.

’جشن ايڊيسن‘ جو ميڙاڪو ختم ٿيڻ ڪانپوءِ مسٽر بوربينڪ جي زور ڀرڻ تي ايڊيسن ۽ سندس دوست سندس گهر سينٽا روزا (ڪليفورنيا) ہ ويا. بوربينڪ جي مشهور تجرباتي فارم ۾ ايڊيسن، فورڊ ۽ سندن گهَر وارين ڪجهہ اهڙا ٻوٽا ہ ڏٺا، جيڪي انهيءَ ’زرعي جادوگر‘ پهريون ڀيرو پوکيا هئا. بوربينڪ پنهنجي مهمانن کي ٻُڌايو تہ هُن ڪاري ٻير جي وڻن مان کهڙي طرح اڇي رنگ جا ميوا پيدا ڪيا آهن ۽ شائستا ڊيريءَ، سميت ٻيا عجيب غريب ٻُوٽا ڪيئن ڦٽايا آهن.

فارم ۾ مسٽر فورڊ ڀاڄ جي هڪ ڍيرَ مان ٻيلچو، جنهن ۾ ڪاٺ جو هَٿيو لڳل هو، ڪڍي مسڪرائيندي چيو: ”هي ہ انهن ئي شين ۾ شامل آهي، جن جي مدد سان انسان ارتقائي طور عظمت ڪي رسيو آهي ۽ مسٽر بوربينڪ اوهان بيلچي ۽ ڪُرپيءَ جي مدد سان انسانن کي نوان گل ۽ نڪور ڪاڌ خوراڪ ڏني آهي. بجليءَ جي روشني، جنهن کي اسان جي دوست ايڊيسن ايجاد ڪيو آهي، اها اڃا وڌيڪ بهتر روشنيءَ لاءِ اِنساني ڳولا جي علامت آهي. مطلب تہ اوهان ٻئي خوراڪ ۽ روشنيءَ جي علامت آهيو.“

ايڊيسن مُرڪيو ۽ چوڻ لڳو: ”فورڊ! توکي پنهنجي گاڏيءَ کي ہ وسارڻ نہ گهرجي آمدرفت ٿيون وسيلو آهي، جنهن انسانَ کي تهذيب جي منزل تائين رَسايو آهي.“

فورڊ بيلچو وري ڀاڄ اندر وجهي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳو ”مسٽر بوربينڪ تي سگهي ٿو تہ ڪجهہ ڏينهن ۾ مون کي اوهان کان هڪ بيلچو گهُرائڻو پوي. منهنجي ذهن ۾ هاڻي هاڻي هڪ خيال پيدا ٿيو آهي، پر جيستائين مان اُن تي چڱي نموني غور نٿو ڪري وَٺان، اُن بابت اوهان کي ڪجهہ ٻُڌائي نٿو سگهان.“

مهمانَ جڏهن وڃڻ لڳا تہ بوربينڪ انهن مهمانن واري رجسٽر تي صحي ڪرڻ لاءِ چيو. ايڊيسن قلم وٺي پنهنجو نالو ۽ ڏَس پَتو وڏن اکرن ۾ لکي ڇڏيو. صفحي جي ٽئين ڪالمَ ۾، جنهن جو مضمون ”دلچسپيون“ هو، هُن رڳو ايترو لکيو، ”هر شيءِ.“

ايڊيسن فورڊ کي قلم ڏيندي چيو، ”هنري، تئين ڪالمَ ۾ تون رڳو ايضاً (ساڳيو) لکي ڇڏ.“

مسٽر ۽ مسز ايڊيسن ڪيليفورنيا کان واپس وَرڻ لڳا ته مسٽر ۽ مسز فورڊ به اُنهن سان گڏ هئا. رستي ۾ فورڊ ايڊيسن سان پنهنجي دوست ۽ ماهر حيوانيات ۽ نباتات جان بروز جون ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪيون ۽ سليب سائيڊ وجي اُن سان ملڻ ۽ ان کي موٽر ڏيڻ جو به احوالُ اوريو.

فورڊ چيو ”شروع ۾ ڪجهه ڏينهن تائين بروز اُن ڪار کان پَري ڀَڄندو رهيو. سندس چوڻ هو ته اِنڪري هِن جون قيمتي جهرڪيون ڊڄي اُڏامي وينديون، پر جڏهن هن محسوس ڪيو ته هو ڳوٺن ۾ ان وسيلي ڪيترن ئي ميلن تائين سفر ڪري سگهي ٿو ۽ جهرڪين لاءِ آڪيرا اُٽڻ لاءِ ڪجهه اهڙن هنڌن تي آسانيءَ سان پهچي سگهي ٿو، جتي هو موٽر ڪار ڪانسواءِ ڪڏهن به رَسي نه سگهي ها، تڏهن وجي هو پنهنجي ڪار جو مداح بڻيو ۽ هاڻي هر ڏينهن اُن تي سفر ڪندو آهي. جيئن ته جانورن ۽ ٻوٽن بابت سندس معلومات ڏاڍي سُٺي آهي ۽ انهن لاءِ ڳوٺن ۽ جَهنگن جو سيرُ ۽ اُتي عارضي قيامَ لاءِ هو ٻئي هڪٻئي جا بهترين ساٿي ثابت ٿين ٿا.“

انهيءَ گفتگوءَ وقت فورڊ فيصلو ڪيو ته ڪيس ايڊيسن ۽ بروز کي جهنگن ۽ ڳوٺن جي سير تفريح لاءِ وٺي وڃڻ گهرجي. هو خيما پاڻ سان گڏ کڻندا ۽ جتي سج لهندو اُتي ئي راتِ گهاريندا. هُن انهيءَ وقت ئي ايڊيسن کان وعدو ورتو ته اهڙي سفر جي انتظامن مڪمل ٿيڻ تي هو به اچي ساڻن شامل ٿيندو.

يورپ ۾ پهرين عالمي جنگ شروع ٿي چڪي هئي، اِنڪري اُنهن کي اهڙي تفريحي سفر جو ارادو ملتوي ڪرڻو پيو. جنگ ڏينهون ڏينهن آمريڪا جي ويجهو ايندي وئي. آخرڪار ڪين به ميدانَ ۾ لَهڻو پيو. ملڪ کي ايڊيسن ۽ اُن جي ايجادي صلاحيتن جِي گهُرجَ پئجي وئي. سامونڊي وزير هِن عظيم موجد کي آمريڪا جي گاديءَ واري هنڌ واشنگٽن اچڻ جي دعوت ڏني. اُتي پهچي هُن سامونڊي صلاحڪار، بورڊ جي صدارت قبول ڪري ورتي، جنهن جو ڪم اهڙيون

شيون ايجاد ڪرڻ هو، جن سان آمريڪا ۽ اُن جي مددگارن ڪي جنگ کٽڻ ۾ مدد مِلي سگھي. ايڊيسن آبدوز ۽ تار پيڊو ٻيڙين جو ڳُجھو ڏسُ ڳولڻ لاءِ ترت ئي هڪ اهڙو اوزار ايجاد ڪيو، جنهن سان پاڻيءَ اندر آواز ٻُڌي سگھجي. هُن جهازن کي مختلف رنگن سان رَنگي انهن جي ظاهري جوڙجڪ مٽائڻ ۽ انهن کي دشمنن جي نظر بَد کان بچائڻ لاءِ به هڪ طريقو ڳوليو. آمريڪي سامونڊي فوج جي استعمالَ لاءِ هُن هڪ اهڙي سَرچ لائيٽ به تيار ڪري ورتي، جيڪا پاڻيءَ اندر ڪم ڪندي هئي، جنگ جي زماني ۾ ايڊيسن ڪُل چاليهارو ايجادون ڪيون. جنگ کٽڻ لاءِ ايڊيسن جيڪي مِثالي خدمتون سر انجام ڏنيون، انهن جي مَوٽ ۾ کيس ”خاص خدمتن وارو تمغو“ ڏنو ويو.

پنهنجي وعدي موجب ايڊيسن جنگ جي ڏينهَن ۾ ۽ اُن کان ٺُرت پوءِ ڪار تي ڪيترائي پيرا بروز، فورڊ ۽ ٽائرن واري ڪمپنيءَ جي مالڪ هاروي، ايل فائر اِسٽون سان گڏ جهنگَ جو سَير ڪيو. هڪ دفعي چئني دوستن اڊيرن ڊيڪس جي ڪجھ حصن جو پهريون پيرو سفر ڪري اتان جي حالتن جو مشاهدو ماٽيو. انهن ڏکڻ ۾ وچي اوچن ڊگھن اپيليشين جي جابلو سلسلن ۾ ڪوھ پيمائي ڪئي. پنهنجي پهرئين سفر ۾ ايڊيسن رات ۾ ڪمبل ويڙهڻ جو هڪ اهڙو طريقو معلوم ڪيو، جنهن سان هو پنهنجي بستري تي سولائيءَ سان سمهي سگھندو هو ۽ رات پهر ۾ سندس جسم جو ڪو به حصو وائکو ٿي نه سگھندو هو.



ايڊيسن جي عمر جيتوڻيڪ ستر سالن جي لڳ ڀڳ هئي، پر هو ڏاڍو سُٺو سفر جو ساٿي ثابت ٿيو. هُن وٽ لطيفن جو ذخيرو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو هو. رات جو جڏهن سيئي ماڻهو مچ جي چوڌاري گڏ ٿيندا هئا تہ سندس ڏکيا قصا ۽ وَڏايل ڪهاڻيون ٻُڌي، هر هڪ ٿَهَڪَ ڏيندو رهندو هو. هو ڳائڻ جو شوقين هو، اڪيلو يا ٻن ٽن ماڻهن سان گڏجي ڳائڻ لاءِ هڪدم تيار ٿِي ويندو هو. پوڙهائپ هوندي بہ سندس زندهہ دِليءَ ۾ ڪو بہ فرق نہ آيو هو ۽ نہ وري زندگيءَ جي دلچسپين ۾ سندس دل ڪولي حصو ونڻ وارو شوق ختم ٿيو هو.



ايڊيسن جي عمر جيئن جيئن وڌندي رهي، تيئن هو پنهنجي فلوريڊا واري گهر ۾ جيڪو ’سيمينول لاج‘ جي نالي سان مشهور هو، گهڻو وقت گهارڻ لڳو. پنهنجي پاڙيسرين سان گڏجي هو فلوريڊا جي دريائن يا ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ مڇيءَ جو شڪار ڪرڻ لاءِ وڃڻ ۾ وڏي خوشي محسوس ڪندو هو. فورڊ جي جديد ماڊل ڪار ۾ ويهي هو نارنگين جي باغ ۾ سير جو سدائين مَزو ماڻيندو هو. آهستي آهستي هو پنهنجي تجربيگاهن کان پَري ٿيندو ويو ۽ پنهنجي گهر ڀاتين سان وڌيڪ وقت گذارڻ لڳو.

سال 1929ع ۾ بجليءَ جي روشني ايجاد ٿيڻ کي پنجاهه سالَ پورا ٿيڻ وارا هئا. ان جي پنجاهين سالَ وارو جنم ڏينهن آهستي آهستي ويجهو ايندو پئي ويو. جڏهن اهو وڌيڪ ويجهڙو پهتو ته فورڊ پنهنجي دوست لاءِ هڪ عظيم عاليشان

يادگار جوڙائڻ ۾ برقي روشنيءَ جي گولڊن جوبلي ملهائڻ واري موقعي تي ان جو افتتاح ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

# روشنيءَ (بجليءَ) جي گولڊن جوبلي

فورڊ گرين فليڊ پارڪ (مشيگن) ۾ منلو پارڪ جون ڪجھ اهم عمارتون ٻيھر جوڙايون ۽ انهن کي ٿامس. اي. ايڊيسن جي يادگار طور تي سدائين سانڍي رکڻ جو فيصلو ڪيو. فورڊ ويسٽ اورينج وڃي پوڙهي موجد سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيس پيرائتي نموني ٻُڌايو ته هو گرين فيلڊ ۾ سندس يادگارُ ڪهڙيءَ ريت قائم ڪرڻ ٿو گهُري.

”مسٽر ايڊيسن! مان چاهيان ٿو ته اوهان مون سان گڏجي منلوپارڪ هلو ۽ اُتي انهيءَ تجربيگاهَ بابت مون کي سموريون ڳالهيون ٻُڌايو، جن ۾ اوهان بجلي ايجاد ڪئي هئي.“ ٻئي دوست گڏجي منلوپارڪ ويا. اُتي هر پاسي سُڃ ۽ ويراني هئي. پهاڙيءَ جي پيٽ جي ماپ ڪئي وئي ۽ اُن جون تصويرون ڪڍيون ويون. جنهن جاءِ تي اڌ صدي اڳ بجليءَ جي روشني ايجاد ڪئي وئي هئي، اُتي هينئر ٽُٽل ڦِٽل سامانَ جا ڍيرَ ۽ بي رنگ سِرَن جي انبار کان سواءِ ڪجھ به باقي نه بچيو هو. فوٽوگرافرن مٽيءَ جي انهن ڍَڙن جون به تصويرون ڪڍيون. هوشيار مزورن مَلبو هٽائي، عمارت جي اصل بنيادن جا نشانَ ڳولي ڪڍيا. تعميراتي ماهرن انهن جي ماپ ڪئي ۽ تصويرون ڪڍيون.

مسٽر ايڊيسن اچرج مان چيو: ”هو ڏِسو! تجربيگاهَ جي هڪ دريءَ جو تاڪ هُو پيو آهي.“

مزورن اُنهيءَ تاڪ تي پَرچي چنبڙائي، حفاظت سان هڪ صندوق ۾ بند ڪري ڇڏيو. ٻين ماڻهن ڊنل عمارت جي ڍيرَ گوڙڻ شروع ڪيو. انهن مِٽيءَ جو هڪ هڪ تَهُه جدا ڪري شيشي جو هر ذرو، تارَ جو هر ٽُڪرو ۽ ٽُٽل اوزارن جو هر حصو يا ٻيون جيڪي شيون ملي سگهيون، گڏ ڪري ورتيون.

پَڳل ٽُٽل شين جا سمورا حصا صاف ڪري مضبوط دَٻن ۾ بند ڪيا ويا. ڳولا ڪندڙن اخروٽ جي وڻ جو اُهو ٿُڙ بہ ڳولي ورتو، جيڪو تجربيگاهَ جي مُکُ دروازي تي لڳل هو. اُهو بہ ڪوتي محفوظ ڪيو ويو. ايڊيسن هر عمارت، انهن اوزارن ۽ سموري سامانَ جو تفصيلوار ذڪر بيان ڪيو. اُن جو ٻُڌايَل هر هڪ لفظ لکيو ويو.

خوشقسمتيءَ سان منلوپارڪ جون بہَ عمارتون پنهنجي جهوني حالت ۾ انهيءَ وقت بہ موجود هيون. جنرل اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ شيشي ٺاهڻ جي پراڻي ڪارخاني کي بہ ايڊيسن جي يادگار ۾ تبديل ڪيو. عمارت ۽ ان جو سارو سامان فورڊ کي ڏنو ويو. مزورن عمارت جو هڪ هڪ حصو ڌار ڪري ڇڏيو ۽ هر شيءِ گرين فيلڊ ڪٽي ويا تہ جيئن اها عمارت ٻيهر جوڙائي سگهجي. مسز سيلي جورڊن جو مسافر خانو اڃا بہ موجود هو. ان کي بہ پَٽجي، اُن جا سيئي حصا مشيگن پهچايا ويا.

فورڊ پنهنجي ماڻهن کي پسگردائيءَ وارن ڳوٺن ۾ بہ موڪليو تہ اُتي منلوپارڪ جي مشهور تجربيگاهہ جي ڪنهن حصي جو ڪوئي بہ ٽُڪرو موجود هجي تہ هو اُهو بہ حاصل ڪري وٺن. اُنهن ڳولا ڪندڙن کي هڪ حجم جي دُڪان ۾ تجربيگاهہ جو مُک دروازو ملي ويو. ٿوپين جي هڪ دُڪان ۾ هڪ اندريون دروازو بہ مليو. فورڊ ٽن هارين جي انهن گهَرن کي بہ خريد ڪري ورتو، جن جي اڏاوت ۾ مشهور تجربيگاهہ جي عمارت جو ڪاٺُ اِستعمال ڪيو ويو هو. اُهي گهَرَ ڪيرايا ويا ۽ انهن ۾ منلوپارڪ جي تجربيگاهَ جا جيترا تختا ۽ شهتير استعمال ڪيا ويا هئا. اهي سيئي عمارتن جي ٻيهر جوڙجڪ لاءِ گرين فيلڊ موڪليا ويا.

سنہ 1928ع ۾ مسٽر ايڊيسن، مسٽر فورڊ کي فورٽ مائرز (فلوريڊا) وارو تجربيگاهہ ڏنو. جتي هن هڪ ٻوٽي جي تاندوري سان هٿرادو ربڙ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اُن جي هڪ ماڙ عمارت ڪاٺ تي ٻوٽي تي تختا هٽي ٺاهي وئي هئي، جنهن جو سمورو عمارتي سامان، رندَن، بوائلرن ۽ مشينن کي بہ گرين فيلڊ پهچايو ويو.

فورڊ جي ماڻهن بجليءَ تي هلندڙ پهرين ريلوي انجڻ جا ڪجهہ حصا بہ ڳولي ورتا، جيڪا ايڊيسن 1880ع ۾ منلوپارڪ ۾ ٺاهي هئي، اُهي حصا هڪ نئين انجڻ جوڙڻ لاءِ ڪتب آندا ويا. اُن انجڻ سان پنجاهہ سالن تائين جنهن قسم جون گاڏيون هلايون ويون هيون، اهڙيون ئي بہ گاڏيون بہ ٺاهيون ويون. انهن ئي ڏينهن ۾ سرن جي جنهن ٻَني ۾ منلوپارڪ جي اصل تجربيگاهہ لاءِ سرون ٺاهيون ويون هيون، وري ٻيهر اهڙيون ئي سِرون اُتي ئي ٺاهڻ شروع ڪيون ويون. شيشي جو سامان جوڙڻ واري جنهن ڪارخاني سنہ 1880ع ۾ ايڊيسن لاءِ شيشيون تيار ڪيون هيون، هُن پنهنجي آفيس جي فائيلن مان اصل آرڊر ڳولي لڌو ۽ فورڊ ان ڪارخاني مان بلڪل اهڙيون شيشيون ٺهرايون، جهڙيون سٺ سالَ اڳ ايڊيسن کي ڏنيون ويون هيون.

سيپٽمبر 1927ع جي پڇاڙيءَ ۾ فورڊ پاڻ کان وڏي عمر واري دوستَ کي مشيگن اچڻ جي دعوت ڏني. اهي ٻئي دوستَ گاڏيءَ تي چڙهي روَج درياءَ جي ڪِناري هڪ وڏي کُليل ميدان ۾ ويا. اُتي هر پاسي گپَ ئي گپَ هئي، جنهن جي وچ ۾ ڪنڪريٽ جو هڪ وڏو بلاڪُ نهيل هو، جيڪو ايڊيسن جي قد کان بہ گهڻو وڏو هو. فورڊ پنهنجي ملازم کان هڪ بيلچو وٺي ايڊيسن کي ڏيندي چيو: ”مان هِن يادگارَ کي پنهنجي فوت ٿي ويل دوست لوٿر بوربينڪ کي بہ ارپڻ چاهيان ٿو. هي بيلچو ڪنهن وقت سندس ملڪيت هو. مهرباني ڪري ڏاڪڻ تي چڙهي ڪنڪريٽ واري بلاڪَ جي وچ ۾ وجي هِن بيلچي کي نرم ڪنڪريٽ اندر سِڌو پُوري ڇڏيو.“

ايڊيسن اُهو بيلچو ورتو ۽ ڏاکڻ تي چڙهي ڪنڪريٽ واري بِلاڪ جي ڪُنڊ وٽ پهتو. هِن ڏٺو تہ سخت بلاڪَ تي اُن مهل نرم ڪنڪريٽ جو تَهُہ وِڇايو ويو هو.

ايڊيسن فورڊ کي چيو: ”ڪنڪريٽ اجا آلي آهي ۽ مان هِن تي هلندس تہ بلاڪ مَٿان منهنجي پيرن جا نشان ٺهي پوندا.“

”اِهو ئي تہ مان چاهيان ٿو، منهنجي خواهش آهي تہ هِن پٿر تي اوهان جي قدمن جا نشانَ سدائين لاءِ ٺهي پون ۽ بوربينڪ جو بيلچو بہ ائين ئي باقي رهي.“ فورڊ وراڻيو.

بيلچو مضبوطيءَ سان ڪٽي جهونو ايڊيسن بلاڪَ جي وچ تائين ويو ۽ اُن کي نرم ڪنڪريٽ ۾ گوڙي ڇڏيائين. ان جي ڪاٺَ وارو هَٿيو جهندي هٿڻ وارو ننڍو لَڪِڙو پَئي معلوم ٿيو. ان ڪانپوءِ ايڊيسن ڏاڪڻين تان لهي واپس آيو. ڪنڪريٽ تي سندس قدمن جا اَڻَ ڇِٽا ۽ واضح نشانَ بڻجي پيا.

فورڊ التجا ڪئي ”اجا هيٺ نہ لهو، هي ڇهنبائتو قلم وٺو ۽ اِن سان سيمنٽ تي پنهنجو نالو ۽ تاريخ لِکي ڇڏيو.“

ايڊيسن نوڪدار قلمَ سان صاف ۽ کُليل لفظن ۾ صَحي ڪئي ۽ پنهنجي نالي هيٺان انگن ۽ اکرن ۾ تاريخ ”27 سيپٽمبر 1928ع“ بہ لکي ڇڏي.

فورڊ چيو: ”مهرباني! هِن بلاڪَ جي چوڌاري جنهن ۾ اوهان جي صحي ۽ قدمن جا نِشانَ بڻيل آهن ۽ بوربينڪ جو بيلچو لڳل آهي، مان هتي هِڪُ وڏو عجائب گهر جوڙائيندس.“

ڪجهہ مهينن اندر گرين فيلڊ پارڪ ۾ منلوپارڪ واري تجربيگاهُہ ٻيهر تعمير ڪئي وئي. ڪٻٽن اندر شيشين ۾ مختلف رنگن جون ڪيميائي شيون رکيون ويون. روشنيءَ لاءِ ڇت مان ڌاتوءَ جون ٺلڪيون لَڙڪايون ويون. مسٽر ايڊيسن فورڊ کي اُها ڪُرسي بہ ڏني، جنهن تي ويهي هِن چاليهَہ ڪلاڪَ لاڳيتو بجليءَ جي پهرين روشني ڏٺي هئي. تارَ موڪلڻ واري اصل ميز پنهنجي پُراڻي جاءِ تي رکيل هئي. مالَ گاڏن تي نيو جرسيءَ جي ڪيترائي ٽَنَ ڳاڙهي مِٽي

مشيگن آندي وئي ۽ پراڻين عمارتن جي ٻيهر اڏاوت ڪانپوءِ اها مٿي انهن جي چوڌاري وڇائي وئي تہ جيئن هر شيءِ پنهنجي اصلي پسَ منظر ۾ نظر اچي.

مسٽر فورڊ گِرانڊ ٽرنڪ ريلوي ڪان اِسمٿ ڪريڪ واري اصلي اِسٽيشن بہ خريد ڪئي ۽ ان جي هڪ هڪ سِرَ ملائي اُن کي گرين فيلڊ ۾ ٻيهر تعمير ڪيو ويو. ڳولا ڪندڙن مهينن جي ڊُڪ ڊوڙ ڪانپوءِ هفتيوار 'هيرالڊ' جا بہ شمارا بہ حاصل ڪري ورتا، جيڪي ايڊيسن سَتر اَسي سال اڳ ۾ ڇپيا هئا.

انهيءَ عرصي ۾ ئي فورڊ ڪاٺُ بارڻ واري پراڻي ريلَ جي انجڻ ۽ مسافر گاڏين جا ٻہَ ڊَبا بہ حاصل ڪيا، جيڪي سال 1850ع کان 1860ع واري وقت اندر استعمال ڪيا ويا هئا. اُهي هوبهو اُن گاڏيءَ جي ڊَبن جهڙا هئا، جنهن ۾ ايڊيسن ڪنهن دؤر ۾ اخبارون وڪڻندو هو. سامان رکڻ لاءِ سگريٽ ڇڪڻ واري ڊَبي ۾ ڪاريگرن بلڪل ائين ئي هڪ تجربيگاهہ ٺاهي. جهڙي ايڊيسن ننڍپڻ ۾ استعمال ڪندو هو. هڪ پراڻي هَٿ واري پريس ۽ ڌاتوءَ جي پراڻي ٽائيپ بہ هَٿ ڪري سامان جي ڊبي ۾ مقرر هنڌ تي رکي وئي.

آڪٽوبر 1929ع جي وچ ڌاران مسٽر ۽ مسز ايڊيسن ڊٽرائٽ پهچي ويا. جتي برقي روشنيءَ جي گولڊن جوبليءَ تائين فورڊ جي مهمان واري حيثيت سان رهڻو هو. مشيگن پهچڻ ڪانپوءِ هڪ ڏينهن ايڊيسن پنهنجي ميزبان سان گڏ ڪار تي گرين فيلڊ ويو، جتي منلوپارڪ واريون پراڻيون عمارتون ٻيهر جَوڙايون ويون هيون ۽ انهن چوڌاري سفيد ڪانيءَ جو جَهنگلو ڏياريو ويو هو.

منلوپارڪ جي اوائلي ڪارڪنن مان رڳو فرانسس جيهل زندهہ سلامت هو ۽ هو ٻيهر جُڙي راس ٿيندڙ تجربيگاهہ جي در وَٽ ايڊيسن ۽ فورڊ جي آجيان لاءِ بيٺل هو.

"مڪمل... مڪمل... هر شيءِ مڪمل آهي." ايڊيسن عمارت جو جائزو وٺندي چيو.

فرانسس جيهل جي ويجهو واري دريءَ ڏانهن اشارو ڪندي هُن وڏيڪ چيو:

”مسٽر فورڊ ڪي منلوپارڪ جي دريءَ جو رڳو هڪ تاڪُ مِلي سگهيو آهي، تنهنڪري اُهو هڪڙو ئي پراڻو تختو لڳايو ويو آهي.“

ٽئي ڏاڪٽيون چڙهي تجربيگاهَ جي اندر ويا. ايڊيسن وڏي هالَ ۾ خوش ٿي هلڻ لڳو. اوچتو هُو هڪ ميز وٽ پهچي بيهي رهيو ۽ هُن هڪ پراڻي پوري رنگ جو گرلُ (دوائن پيهڻ واري ڪونڊي) ڪڍي ورتو.

”آڙي...!“ هُن حيرت مان چيو:

”هي تہ اُهو ئي ڪرل آهي، جنهن ڪي شروعاتي دؤر ۾ ڪتب آڻيندو هئس. توڪي ڪٿان مِليو؟“

”منهنجي ڪاريگرن ڪي اُن جا ٽٽل حصا نيو جرسيءَ واري پراڻي تجربيگاهہ جي ڪنڊرن مان مِليا هئا، جن جي ٽُڪرن ڪي هُنن ٻيهر ڳنڍيو آهي“ فورڊ وراڻيو.

ايڊيسن چارئي پاسا ڏِسندي چيو: ”پراڻي زماني ۾ هي ڪرلُ ميز تي نہ رکيو ويندو هو.“ هُن هڪ ڪٻٽ جي دروازي وٽ وجي گرل ڪي اُتي رکندي وڏيڪ ٻُڌايو ”هي هميشہ هِتي رکيل هوندو هو.“

تجربيگاهَ جي پوريءَ طرح معائنو ڪرڻ کانپوءِ ايڊيسن پراڻي ميز آڏو چيريءَ واري اوائلي ڪُرسيءَ تي ويهندي اِظهاريو:

”نيڪ آهي، بلڪل نيڪ. هڪ ننڍڙي ڪوتِ ڪان سواءِ هر شيءِ اهڙيءَ ريت آهي، جيئن هئڻ گهرجي ها.“



”ڪ... ڪ... ڪهڙي خامي رهجي وئي آهي.“ فورڊ هبڪندي پُڇيو. سندس مُک مان پريشاني پئي بَکِي. ”منهنجي خيالَ ۾، مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته ڪهڙي چيز ڪهڙي هنڌ هجڻ گهرجي ها.“

ايڊيسن خوشيءَ مان هڪ وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو: ”ٽورڙو... هِن ڪمري جي فرشَ ڏانهن ڏِسو! پراڻي زماني ۾ هي ڪڏهن به ايترو صاف سُٿرو نه هوندو هو.“

”اسان جو آقا، ننڍڙي ننڍڙي مذاق ڪرڻ کان ڪڏهن به مُڙي نٿو“ جيهل کِلَ کي روڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي چيو ۽ اُن سان گڏجي فورڊ به زوردار ٽهڪ ڏنو.

ايڊيسن وڏي آواز ۾ چيو "چڱو هاڻي مون کي ڊاڳو ڏيو ته جيئن بلب جي تارَ ٺاهڻ لاءِ انهن جو ڪوئلو ٺاهيان."

فورڊ ۽ جيهل جي هوندي جهوني ايجادون ڪندڙ اهڙي طرح ڌاڳي تي ڪارنهن مَلِي جيئن هُن پنجاهُ سال اڳ هنئي هئي. پوءِ هُن اُهي ڌاڳا ٻَنيءَ ۾ ٻاريندي انهن کي ڪاربان ۾ تبديل ڪيو. مسٽر ايڊيسن هڪ تارَ شيشي جي بلب ۾ وجهي ڇڏي ۽ اُن کي ميز تي رکندي فورڊ ۽ جيهل سان گڏجي تجربيگاهَ مان ٻاهر هليو ويو.

21 آڪٽوبر 1929ع تي برقي روشنيءَ جي گولڊن جوبلي مَلهائجڻي هئي. صبح کان ئي برسات پوڻ شروع ٿي وئي ۽ شديد ٿڌ پوڻ لڳي. اِن هوندي به مسٽر ۽ مسز فورڊ ڪار تي مسٽر ۽ مسز ايڊيسن کي روج ٽرانسفر واري ريلوي اسٽيشن تي وَٺي ويا. صدر هاور، مسز هاور، جنگي وزيرُ جيمس گڊ ۽ ٻيا خاص مهمان پنهنجين گاڏين مان اُتي لٿا. فورڊ اُنهن جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ کين اُن جاءِ تي وٺي ويو جتي سال 1850ع ۽ 1860ع جي وچ ڌاران استعمال ٿيندڙ قديم نموني واري ريل اِنجڻ ۽ ڊَٻا بيٺل هئا. مسٽر فورڊ مهمانن کي مخاطب ٿيندي چيو:

"مان اوهان کي هِن ريل رستي گرين فيلڊ جو مختصر سفر ڪرائيندس."

جڏهن سيئي مسافر ريل ۾ سوار ٿيا ته ڊرائيورَ سيٽي هنئي ۽ ٻرندڙ ڪاٺ تي هلندڙ انجڻ دونهون ۽ چٽنگون ڪيندي پنهنجي منزل ڏانهن رواني ٿي.

مسٽر ۽ مسز ايڊيسن فورڊ سان گڏ سامان رکڻ واري ڊَٻي ۾ ويا. ايڊيسن هڪ نظر تجربيگاهه تي وڌي ۽ چيو:

"هيءَ ڪهڙي مشڪري آهي؟ هيءَ ته اُها ئي تجربيگاهه آهي، جنهن کي ستر سالَ اڳُ مان استعمال ڪندو هئس. هو ڏسو مِنائي وڪڻڻ وارو تَشتُ به رکيل آهي. هي منهنجي پُراڻي پريس آهي." هُن مشين کي غور سان ڏسندي وڌيڪ چيو: "... ۽ هِي 'ويڪلي هيرالڊ' جو پَرچو به ڇپجڻ لاءِ ڪمپوز ٿيل پيو آهي."

مسٽر ايڊيسن جي اکين ۾ خوشيءَ وارا لُڙڪَ لڙي آيا. ”ها... جي... سچ مسٽر فورڊ چاهي ٿو ته مان پراڻي اخبارَ وري ڇاپي هِن ريلَ جي مسافرن ۾ اڄ جي سفر جي ياد طور پيش ڪريان.“

ايڊيسن جيتوڻيڪ اُن وقت تائين بلڪل ٻَوڙو ٿِي ويو هو، پر هُن سُٽت ئي سمجهيو ته سندس گهر واري ڇا ٿي چوي، ڇو ته اُن جي چَپن جي چُرپُر سان هو ڳالهه سولائيءَ سان سمجهي سگهندو هو. ايڊيسن پُراڻي پِريس کي هَلائڻ شروع ڪيو. جون 1863ع جي ’ويڪلي هيرالڊ‘ جو هڪ شمارو ڇپجي نڪرڻ لڳو. تنهن ڪانپوءِ ايڊيسن جي گهڻگهُرن دوستن منائيءَ واري ڇاپَ سندس ڪَنڌَ ۾ لڙڪائي ڇڏي ۽ اخبارَ جا اُهي پرچا، جيڪي اُن وقت ڇپيا ويا هئا، ڪيس هٿ ۾ ڏئي ڇڏيا. ٻياسي ورهين وارو اخبارَ فروش وڏي فخر سان گاڏيءَ ۾ ڦيرو ڏئي هر مسافر کي هڪ اخبارَ ۽ منائيءَ جو هڪ ٽُڪرو ڏئي آيو.

ريلَ ٿوري وقت اندر ئي سمٿس ڪريڪ جي ڀيهر جوڙايل اِسٽيشن تي پهچي وئي. هڪ ڏينهُن اُهو هو، جڏهن هڪ ڪنڊڪٽر گارڊ ڪاوڙ ۾ اچي ننڍي عمر واري ايڊيسن کي ڪاٺ واري پليٽ فارم تي زوريءَ لاهي ٻي سهارو ۽ هيڪلو ڪري اڇلايو هو، ڇو ته هُن ڪان سامان جي دٻي ۾ باهه لڳي وئي هئي، پر سَتهٺ سالن ڪانپوءِ 21 آڪٽوبر 1929ع تي آمريڪي صدر رابرٽ هاوور وڏي فخر سان ايڊيسن کي پنهنجي هَٿ ڪان ونئي خاص طور نهيل ڏاڪڻين تان لاٿو ۽ ڪاٺَ جي انهيءَ ئي پليٽ فارم تي ونئي ويو.

سمٿس ڪريڪ جي ريلوي اسٽيشن تي لهي سمورا مهمانَ موٽر ڪارن وسيلي گرين فيلڊ جون عمارتون ڏسڻ ويا. اُتي لوگن ضلعي جي ان عدالت جي عمارت به ڀيهر جوڙي وئي هئي، جنهن ۾ ڪنهن وقت لنڪن وڪالت ڪندو هو. صدر هاوور ان يادگار عمارت ۾ باهه روشن ڪئي. اُها باهِه حڪومت ۽ گهَرَ جي علامت هئي. هڪ ٻي باهِ ايڊيسن سِرن سان ٺهيل مشين سازيءَ واري ڪارخاني ۾ ان بوائلر هيٺان ٻاري، جيڪو ڪنهن دؤر ۾ سندس تجربيگاهه واري مشين کي هلائيندو هو. اِها آگ سائنس ۽ هنرمنديءَ جي علامت هئي. اِهي ٻئي باهيون،

جيڪي ان ڏينهن صدر هاوور ۽ مسٽر ايڊيسن ٻاريون هيون، ايڊيسن جي دائمي يادگار جو حصو آهن. اُنهن جا شعلا ڪڏهن به نه وساميا ۽ اُهي اڃتي به اهڙي طرح ٻَرڪندا رهندا.

منجهند جو سيئي مهمانَ پنهنجي پنهنجي هوٽلن ڏانهن هليا ويا. مسٽر فورڊ ايڊيسن کي ٿڪائڻ نه پئي چاهيو ۽ هُن اهو خاص خيالُ رکيو ته رات جي دعوت کان اڳ هِن کي آرام ڪرڻ لاءِ ڪجهه وقت ملي وڃي.

شامَ جو سيئي مهمانَ ان عظيم عاليشان عمارت ۾ ويا، جتي هڪ عجائب گهر قائم ٿيڻو هو. هر شخص ڪنڪريٽ وارو اهو وڏو بِلاڪ به ڏٺو، جنهن کي زمين سان گڏ لڳايو ويو هو ۽ جنهن ۾ بورٻينڪ وارو بيلچو کوڙڻ کانسواءِ ايڊيسن جي قدمن جا نشانَ ٻڌيل هئا ۽ صحي ڪيل هئي. مُک دروازي جي وراندي ويجهو ڪيترن ئي ڪمرن اڳيان رستي ۾ ٽي ڊگهيون ڊگهيون ميزون هڪٻئي پويان وڇايل هيون. ان سان گڏ هڪ اوچي پليٽ فارم تي ٻَه ٻيون ميزون رَکيل هيون، انهن پنجن ئي ميزن جي مُنڍ تي هڪ تمام وڏي 'T' کي ڪٽڻ واري ليڪ جيان هڪ ٻي به ميز پيل هئي، جيڪا اعزازي مهمانَ لاءِ هئي. انهن پُٺيان پِٽِ تي آمِريڪا جا ٻَہ جهنڊا صليبَ جي صورت ۾ لَٽڪي رهيا هئا. انهن جهنڊن هيٺان صدر هاوور ۽ مسز هاوور جون خاص ۽ اعزازي ڪرسيون هيون. ڪمري ۾ رڱو وڏيون وڏيون سفيد ميڻ بتيون ٻَري رهيون هيون، جيڪي چانديءَ جي شمعدانن ۾ لڳل هيون. صدر هاوور جڏهن اُتي پهتو ته هُن اعزازي مهمانن وارين ڪُرسين تي ويهڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو ۽ ان جاءِ تي مسٽر ۽ مسز ايڊيسن کي ويهارڻ لاءِ زورُ ڀريو.

جنرل اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ جي چيئرمئن مسٽر اوون. ڊي. نيگ مهمانن جي سيوا جا فرض بَجا آندا. دعوت دوران ڪيترين ئي تارون پڙهي ٻڌايون ويون، جيڪي دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ کان پهتيون هيون، جن ۾ ايڊيسن کي خراجُ تحسين پيش ڪيو ويو هو. انگلستان مان پرنس آف ويلز مبارڪباد جو هڪ پيغام اُماڻيو. ڊاڪٽر البرٽ آئنسٽائن جو برلن ريڊيو تان هڪ پيغام نشر ٿيو. وائرليس

جي موجد گاگ ليلمو مارڪونيءَ هڪ ساموندي تارَ وسيلي انهيءَ عظيم اِنسان ڪي مبارڪن جو نياپو موڪليو، جنهن جڳَ ڪي برقي روشنيءَ جي نعمت سان نوازيو هو. ايڊ مرل رچرڊ اي. برڊ، جيڪو اُنهن ڏينهن ۾ ڏکڻ قطب جي مهم جوئيءَ تي ويل هو، لِٽل آمريڪا مان ريڊيائي پيغام موڪليو.

مسٽر فورڊ جي اِشاري تي صدر هاوور، مسٽر ايڊيسن ۽ فرانسس جيهل پنهنجين ڪرسين تان اُٿي بيٺا. موٽر ڪارن تي اُهي چارئي منلوپارڪ جي ٻيهر ٺاهيل تجربيگاهه ۾ ويا. وڏي هال اندر گئس جي نلڪين جي ڌُنڌلي روشني ڦهليل هئي. مسٽرايڊيسن شيشي جو بلب کنيو، جيڪو هُن ڪجهه ڏينهن اڳ تيار ڪيو هو ۽ هوا ڪڍڻ واري پمپ ۾ لڳائي ڇڏيو:

”فرانسس! پَمپ هلاءِ!“ مسٽر ايڊيسن چيو.

سَٺ ورهين وارو جِيهل پنهنجي ننڍپڻ ۾ تجربيگاهَ جا ننڍڙا ننڍڙا ڪم ڪندو هو، سو هڪ ٽپائيءَ تي چڙهيو ۽ هُن ٽوٽٽي کولي ڇڏي. پارو ڏَڙ ڏَڙِ ڪندو هيٺ ڪِرڻ لڳو. پارو ڪِرڻ سان ئي بلب مان هوا ٻاهر نِڪرڻ لڳي. ايڊيسن هَٿ جو اِشارو ڪيو ۽ جِيهل هوا ٻاهر ڪَڍڻ وارو پمپ بَند ڪري ڇڏيو.

ريڊيو جو هڪ انائونسر مائڪرو فون وٽ بيهي سمورن واقعن جو اکين ڏِٺو احوالُ ٻُڌائي رهيو هو. هڪ مقرر وقت تي ايڊيسن بجليءَ جي سُئچ تي پنهنجو هٿ رکي ڇڏيو ۽ جيئن ئي اُن جي پَوڙهين آڱرين سُئچ دٻايو تہ پراڻي نموني وارين بيٽرين مان برقي قوت بلب ۾ داخل ٿي وئي، ڪاربان واري تارَ ڀهريائين ڳاڙهسري ٿي ۽ پوءِ اوچتو هڪ شعلو ڀڙڪي پيو ۽ هر پاسي تيز روشني ڦهلجي وئي.

ريڊيو- انائونسر وڏي واڪي سان اعلان ڪيو: ”مسٽر ايڊيسن بلب ٻاريو.“

مسٽر ايڊيسن جو بلب ٻرندي ئي دعوت واري هال ۾ بجليءَ جا سيئي بلب، جيڪي اکين ڪان اوجَهل رکيا ويا هئا، هِڪِ ئي مهل ٻَري پيا. هال روشنين جو مَحَلُ بڻجي پيو ۽ ڏسندڙن دادَ جا نعرا بُلند ڪيا. اُن ساڳيءَ ويل آمريڪا جي لکن گهَرن ۾ بجليءَ جا سيئي بلب، جيڪي اُن خاص گهڙيءَ خاطر وِسايا ويا هئا،

بَاريا ويا. ٿامس. اي. ايڊيسن جي عظيم عاليشان ايجاد جي پنجاهين سالگرهہ ملهائڻ ۽ ڪيس مڃتا ڏيڻ لاءِ هر طرف هر جاءِ روشني ئي روشني جَرڪا ڏئي رهي هئي.

ايڊيسن، جيهل، فورڊ ۽ صدر هاوور دعوت واري هالَ ۾ واپس آيا، اُتي مسٽر ايڊيسن هڪ تقرير ڪئي، جنهن ۾ هُن ذاتي نهنائيءَ ۽ نماڻائيءَ جو اظهار ڪيو. تقرير ڪان پوءِ هال 500 مهمانن جي تاڙين سان گهڻي دير تائين گونجندو رهيو.

اوچتو مسز ايڊيسن ڪان رڙ نڪتي: ”ڏِسو ڏِسو...! مسٽر ايڊيسن کي ڇِا ٿي ويو...!!“

مسٽر ايڊيسن جو چِهرو پيلو ٿي ويو هو ۽ هُو بيهوش ٿي ڪرسيءَ آڏو ڍُرڪي پيو هو. سوين موجود ماڻهو پريشان ۽ وياڪل بڻجي پيا. ڪجهہ ماڻهن کيس آهستي ڪڍي پَر واري هڪ ڪمري ۾ پهچايو ۽ کيس هڪ گديءَ تي ليٽايو ويو. صدر هاوور جي ذاتي علاجُ ڪندڙ ڊاڪٽر جوئل. ٽي. بون ايڊيسن کي ابتدائي طبي امداد ڏني. ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ مايوس مهمانن کي خوشخبري ٻُڌائي وئي تہ مسٽر ايڊيسن هوش ۾ اچي ويو آهي.

مسٽر ايڊيسن کي اهڙي اچانڪ حملي ڪانپوءِ ظاهر طور تي تہ شفا ٿي وئي هئي، پر سندس صحت لاڳيتو بگڙجندي رهي. سنہ 1930ع ۾ هِن مٿان بيهر مرض جو شديد حملو ٿيو ۽ سيني گهَٽگهرن اِهو سمجهي ڇڏيو تہ دنيا جلد ئي هِن عظيم اِنسان ڪان مَحروم ٿي ويندي.

11 فبروري 1931ع تي ايڊيسن پنهنجي آخري سالگرهہ مَلهائي. اُن وقت سندس عمر چوراسي سالَ هئي. ان ڪانپوءِ هن جي صحت وڌيڪ خراب ٿيندي رهي ۽ آخر ڏينهن 18 آڪٽوبر 1931ع تي ايڊيسن هميشہ لاءِ پنهنجيون اکيون ٻُوٽي ڇڏيون. ٽِن ڏينهن ڪانپوءِ برقي روشنيءَ جي ٻاونجاهين جنم ڏينهن تي هُن کي ويسٽ اورينج (نيوجرسيءَ) ۾ مِٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

هِن دنيا ۾ جيستائين فونوگراف ٻُڌو ويندو، سئنيمائن ۾ فلم ڏِني ويندي، کوٻہ بجليءَ جي ريلَ تي سفر ڪندو، دنيا جي ڪنهن بہ ڪندُ تي بجليءَ وارو بلب روشن ٿيندو، تہ نہ رڳو انسانذات تي احسان ڪندڙ ٿامس. اي. ايڊيسن جي ڪنهن نہ ڪنهن ايجاد ڪيل عطئي مان ضرور فائدو حاصل ڪندو، پر اهڙيءَ طرح انهيءَ عظيم اِنسانَ جو نالو بہ سدائين لاءِ سلامت ۽ روشن رهندو.

(پورو ٿيو)